# سِنڌي
# ٻالَ ٻارَتي
## درجو ستون



# ڀارتيہ سنوڌان

## باب - چوٿون الف

# بنيادي فرض

**قلم 51A**

**بُنيادي فرض : ڀارت جي هرهڪ ناگرڪ جو فرض آهي تہ :**

(الف) هوُ ڀارت جي سنوڌان کي مڃيندو، اُن جي قومي جهنڊي، قومي تراني، آدرشن ۽ سنستائن جي عزت ڪندو.

(ب) آدرش ويچارن، جن آزاديءَ جي لڙائيءَ لاءِ همٿايو ۽ اُتساهہ ڏنو، اُنهن جي سنڀال ۽ پيروي ڪندو.

(ٻ) ڀارت جي ايڪتا، اکنڊتا ۽ سمپورڻتا جي رکشا ڪندو.

(ڀ) ديش جي حفاظت ڪندو ۽ وقت پوڻ تي ديش سيوا ۾ ٽپي پوندو.

(پ) سڀني ماڻهن ۾ هڪ ايڪتا جي ڀاونا پيدا ڪندو، جيڪا ڌرم، ڀاشا، ڪيتروادِ جي ڀيدڀاءُ کان پري هوندي. اَهڙيون رسمون جيڪي عورت ذات خلاف هونديون، اُنهن جو بهشڪار ڪندو.

(ت) ڀارت جي جامع سنسڪرتي ۽ شاندار ورثي جي حفاظت ڪندو ۽ مُلهہ سمجهندو.

(ٿ) قدرتي ماحول جهڙوڪ جهنگل، ڍنڍون، نديون، جهنگلي-زندگي اِنهن جو بچاءُ ڪندو ۽ سڀني پراڻين لاءِ دردمندي رکندو.

(ٽ) وگيانڪ درشٽي، اِنساني مُلهہ، جاچ جوُچ ۽ سڌاري جي ڀاونا کي اَهميت ڏيندو.

(ٺ) عام ملڪيت کي سلامت رکندو ۽ هنسا کان پري رهندو.

(ٿ) شخصي ۽ گڏيل مشغولين جي سڀني کيترن ۾ اَڳتي وڌڻ جي لڳاتار ڪوشش ڪندو جنهن ملڪ اَڳتي وڌندو رهي ۽ ڪاميابيءَ جي اوچاين کي ڇُهي.

(ڪ) ماءُ يا پيءُ يا پالڪ آهي تہ اُهو ضرور ڏسي تہ پنهنجي ٻار کي تعليم حاصل ڪرڻ جو موقعو ڏيندو. جنهن جي عمر ڇهن ۽ چوڏهن سالن وچ ۾ هجي.

سرڪاري فيصلو نمبر: اڀياس ٢١١٦ (پر.ڪر ١٦ / ٤٣) ايس.ڊي.٤. تاريخ ١٦.٤.٢٥ موجب اسٿاپت ڪيل ڪو آڊرينٽينگ ڪاميٽيءَ جي تا. ١٧.٣.٣ جي ميٽنگ ۾ هي درسي ڪتاب طيءِ ڪرڻ لاءِ مختصر منظوري ڏني ويئي.

# سِنڌِي

# پال پارتي

## درجو ستون



مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پنهنجي سمارٽ فون ۾ DIKSHA APP ذريعي درسي ڪتاب جي پهرين صفحي واري Q.R. Code ذريعي Digital درسي ڪتاب ۽ هرهڪ سبق ۾ آيل Q.R. Code ذريعي ان سبق بابت پڙهڻ / پڙهائڻ لاءِ ڪارائتيون لنڪس ملنديون.

LGL3VU

پهريون ڇاپو : 2017
سڌاريل ڇاپو : 2022

© مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ نرمتي و اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي-۴۱۱۰۰۴
مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پستڪ نرمتي و ابياس ڪرم سنشوڌن منڊل، وٽ هن ڪتاب جا سڀ حق واسطا محفوظ آهن. هن ڪتاب جو ڪوبه ٽڪر ڊائريڪٽر، مهاراشٽر راڄيه پاٺيه پُستڪ منڊل جي لکيل اِجازت کان سواءِ ڪٿي نٿو سگهجي.


| | | |
|---|---|---|
| سنڌي ڀاشا سمتي ۽ اَڀياس ڳٽ سمتي | : | ڊاڪٽر ديال ’آشا‘ سياپتي<br>شري اَشوڪ ڪملداس مڪتا ميمبر<br>شري ميران مهيش ڳدواڻي ميمبر<br>شري وڄيه راڄڪمار منگلاڻي ميمبر<br>شري گوورڌن شرما ’گهايل‘ ميمبر<br>شريمتي راڄيشري جيناند ٽيڪچنداڻي ميمبر<br>شري ڪاجل اَنيل رامچنداڻي ميمبر |
| سنيوجڪ | : | شريمتي ڪيتڪي ڄاني<br>(اِنچارج وشيش اَڌڪاري سنڌي) |
| سنيوجڪ سهايه | : | شريمتي گيتا ڳڻيش ٺاڪر<br>(ڪاپي رائيٽر، سنڌي) |
| ٽائيپ سيٽنگ | : | ڪرشنا اِنٽرپرائيز، ڪئمپ، پوني<br>اَنيتا ماکيجا، ڄانڪي موٽواڻي |
| چترڪار | : | ڪماري سوپنالي وڄيه ڪمار اُپاڌيه |
| نرمتي | : | شري سچيتانند آڦڙي (مکيه نرمتي آفيسر)<br>شري سچن مهتا (نرمتي اَڌڪاري)<br>شري نتن واڻي (نرمتي اَڌڪاري) |
| پرڪاشڪ | : | شري وويڪ اُتم گوساوي،<br>پاٺيه پُستڪ نرمتي منڊل،<br>پرڀاديوي، ممبئي - ۲۵. |
| ڪاغذ | : | ۷۰ جي. ايس. ايم. ڪريم وو |
| پرنٽنگ آرڊر | : | N/PB/2017-18/2,000 |
| ڇاپيندڙ | : | M/S. BOMBAY BINDING WORKS & PRINTERS, MUMBAI. |

# ڀارت جو سنوڌان

## ديباچو

اسين ڀارت جا لوڪ، ڀارت کي هڪُ مڪمل طور خودمُختيار سماجوادي سَرو ڌرم ۽ سم-ڀاوَ وارو لوڪشاهي گڻراجيہ بڻائڻ لاءِ گنڀيرتا سان فيصلو ڪري ۽ انهيءَ جي سڀني ناگرڪن کي :

سماجڪ، آرٿڪ ۽ راڄنيتڪ نياءُ، ويچار، اظهار، وشواس، شرڌا ۽ اُپاسنا جي آزادي؛ درجي ۽ موقعي جي سمانتا؛ خاطريءَ سان حاصل ڪرائڻ ۽ اُنهن سڀني ۾ شخصي سؤمان ۽ راشٽر جي ايڪتا توڙي اکنڊتا جي خاطري ڏيندڙ ڀائيچارو وڌائڻ لاءِ.

اسان جي هن سنوڌان سڀا ۾ اڄ تاريخ چويهين نومبر، ١٩٤٩ جي ڏينهن، هن ذريعي هيءُ سنوڌان سويڪار ڪري، اُن کي قانون جي روپ ۾ پاڙ کي ارپڻ ڪريون ٿا.

## راشٽر گيت

جَنَ گَڻَ مَنَ اَڌِينايَڪ جَيَہ هي،
ڀارَتَ ڀاڳِيہ وڌاتا
پَنجابَ، سِنڌ، گُجراتَ، مَراٺا،
دراوڙَ، اُتڪَلَ، بَنگَ،
وِنڌيَہ، هِماچَلَ، يَمُنا، گَنگا،
اُڇَلَ، جل ڌِ تَرَنگَ،
تَوَ شُڀَ نامي جاڳي،
تَوَ شُڀَ آشيس ماڳي،
گاهي تَوَ جَيَہ - گاٿا،
جَنَ گَڻَ - مَنگَلَ دايَڪ جَيَہ هي
ڀارت ڀاڳِيَہ وڌاتا،
جَيَہ هي، جَيَہ هي، جَيَہ هي،
جَيَہ جَيَہ جَيَہ جَيَہ هي،

## پرتِگيا

’ڀارت منهنجو ديش آهي. سڀ ڀارتواسي منهنجا ڀائر ۽ ڀينر آهن.

مونکي پنهنجي ديش لاءِ پيار آهي ۽ مونکي ان جي شاندار ۽ طرح طرح جي ورثي تي گؤرو آهي. مان سدائين ان جي لائق ٿيڻ جو جتن ڪندو رهندس.

مان پنهنجن مٽن مائٽن، اُستادن ۽ سيني بزرگن جو سنمان ڪندس ۽ هر ڪنهن سان فضيلت ڀريو ورتاءُ ڪندس .

مان پرتگيا ٿو ڪريان تہ مان پنهنجي ديش ۽ ديشواسين سان سچو ٿي رهندس. انهن جي ڪلياڻ ۽ آسودگيءَ ۾ ئي منهنجو سک سمايل آهي.‘

# پرستاونا

پيارا شاگرد دوستو

توهان سڀني جو درجي ستين ۾ سواگت آهي. هن کان اڳ واري درجي ۾ بہ توهان ٻال ڀارتي ڪتاب پڙهيو آهي. درجي ستين جو ٻال ڀارتي درسي ڪتاب اوهانجي هٿن ۾ ڏيندي اسان کي بيحد خوشي ٿي رهي آهي.

دوستو سنڌي اوهانجي ماتر ڀاشا آهي. ٻين سان ڳالهائڻ وقت پنهنجا ويچار ڀاوَ ڀاو، ڀاونائون ظاهر ڪرڻ لاءِ اوهين وڏي پيمانې تي ماتر ڀاشا ڪم آڻيندا آهيون. سنڌي ٻولي ذريعي سٺي نموني ڳالهائڻ ٻولهائڻ اَچڻ لاءِ اوهان جو لفظن جو خزانو چڱو هجي. ان لاءِ هن درسي ڪتاب جون آکاڻيون، گفتگو، سبق - ڪوتائون، ساماجڪ ڪهاڻيون، مذاقي ڪهاڻيون گيت پڙهي نوان نوان لفظ، اصطلاح چوڻيون سکڻ لاءِ ملنديون. اسان کي ائين لڳي ٿو تہ اهو ڪتاب پڙهي توهانجو ماتر ڀاشا لاءِ پيار وڌي.

توهانکي وٽي ان لاءِ درسي ڪتاب ۾ لفظن جي راند، ڳجهارت، مات ۾ پڙهو، پاڻ ڪريان- پاڻ سکان، چتر جاچيو ٻڌايو، جملا بدلائي لکو. اهڙي نموني جو انيڪ مشغوليون ڏنيون آهن. ساڳي نموني وياڪرڻ جا الڳہ الڳہ روپ سؤلي نموني ڏنا ويا آهن. ان کان سواءِ نئين نموني جي بدلاءُ ڳالهائڻ ۽ لکڻ جو موقعو مليل آهي. توهان کي موبائيل، ڪامپيوٽر سؤلائي سان واپرائڻ اچي ٿو. هن تڪنيڪ جو ابياس ۾ اُپيوگہ ٿي. ان نظريي سان ڪجهہ مشغوليون ڏنل آهي سنڌي ڀاشا سکڻ وقت اُن مان ڪجهہ سکڻ. سماجڪ مسئلا سمجهڻ ۽ اُهي حل ڪرڻ لاءِ اُڻ تڻ هجي. اِهو بہ اهميت وارو آهي. ان نظريي سان درسي ڪتاب ۾ آيل سبق، مشغولي ۽ ابياس جو ويچار ڪريو.

هي درسي ڪتاب توهان کي وٽيو چا، اهو اسان کي ٻڌايو. توهان سڀني کي شڀ ڪامنائون.

(ڊاڪٽر سُنيل مگر)

سنچالڪ

مهاراشٽر راجيہ پاٺيہ پُستڪ نرمتي وَ اَڀياسڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

پڻي:

تاريخ ٢٨ مارچ ٢٠١٧، چيٽي چنڊ

ڀارتيہ سوريہ: ٧ چيٽ ١٩٣٩

## درجو ستون سنڌي

| سکڻ سيکارڻ جي پرڪريا | علمي حاصلات |
|---|---|
| سکندڙن کي ٻن يا گروپس / اَڪيلي ۾ وجهه ڏنا وڃن ۽ همٿايو تہ...<br><br>• گهر، پسگردائيءَ، سماج ۾ آزمودو آيل، ٻڌل / ڏٺل گهٽنائن قصن بابت ڪلاس ۾ بحث مباحثو ڪرائي پنهنجا ويچار ٻڌائڻ جو موقعو ڏيو.<br><br>• اَخبارن، مخزن ۽ ٻيا ساهتيہ جا ڪتاب پڙهڻ لاءِ اُتساهہ ڏياريو ۽ پڙهيل ڳالهين جهڙوڪ، راندين ميلن، منورنجن، وڳيان بابت ڄاڻ ٻڌائڻ لاءِ همٿايو.<br><br>• گيت بيت سُرتال سان پاڻ ڳائي ٻڌايو يا سي. ڊي. دوارا ٻڌائڻ جو موقعو ميسر ڪري ڏيو ۽ ڪين ڪو وشيہ ڏيئي ننڍا گيت، ڪويتائون پنهنجي ڪلپنا سان ٺاهي ٻڌائڻ لاءِ موقعو ڏيو.<br><br>• ناٽڪ ۾ الڳ الڳ ڪردار ڏيئي اَداڪاري ڪري ناٽڪ پيش ڪرڻ جو موقعو ڏيو. ڪو وشيہ ڏيئي ڪلپنا ڪري اُن تي مضمون خط، آکاڻي، پنهنجا ويچار ٻڌائڻ يا لکڻ لاءِ ڏيو.<br><br>• ساهتيہ جي الڳ الڳ روپن جهڙوڪ آکاڻيون، | سکندڙ:<br><br>• گهر، پسگردائيءَ ۽ سماج ۾ گهٽجندڙ گهٽنائن، واقعن لاءِ گفتگوءِ، بحث مباحثي ۾ بهرو وٺن ٿا ۽ مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ پنهنجا رايا پختائيءَ سان پيش ڪن ٿا.<br><br>• آزمودو آيل گهٽنائون، قصا، ڳالهيون پنهنجن لفظن ۾ بيان ڪن ٿا.<br><br>• ڏنل وشيہ تي ڪلپنا ڪري مضمون، ڪويتا گفتگو، يا پنهنجا ويچار لکن ٿا.<br><br>• ساهتيہ جي الڳ الڳ روپن کي پڙهي ڀاونائن، ويچارن کي سمجهي اُن بابت پنهنجا ويچار ظاهر ڪن ٿا.<br><br>• ڀاشا ۾ ڳالهائڻ جا لفظ، فعل جا قسم، جملن جا قسم، زمان، وغيره سمجهي، اُنهن بابت ٻڌائين ٿا ۽ ڪم آڻين ٿا.<br><br>• گفتگو، تقريرون، ناٽڪ، مضمون لکڻ وغيره چٽاڀيٽن ۾ اُتساهہ سان بهرو وٺن ٿا.<br><br>• ڏنل / اَڻسڻيل مذڪور صحيح رفتار سان سمجهي، بيهڪ جي نشانين موجب پڙهن ٿا. |

کھاڻيون، غزل، ناول، گيت، بيت، گانا وغيره پڙهڻ لاءِ اُتساهه پيدا ڪريو.

- ياشا جي الڳ الڳ باريڪبنين جيئن تہ ڳالهائڻ جا لفظ، زمان جا قسم، جملن جا قسم، ساڳي معني وارا لفظ، اِسم ذات، ضد، جنسون زمان وغيره سمجهڻ لاءِ جوڳا مثال ڏيو.
- اَهڙا ليکہ، جيونيون، آکاڻيون کھاڻيون، قصا، گهٽنائون پڙهڻ لاءِ همٿايو. ٻڌايو جنهن سان همٿ، محنت، ديش لاءِ پيار، فرض، وڏن سان فضلت پريو ورتاءُ، اِنتظام ۽ الڳ الڳ پاونائن کي سمجهڻ وغيره جهڙا ملهہ وڌي سگهن.
- پنهنجي پسگردائيءَ، قدرت، ريتين رسمن، راندين وغيره لاءِ پيار وغيره پيدا ٿي سگهي اُن لاءِ پريرڻا ڏيو.
- ڪلاس ۾ درسي ڪتاب يا ٻيا کي ڪتاب شانت ۾ يا ظاهري طرح پڙهڻ جو موقعا ميسر ڪري ڏيو.
- ڪو وشيہ ڏيئي اِنٽرنيٽ / يوٽيوب ذريعي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ موقعو ميسر ڪري ڏيو.

- پڙهڻ وقت اينڊز نون لفظن / ڏکين لفظن کي سمجهڻ لاءِ ڊڪشنريءَ جو اِستعمال ڪن ٿا ۽ روز مرهه جي ڳالهائڻ ۾ نهڪندڙ نموني اُنهن جو اِستعمال ڪن ٿا.
- ڪنهن وشيہ تي ليکہ لکڻ ۾ چوٽيون، اِصطلاح ڪم آڻي ليکہ جي سونهن وڌائين ٿا.
- گهٽنائن جي سلسلي، ناٽڪ جي ڪردارن آکاڻيءَ جي سکيا بابت ٻڌائين ٿا.
- ڪوبہ مذڪور پڙهي، اُن تي سوال پڇي سگهن ٿا، سوالن جا جواب ٻڌائي يا لکي سگهن ٿا.
- پسگردائيءَ جي صفائيءَ جي اَهميت، اِنتظام، وڏن سان فضيلت پريو ورتاءُ، ديش لاءِ پيار فرض، قدرت سان پيار، سهيوگہ وغيره جهڙن ملهن جو واڌارو ٿئي ٿو.
- ڏنل ليکن جو تاتپرج ڪيڻ ۽ ڪلپنائون ۽ وستار ڪري لکي يا ٻڌائي سگهي ٿو.

# فهرست


| نمبر | سبق جو نالو | ليکڪ جو نالو | صفحو |
|---|---|---|---|
| .١ | گيت (بيت) | سچل سرمست | 1 |
| .٢ | درٻاري مسخرو | پارُو چاولا | 4 |
| .٣ | راج رشي ڏيارام گِدومل | آسانند مامتورا | 12 |
| .۴ | هڪ ذات جا روپ هزار (بيت) | رام پرتابراءِ پنجواڻي | 17 |
| .۵ | وقت چوي آءٌ بادشاهه | وي. ڪي. سومجاڻي | 22 |
| .٦ | سنت واڻي (بيت) | سمپادڪ منڊل | 30 |
| .٧ | ميجر ڏيانچند | سمپادڪ منڊل | 34 |
| .٨ | تصويرون (بيت) | گوپ گولاڻي | 39 |
| .٩ | گوپال ۽ جاني | وشنو ڀاٽيا | 43 |
| .١٠ | ايڪتا | منوهر نهالاڻي | 50 |
| .١١ | جيءُ ٻين جي واسطي (بيت) | پرسرام ضيا | 58 |
| .١٢ | چرتر يا اخلاق | - - - | 62 |
| .١٣ | محنتڪش مزدور (بيت) | گووردن شرما ’’گهايل‘‘ | 65 |
| .١۴ | پين جي ڪوجنا | ڊا. جينتو لالواڻي | 69 |
| .١۵ | پوپٽ (بيت) | نارائڻ شيام | 72 |
| .١٦ | اَنڊ شرڊ | راجڪمار موهناڻي | 76 |
| .١٧ | پلو ڪر (بيت) | ڊا. ديال آشا | 83 |
| .١٨ | پکي اَسان جا سچا | ميلارام واسواڻِي | 86 |
| .١٩ | آتُم (بيت) | نندلال راجپال ’نردوش‘ | 91 |
| .٢٠ | پيڱت ڪنوررام | - - - - | 94 |
| .٢١ | اِستريءَ جا گڻ | پوپٽي هيرانندڻي | 98 |
| .٢٢ | ڀارت جو لاڏلو- تلڪ (بيت) | اَرجن ميرچنداڻي شاد | 102 |

# ١. ڳيِتُ

سچل سائينءَ جو جنم سنہ ١٧٣٩ع ۾ سنڌ جي درازن ڳوٺ ۾ ٿيو. ’متصوري مستي‘ سبب کيس سچل سرمست چيو وڃي ٿو. سندس ڪلام سنڌي، اُردو، سرائڪي ۽ پارسي ٻولين ۾ ملي ٿو. سندس چيل ڪلام جو مجموعو ’سچل سرمست جو چونڊ ڪلام‘ مرڪزي ساهتيہ اڪادميءَ ڇپائي پڌرو ڪيو. ’اناالحق‘ جو نعرو هڻندڙ هِن صوفي شاعر نوي ورهين جي عمر ۾ ديهہ تياڳي. هن بيت ۾ نماڻائيءَ سان پرماتما کي پرارٿنا ڪيل آهي.

پڙهو. ڳايو.

ننگڙا نماڻي دا جيوين تيوين پالڻا.....

١. ميري آهيان مندي آهيان، بيشڪ بندي آهيان،
ڏِڪ مُنهنجا ڊولڻا، عيب نہ ڪولڻا....

٢. پَئِي آن پناري، لڳي تيڏي لاڙي،
جوڳي نالِ جالڻا، اَسان ولِ آوڻا.....

٣. يار سچل تون، لٽڙي ڪُشالي،
گهونگهٽ کولِڻا، ٻهہ ٻهہ ٻولڻا...



## نوان لفظ:

ننگڙا = ننگُ، عِزت، | ادا = جو | جيوين تيوين = جيئن تيئن، | پالڻا = رکڇ،
ميري = عيبدار، | مَندي = خراب، | عيب = اَوگڻ، | پَناري = شرڻ ۾
تيڏي = تنهنجي، | لاڙي = آسري، | وَلِ = وَٽ، | ڪُشالي = تڪليفون،
گهونگهٽُ = پردو، | ٻَهہ ٻهہ ٻولڻ = بيحد خوش ٿيڻ.

## اَڀياس:

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) شاعر سچل پرماتما کي ڪهڙي پرارٿنا ڪري ٿو؟
٢) بيت جو تَتُ پنهنجن لفظن ۾ لکو.
٣) ’جوڳي نال جالڙا‘ جو مطلب سمجهايو.

**سوال ٢: بيت جون سِٽون پوريون ڪري لکو:**

١) ميري آهيان ........................................................ عيب نہ کولڙا.
٢) پئي ................................................................ ولِ آوڙا.

**سوال ٣: هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪَم آڻيو:-**

عيب، پناري، جوڳي، کُشالي، گهوُنگهٽ

**سوال ۴: هيٺين لفظن جا هم آوازي لفظ لکو.**

(الف) کولڙا (ب) مَندي (ب) جالڙا (پ) جيوين.

**هِدايت** - ماستر هيءُ گيت لئہ تال سان شاگردن کي ٻڌائيندو ۽ اُنهن کان چوائيندو.

**مشغولي** - ماستر شاگردن کي چوندو تہ ٻيا ڪتاب ڏسي سچل سائينءَ جو ٻيو هڪ گيتُ لِکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اَڀياس

**١) بيت مان سٽون ڳولهيو جيڪي هيٺ ڏنل سٽن سان واسطو رکندڙ آهن.**

١) مان توهان جي شرڻ ۾ آهيان.
٢) مان توهان جي داسي آهيان.
٣) منهنجا اَوگڻ ظاهر نہ ڪريو.
۴) تڪليفون دور ٿي ويون.

**٢) خاص ڄاڻ**

سيني ٻولين ۾ پرماتما جي هستيءَ ۾ ويساهہ رکندڙ پهاڪا ملن ٿا.
درشن شاسترن يعني فيلسوُفائن ڪتابن ۾ ’چار واڪ‘ ڏنل آهن، پر اُن بابت ڪو بہ پهاڪو حاصل ٿيل نہ آهي. عام لوڪن جو اُپائڻهار ۾ مڪمل عقيدو آهي. اُن باري ۾ ڪجهہ پهاڪا هيٺ ڏنل آهن.

١) ڪڻ ڪڻ ۾ ڀڳوان آهي.
٢) جيڏانهن ڪريان پرک، تيڏانهن صاحب سامهون.

٣) ڪِوليءَ کي ڪڻ، هاٿيءَ کي مڻ.
٤) سِر سِر رزق سنباهي ناٿُر.
٥) پيڳوان جي گھر دير آهي پر اَنڌير ناهي.
٦) واڳه ڏٽيءَ جي وس، آئون ڪا ڀاڻ وهيئي.

### ٣) ڏنل مثال موجب خالي چؤڪنڊا پريو:-

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| فعل | روئڻ | ڏڪڻ | - - - | وسرڻ | - - - | وسڻ |
| اِسم | رودن | ڏڪٽي | لوڏو | - - - | ناچ | - - - |
| فعل | - - - | ٻيهڻ | - - - | لکڻ | پڇڻ | - - - |
| اِسم | ساز | - - - | ڳالھ | - - - | - - - | پڙھائي |

## وياڪرڻ

### حرف جر

**هيٺيان جُملا پڙهو:**

١) ڪتاب ٽيبل تي پيو آهي.
٢) لفافو کيسي ۾ آهي.
٣) ڇوڪرو مندر ڏانهن ويو.
٤) راجيش ماءُ کي پرڻام ڪيو.
٥) راڌيءَ پتا لاءِ پاڻي آندو.

پهرئين جملي ۾ ’تي‘ لفظ ٽيبل ۽ ڪتاب جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ٻئين جُملي ۾ ’۾‘ لفظ کيسي ۽ لفافي جو لاڳاپو ڏيکاري ٿو. ساڳي نموني ’ڏانهن‘ لفظ ڇوڪري ۽ مندر، ’کي‘ لفظ راجيش ۽ ماءُ، ’لاءِ‘ لفظ راڌيءَ ۽ پتا جو لاڳاپو ڏيکارين ٿا.

اِهي لفظ جيڪي اسم يا ضمير جي پٺيان اَچن ۽ انجو لاڳاپو ٻئي اسم يا ضمير سان ڏيکارين اُنهن کي ’حرف جر‘ چئجي ٿو.

**هيٺين جملن مان حرف جر ڳولهيو:-**

١) هرڪنهن لاءِ قرب ۾ همدرديءَ جي ڀاونا رکجي.
٢) رميش ڪالھ بمبئيءَ مان آيو.
٣) منهنجي مامي وٽ وڏي لئبرري آهي.
٤) اَسانجي اِسڪول ۾ ساليانو جلسو ملهايو ويو.
٥) سڀ سونا سِڪا زمين تي ڪِري پيا.

# ٢. درٻاري مسخرو

سدا حيات دادي پارو ناڪر چاولا جو جنم سن ١٩٣٢ع ۾ سنڌ ۾ لالواڻي پريوار ۾ ٿيو. ننڍي هوندي کان ئي گرٻاڻيءَ ۾ چاهه رکندڙ اڳتي هلي سٺي ڳائڪ طور مشهور ٿي. هن جي گيتن جو مجموعو ”آءُ اڪيلي آهيان.“ ۽ ”درشٽانت درشٽائن“ ڇپيل آهي.

هن سبق ۾ ’ٻالو‘ نالي ڪردار کي ليکڪا وڻندڙ نموني پيش ڪيو آهي.

## ٻڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



هڪڙي راجا جي درٻار ۾ هڪ مسخرو هو. نالو هوس ٻالوُ. هر هفتي راجا جيڪو سانگ چوندو هوس، ٻالوُ سو سانگ پهري اَچي راڄ درٻار ۾ کيل ڪندو هو ۽ وزيرن ۽ عملدارن کي وِندرائيندو هو. راجا هُن کي سانگ ٻڻجڻ لاءِ ڪجهه مهروُن اِنعام ڏيندو هو.

راجا کي هڪ پُٽ هئو. هوُ هاڻي جوان ٿي ويو هو. راجا خيال ڪيو ته هن جي شادي ڪرائي، راڄ گدي ڏيئي وڃي رام جو ڀڄن ڪريان. اَڳي راجائوُن پنهنجا فرض پوُرا ڪري ايڪانت ۾ وڃي، ڏيان ڪندا هُئا.

راجا وزير کي گُهرائي پنهنجو ويچار ٻڌايائين. ٿورن ڏينهن ۾ راجڪمار جي شادي ٻئي راجا جي ڪنيا سان طئه ٿي. شاديءَ جوُن تياريوُن شروُع ٿيوُن. راجڪمار وچ سڀا ۾ مور مڪٽ پهري ويٺو هو. راڻيوُن ۽ پنڊت ساٿ سڳن ڪري رهيا هئا. راجا ٻالوءَ کي چيو، ”ببر شير جو سانگ ڪري اَچي سڀا ۾ کيل ڪر.“

حڪم ڏيڻ جي دير هئي جهٽ ٻالوُ ببر شير ٻڻجي آيو ۽ اچي گجگوڙ ڪيائين ۽ راڄ سڀا ۾ ڦرڻ لڳو. ڪڏهن ٽپا پيو ڏئي ته ڪڏهن شان سان ويهي پيو رهي. سڀ درٻاري، راجائوُن، وزير اهو کيل ڏسي خوش پيا ٿين. اِهو مسخرو، ببر شير جي سانگ ۾ اَچي راجڪمار جي آسن تي ويٺو ۽ ٽپ ڏيڻ لڳو. راجڪمار کي ڳالهه ڪونه وڻي ۽ مسخري کي پوُنڊو ڏنائين. ببر شير گجگوڙ ڪري



وڻي راجڪمار کي چنبو هنيو. راجڪمار زخمي ٿي پيو. سڄي دربار ۾ هاهاڪار مچي ويو. راڻيون روئڻ پِٽڻ لڳيون. ٻبر شير دربار مان ٻاهر نڪري ويو.

راجا اِهو حال ڏسي ڏمرجي ويو. حڪم ڏنائين تہ ٻالوُ مسخري کي قيد ڪري جيل ۾ وڌو وڃي. راجائي حڪم ٻُڌي مسخري اَچي هٿ جوڙي چيو، ”هي پرجاپتي! توهين راجا آهيو. مون سان انصاف ڪريو. جي مان ڏوهي هُجان تہ پوءِ مونکي سزا ڏيو. “ديالوُ توهان مونکي حڪم ڪيو تہ ٻبر شير جو سانگہ ڪري کيل ڪر. مان دربار ۾ گهمندي راجڪمار پرسان بيهي نچڻ لڳس. راجڪمار مونکي پوندا ڏنا. توهان ئي ٻُڌايو. تہ ٻبر شير بہ ڪڏهن ڪنهنجا پوندا ڪائي چپ چاپ هليو ويندو؟ جو مان پوندا ڪائي ٻبر شير جي سانگہ کي لڄايان!“

اِهو ٻُڌي راجا ۽ وزير چُپ ٿي ويا ۽ چوڻ لڳا هن جو قصوُر ڪونهي ۽ هن کي سزا نہ ڏيڻ گُهرجي. راجا دُکي ٿي وزير کي چيو هاڻي ڇا ڪجي؟ وزير چيو، ”راجا! توهين چنتا نہ ڪريو مان ڪا اٽڪل ڪري مسخري کي سزا ڏياريان ٿو.“

ايترو چئي وزير وڃي ٻالوءَ کي چيو، ”ٻالوُ! راڻيون ۽ پرجا شوڪ ۾ آهن. تنهن ڪري تون ساڌوُ سنت جو سانگہ ٻڻائي هنن کي ڪُجهہ گيان ڏي. ايترو چئي وزير سڀا ۾ آيوَ. هڪ سندر آسن وڇارايائين ۽ هڪ سونين مُهرن ۽ هيرن جو ٿالهہ گُهرايائين.

ايتري ۾ ٻالوُ بہ ساڌوُ مهراج جو سانگہ ڌاري اچي سڀا ۾ سڀني کي نمسڪار ڪيو. وزير بہ آدرستڪار سان کيس آسن تي وهاريو، ۽ چيائينس تہ هي مهراج! اڄ سڀني جو چت اُداس آهي، توهين ڪرپا ڪري چار وچن ٻُڌايو جيئن سڀني جي چت ۾ شانتي اَچي.

اهو ٻُڌي ساڌوُ مهراج اُپديش ڪرڻ لڳو. سمو هميشهہ هڪجهڙو نٿو رهي. هيءُ بہ گذري ويندو. ڪشٽ آيو آهي تہ ويندو بہ. انسان کي خوشي ۽ غم ۾ سمان رهڻ گُهرجي.

اڌ ڪلاڪ کن ڪٿا ڪري بس ڪيائين تہ وزير سونين مُهرن ۽ هيرن جو ٿالهہ کڻي اَڳيان رکيو. سنت کي چيائين تہ اسانجي تُڇ ڀيٽا سويڪار ڪريو، پر مسخري جو سنت جي روُپ ۾ هو، ٿالهہ

ڏانهن نهاريو ۽ کين ۾ اُٿي هلڻ لڳو. وزير پوءِ چيس تہ توهانجو اُپديش ٻڌي راجا ڏاڍو خوش ٿيو آهي. توهان هيءُ پيٽا سويڪار ڪريو. مسخري چيو، تہ مان هن وقت سنت جي سانگہ ۾ آهيان، سنت تياڳي ٿيندا آهن. مان هيءُ پيٽا وٺي هن سانگہ کي کيئن لڄايان؟ جيئن مون ببر شير جو سانگہ نہ لڄايو. تيئن مان هيءُ سانگہ بہ نہ لڄائيندس. اَڄ تہ اِهو سانگہ اصڪ ڪونہ لاهيندس. وڃي پيگوان جو پڄن ڪندس ۽ اِئين چئي هلندو ٿيو.

ان ڪري چوندا آهن جيڪو سانگہ پائجي سو پوُريءَ ريت نباهجي. اَسانکي بہ جيڪو زندگيءَ ۾ ڪردار مليو آهي سو بخوُبي نباهڻ گُهرجي.

**نوان لفظ:**

ڏمرجڻ = غُصو ڪرڻ قصوُر = ڏوهہ، غلطي پيوندو ڏيڻ = ٻُجو ڏيڻ

سانگ ڪرڻ = ڪردار موجب، اَداڪاري ڪرڻ.

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺيان خال پريو:**

(الف) اڳي راجائوُن پنهنجا ----- پوُرا ڪري ايڪانت ۾ وڃي ڌيان ڪندا هُئا.

(ب) راجڪمار وڇ سيا ۾ ------- پهري ويٺو هو.

(پ) سڄي دربار ۾. ----- مچي ويو.

(ڀ) جو مان پوندبا ڪائي ببر شير جي ----- کي لڄايان..

**سوال ٢: هيٺيان جُملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن؟**

(الف) ”ببر شير جو سانگہ ڪري اَچي سيا ۾ ڪيل ڪر.“

(ب) ”هي پرجاپتي! توهين راجا آهيو.“

(پ) ”راجا! توهين چنتا نہ ڪريو، مان ڪا اٽڪل ڪري مسخري کي سزا ڏياريان ٿو.“

(ڀ) ”ٻالوُ! راڻيوُن ۽ پرجا شوڪ ۾ آهن.“

**سوال ٣: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

(الف) مخسري جو نالو ڇا هو؟

(ب) راجا کي ڪهڙو ويچار آيو؟

(پ) مسخرو ببر شير جي سانگ ۾ ڇا پيو ڪري؟

(ڀ) ڇا مسخري کي سزا ملي؟ سمجهايو.

(ٻ) راجا جي سزا ٻڌائڻ تي مسخري پنهنجيءَ بي گناهيءَ لاءِ ڪهڙو دليل ڏنو؟

(ت) ساڌوءَ جي سانگہ ۾ ٻالوءَ ڪهڙو اُپديش ڏنو؟

(ٺ) مسخري پيٽا ڇو نہ سويڪار ڪئي؟

## پورڪ اڀياس

۱. توهانکي زندگيءَ ۾ جيڪي بہ ڪردار مليا آهن، ڇا توهان اُهي بخوبي نباهي رهيا آهيو؟

۲. ٻارن جا پنهنجي ماءُ پيءُ ڏانهن ڪهڙا فرض آهن؟

۳. هيٺيون مثال ڏسي چوڪنڊا پورا ڪريو.

| مثال : سات = سڳن | | ۴. جهيڙو | |
|---|---|---|---|
| ۱. سامان | | ۵. ڪاڏو | |
| ۲. ڪپڙا | | ۶. اُٺڻي | |
| ۳. ڪل | | ۷. ڏيڪ | |

۴. ڏنل هدايت موجب مشغوليون ڪريو:

الف.مون وندرائيندڙ ڪهاڻي پڙهي. (زمان مستقبل ۾ بدلايو)

ب. هوُ هاڻي جوان ٿي ويو هو. (جُملي مان صفت ڳولهي، اُهو ڪم آڻي ٻيو جُملو لکو)

ٻ. راجا پنهنجي وزير کي گهرائي ويچار ونڊايائين. (ان جملي ۾ اسم ڳولهي لکو.)

پ. راڪيش خوشيءَ وچان ٽپا ڏيڻ لڳو. (جُملي ۾ ’راڪيش‘ بدران ’راڪي‘ ڪم آڻي جملو وري لکو.)

ڀ. توهانجو نالو ڇا آهي؟ (ان جُملي ۾ ضمير سُڃاڻي، اهو ڪم آڻي ٻيو جملو لکو.)

۵. هيٺ ڏنل جملن ۾ ليڪ ڏنل ڀاڱي بدران برڪيت مان مناسب اصطلاح چونڊي جملا وري لکو. (آپي کان ٻاهر نڪرڻ، ڏِنو ڪرڻ، سر جو سٿون ڏئي، ڳڻ ڳوٿ ڪرڻ، ڏڪڙ تي اَٺو لڳڻ، جيري لاءِ ٻڪري ڪُهڻ، ڪن لاٿار ڪرڻ، آنا ڪاني ڪرڻ.)

۱) راڌا تمام گهٽيون تڪليفون سهي ڏيءَ کي اِنجنئر بڻايو.

۲) ڪوبہ نئون ڌنڌو شروع ڪرڻ کان پهرين اڳ پوءِ جو ويچار ڪرڻ گهرجي.

۳) اَجيہ جي ناليءَ ۾ ٿابو کائڻ تي سڀ دوست زور سان کلڻ لڳا ۽ اَجيہ کي تمام گهڻو غصو اَچي ويو.

۴) ڪورٽ ۾ رامسنگهہ چيو، ”منهنجي رقيب منهنجي مٿان ڪوڙا الزام هڻي مونکي بدنام ڪيو آهي.“

۵) ٻين جي مدد لئہ، اَسان کي ڪڏهن بہ اِنڪار ڪرڻ نہ گهرجي.

# سرڪس جو نظارو

ڏسو. جاچيو. ٻڌايو.



ماستر شاگردن کي هينئون چتر ڏيکاري، اِن بابت شاگردن کان گفتگو ڪرائي، سرڪس بابت ڄاڻ لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

ڏنل مثالن موجب لاڳاپا پورا ڪريو:

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ١) | متحرڪ | : | غير متحرڪ | : | ڪماليت | : | |
| ٢) | ڪلاڪ | : | ڪل | :: | | : | ڪاهه |
| ٣) | ڪمائڻ | : | | :: | خرچ | : | خرچائو |
| ٤) | ظلم | : | ظالم | :: | سياڻائي | : | |
| ٥) | | : | ڳنڍڻ | :: | هلڻ | : | ميلاپ |
| ٦) | پٿر | : | ڍڳو | :: | ڳانيون | : | |
| ٧) | مان | : | ضمير | :: | سياڻو | : | |
| ٨) | تي | : | | :: | ءَ | : | حرف جملو |
| ٩) | جهرڪ | : | جهرڪيون | :: | | : | دريون |
| ١٠) | راجيش | : | فاعل | :: | پڙهڻ | : | |

# ڪوتا پڙهڻ جي رفتار

ڏنل ڪوتا کي تڪڙو پڙهو.



پياري پونم
پاپڙ پچايو.
پونم پچايو پاپڙ
پاپڙ پچايو پوُنم

پوُنم پنهنجي پپا لاءِ
پاپڙ پچايو پيار سان.
پاپڙ پچايو پيار سان،
پنهنجي پپا لاءِ پونم.
پاپڙ ڪٿان هو ڪچو ڪچو
پاپڙ ڪٿان هو پڪل سُنو.
ڪچو پڪو پاپڙ، پڪو ڪچو پاپڙ
پونم جي پپا پيار سان
کاڌو سچو پاپڙ
پونم کي پپا پيار ڪيو،
پپا پيار ڪيو پونم کي.
پياري پونم خوش ٿي پڇيو،
کائيندا ٻيو پاپڙ؟''
پپا کلي کلي چيو،
کونہ کپي ٻيو پاپڙ.

**ڪوتا پڙهڻ چتاييتيءَ ۾ توهان ڪيترا سُنا آهيو؟**

- **۴۵ سيڪنڊن کان وڌيڪ :** توهان جي پڙهڻ جي رفتار گهٽ آهي.
- **۳۵ کان ۴۵ سيڪنڊ:** نيڪ ٺاڪ توهان جي رفتار ريديو جي خبرن کان وڌيڪ آهي.
- **۲۵ کان ۳۵ سيڪنڊ :** سُنا توهان جي زبان تڪڙي آهي.
- **۱۵ کان ۲۵ سيڪنڊ:** تمام سُنا. توهان تہ پنهنجين ڳالهين سان ڪنهن کي بہ چڪر ڏياري ڇڏيو.
- **۱۵ سيڪنڊ يا اُن کان گهٽ:** توهين 'زبان' جا اُستاد آهيو.

**هيٺيان جُملا پڙهو:**

- سيتا سائي سڳي سان سائي سلَوار سبي.
- پيارا پٽ پوپٽ پريم سان پاپڙ پچائي پاڻي پيار.
- چندوُءَ جي چاچا، چندوُءَ جي چاچيءَ کي چاندني چوُنڪ ۾ چانديءَ جي چمچي سان چٽني چٽائي.
- هاڻي توهان بہ اهڙا ڪُجھ جُملا ٺاهڻ جي ڪوشش ڪريو.

هيٺيون مثال پڙهو.

مُنهنجي ماءُ ڏاڍي منڙي آهي.

هيٺان لفظ ڪم آڻي ٻيا جُملا لکو.



ريشمي رومال ..............................................................................................



ڪارو ڪانءُ ..............................................................................................



گونگي ڳانءِ ..............................................................................................

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

| | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|
| ڪ | اَ | ر | ڇ | ڏ | م | ث |
| ڻ | ن | هـ | | آ | گهـ | ت |
| ي | ڇ | | | ٿ | س | ڊ |
| ل | ب | پ | ي | و | وُ | ج |

خالي جڳهين لاءِ وچون اَکر 'هـ' ڪم آڻي ٻين اَکرن جي مدد سان مناسب لفظ تيار ڪريو.

١) هڪ جانور: ......................

٢) شاباسي لاءِ لفظ: ......................

٣) پڪين جو ...................... مطلب سندن آکيڙو.

٤) جهنگل ۾ اوچتو پاڙ مرادو ...................... لڳندي آهي.

٥) ...................... ڪرڻ سان سڀ ڪم سولا ٿين ٿا.

٦) ...................... جي مُند ۾ ڪوئل مٺا گيت ڳائي ٿي.

٧) مونکي پيوساول ڪان پٽي پهچڻ لاءِ ...................... ڪلاڪ لڳندا آهن.

٨) وقت جي ...................... سمجهڻ ڳهرجي.

٩) ...................... پل قيمتي آهي.

١٠) ميناڪشيءَ جو ...................... ڪيس ڏيءَ سمان سمجهندو آهي.

# ٣. راج رِشي ڏيارام گِدوُمل

سرڳواسي آسانند مامتورا سنڌي ٻوليءَ جو ناليرو عالم ۽ اديب آهي. ”شاعر“ نالي ناول سنڌس هڪ شاهڪار رچنا آهي. سندس ڪهاڻيون ۽ مضمون مقبول آهن.
ٻه ڪهاڻي - سنگرهه ”پريم ۽ پاپ جون ڪهاڻيون (١٩٤٩ع ۾) ۽ آرسي ۽ ٻيون آکاڻيون (١٩٤٣ع ۾) ڇپيل آهن.
هن مضمون ۾ سماج سُڌارڪ راج رِشي ڏيارام گدومل شهاڻي جي جيون تي روشني وِڌل آهي.

پڙهو، پڙهو ۽ سمجهو.



ديوان ڏيارام جو جنم حيدرآباد سِنڌ ۾ ٣٠ جوُن ١٨٥٧ع تي ٿيو. هوُ نِهايت محنتي هو ۽ ننڍي هوُندي کان ئي سندس ذهن کُليل هو. اِنهيءَ ڪري اوُچ وِديا حاصل ڪندي هُن ڪيترائي وڏا اِنعام کٽيا. هوُ بي.اي کان پوءِ وڪالت جو اِمتحان پاس ڪري، ڪراچيءَ جي جُوڊيشنل ڪمشنر جو رجسٽرار ٿيو. ٿوري ئي عرصي ۾ هوُ پنهنجي قابليت ۽ علميت سبب ضلعي جڄ ٿيو ۽ ڪيترا سال شڪارپور سنڌ توڙي سوُرت گجرات ۾ ضلعي جو وڏو جَڄ ٿي رهيو. هُن کي بمبئيءَ جي هاءِ ڪورٽ جي جُڄ جو پَدُ پڻ آڇيو ويو، پر هن اِها آڇَ ڪانه قبوُلي.

ننڍي هوُندي کان ئي ديوان ڏيارام کي سَنتن جو سنگ نصيب ٿيو ۽ سندن صُحبَت ۾ منجهس سُٺا سنسڪار پيا. هُن پنهنجي ڪچڙيءَ عمر ۾ غريبن ۽ گهرجائن، مسڪينن ۽ مُحتاجن جي شيوا ۾ حياتي بسر ڪرڻ جو پرڻ ڪيو. هُن سچا سارا ٿيهه سال سماج شيوا ڪئي ۽ پنگتي سُڌاري لاءِ پاڻ پتوڙيو. حيدراباد ۾ ڏيتي ليتيءَ جي وَندڙ مرض کي ٻنجو ڏيڻ لاءِ هُن جيڪا پائي ڪلاچند سان گڏجي ڪوشش ورتي، سا ساراه جوڳي آهي. وديا جي ڦهلاءَ لاءِ هُن ساڌوُ هيرانند سان گڏجي، حيدراباد سنڌ ۾ نولراءِ هيرانند اَڪادمي نالي هاءِ اسڪول برپا ڪيا. سندس ڪوشش سان ئي ڪراچيءَ ۾ سنڌ جو پهريون مشهوُر ڏيارام جيٺمل سنڌ ڪاليج کُليو. هُن صاحب پنهنجي پتا جي يادگيريءَ ۾ سنسڪرت پاٺشالا

ڪولائي ۽ اُن ۾ هِڪ وڏي سَنسڪرت ۽ هندي ڪتابن جي لئبرري جاري ڪئي. جنهن جو اَڪيچار ماڻهن فائدو ورتو. ديوان ڏيارام ڪيتريون ڪنيا پانشالائُون کوليون، جيئن ڇوڪرين کي تعليم ملي سگهي. عام لوڪن جي ڪلياڻ خاطر هُن سيوا سَدن ۽ سِلهه گهر برپا ڪرايا. پراُپڪار جي ٻين ڪمن لاءِ پڻ هُن ڪُجِ مَندليوُن برپا ڪيوُن. پينشن وٺڻ کان پوءِ به هوُ پنهنجي ڪمائيءَ جو ڪُجِ حصو ڳُجهي طرح گهرجائوُ ڪُٽنبن کي نقدُ ۽ ڪپڙي وغيره جي صوُرت ۾ ڏياريندو هو. ڪن حالتن ۾ هوُ پنهنجي سِر ماڻهن جي شيوا ڪرڻ کان به ڪين ڪُسندو هو. حيدراباد ۾ وَبا جي بيماري ڦهلجڻ جي جڏهن ڪيس سُڌِ ملي ته هوُ شڪارپور مان يڪدم موڪل وٺي اُتي آيو. بيماري تڪڙي وڇڙندي ٿي ويئي. ترت عَلاج ميسر ڪرڻ ڪاڻ، هُن پنهنجن هَٿن سان نِم گهوٽي، اُن مان گوريوُن ٺاهي، جهٽ وجي مريضن کي پهچايوُن، جنهن ڪارڻ وباجي مريضن کي ڪي قدر راحت ملي. اَهڙو نشڪام شيواڌاري هو ديوان ڏيارام.

پگوان جو نالو ديوان جي مُک تي هردم هوُندو هو. ڪورٽ ۾ ڪيس هلائيندي به هوُ هري نام پيو اُچاريندو هو. موڪل جو وقت هوُ اَڪثر سنتن جي سنگ ۾ گهاريندو هو. حيدراباد ۾ ڦُليلي واهه جي ڪَپَ تي هُن هڪُ آشرم کولارايو جتي ساڌن سنتن لاءِ رهڻ کان سواءِ، کاڌي پيتي ۽ ڪپڙي وغيره جو پڻ پَربند ڪيل هو. ديوان ڏيارام شريمد ڀگوت گيتا ۽ سري جپ صاحب جو اُونهو اَڀياس ڪري، اُنهن تي ٽيڪائون لِکيون، جي گهڻيوُن ڪارگر ثابت ٿيوُن. پنهنجي جيون جا پڇاڙيءَ جا ورهيه ديوان ڏيارام ويراڳ ورتي ڌاري، ايڪانت ۾ گذاريا. اُن عرصي ۾ هوُ نه ڪنهن سان گڏبو هو ۽ نه ڪنهن سان ڳالهائيندو ئي هو.

اَهڙو گياني، ڌِياني راج رشي ديوان ڏيرام گدوُمل پنهنجي جيون سڦلِي ڪري، ٧ ڊسمبر سنه ١٩٢٩ع ۾ وڃي مالڪ سان مليو.

## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| ذهن - ٻڌي | عِلميت - ڄاڻ، گيان | پَدُ - عُهدو |
| سنسڪار - گُڻ، لڇڻ | محتاجن - گهرجائُن | بسر ڪرڻ - گذارڻ |
| پِرن - پرتگيا | پاڻ پتوڙڻ - جفاڪشي ڪرڻ | پُنجو ڏيڻ - بند ڪرڻ |
| ڪلياڻ - ڀلائي | پَراُپڪار - ٻين جو ڀَلو | نشڪام - بنا اُجوري، موه رکڻ کان سواءِ. |
| | | ويراڳ ورتي - دنيوي ڳالهين مان موه ڪڍڻ. |

## اَڀياس

**(١) هيٺين سوالن جا هڪ يا ٻن جملن ۾ جواب لکو:**

(الف) ڏيارام گدومل ڪٿان جو جج ٿي رهيو؟

(ب) ننڍي هوندي ئي ڏيارام گدومل ڪهڙو پرن ڪيو؟

(ڀ) هُن ڪهڙن گرنٿن تي ٽيڪائوُن لکيوُن؟

(پ) گُهرجائوُ ڪٽنبن کي ڏيارام ڪيئن مدد ڪندو هو؟

**(٢) هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو.**

(الف) ديوان ڏيارام ڇوڪرين کي تعليم ڏيارڻ لاءِ ڇا ڪيو؟

(ب) حيدراباد ۾ وبا ڦهلجڻ تي ديوان ڏيارام ڪهڙيون شيوائون ڪيوُن؟

**(٣) هيٺ ڏنل ٻهاڪن مان ”ٻين جي ڀلائي ڪرڻ“ معنيٰ وارا ٻهاڪا چونڊيو:**

(الف) جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي.
(ب) غريبن جي شيوائي ايشور جي شيوا آهي.
(ٻ) جوَ ڍيري گڏهه رکپال.
(پ) ڪريلو ته ٿئي ڀلو.
(ٿ) ڀڳڙن ڪاڏي هٿ ڏوتا ئي پيا آهن.

**(۴) اِنٽرنيٽ جي مدد سان هيٺ ڏنل سماج شيوڪن بابت ڄاڻ حاصل ڪري لکو.**


شري هشو آڏواڻي


هاسانند جادوگر


دادي جيني سپاهيملاڻي

## پورڪ اڀياس

**تڪر مان مشغوليون**

ننڍي هوندي کان ئي ........................................................ زالن مان اَوديا هٽي.

(١) مثال موجب تڪر مان مناسب لفظ ڳولهيو:-

مثال

| سنگت | غريبن | سماجي | بيماري | بي شُمار |
|---|---|---|---|---|
| صحبت | | | | |

**(٢) هيٺ هرهڪ ڪالم جو هڪ مثال ڏنل آهي. ٻه مثال ٻيا ڳولهي لکو:**

| | صفتون | اِسم ذات | وديا مرڪز | شخصن جا نالا | هندي ٻوليءَ جو لفظ |
|---|---|---|---|---|---|
| ١. | سُٺا | سنگ | هاءِ اِسڪول | ديوان ڏيارام | ايڪانت |
| ٢. | | | | | |
| ٣. | | | | | |

**(۳) جوڙا ملايو:-**

| | |
|---|---|
| ۱) ڀُنجو ڏيڻ | ۱) محنت ڪرڻ |
| ۲) پاڻ پتوڙڻ | ۲) روڪڻ |
| ۳) بسر ڪرڻ | ۳) قائم ڪرڻ |
| ۴) برپا ڪرڻ | ۴) گُذارڻ |

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

**(۱) هيٺين جملن مان حرف جر ڳولهيو:**

۱) آزاد هند فوج ٺاهڻ ۾ سڀاش چندربوس ڪوشش ڪئي.
۲) باندر وڻ تي چڙهي وهندو.
۳) رام هريش کان سوکڙي ورتي.
۴) رميش پنهنجي پيءُ سان گڏ باغ ۾ گهمڻ ويو.
۵) ڪجهه ڏينهن کان پوءِ مهاراج گذاري ويو.

**(۲) هيٺين لفظن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو.**

**(تجويز لحاظ، خشڪي، مختصر پڙاڏو، تجليدار، واهپو)**

۱) آسانڪي سيني جو ----- ڪرڻ گهرجي.
۲) اڳي واپارگهٽو ڪري ------ رستي نه پر سامونڊي رستي ڪيو ويندو هو.
۳) سريتا جي ------ سيني کي وڻي.
۴) اَڄ ڪلهه موبائيل جو ------ وڌي رهيو آهي.
۵) موت ڪاڏل آواز جڏهن ٻڌڻ ۾ اَچي ٿو. اُنکي ------- چئبو آهي.

**(۳) برئڪيٽ ۾ ڏنل هدايت موجب مشغوُلي ڪريو.**

۱) مور بادلن کي ڏسي نچي ٿو.
(ليڪ ڏنل لفظ جي جنس بدلائي جملو وري لکو)
۲) منهنجي اِسڪول جي پاسي هڪ سهڻو باغيچو آهي.
(جملي مان صفت ڳولهيو ۽ اُها صفت ڪم آڻي ٻيو جملو لکو)
۳) سوديشي هلچل ۾ سڀ شامل هئا.
(جملي مان اِسم ذات ڳولهيو ۽ اُها اِسم ذات ڪم آڻي ٻيو جملو لکو)
۴) راماُنند ايمانداريءَ سان پنهنجو ڪم پورو ڪيو.
(ليڪ ڏنل لفظ جو صفت ڪم آڻي هڪ ٻيو جملو لکو.)
۵) مان گهمڻ ويس
(ليڪ ڏنل لفظ جو عدد جمع ڪم آڻي هڪ ٻيو جملو ٺاهيو)

LHDR15

# صفائي




- توهانجي شهر کي صاف رکڻ لاءِ صفائي اَڀيان / هلچل جاري آهي. اُن لاءِ توهين ڏهه نعرا لکو:-
- ’’صفائي جي اَهميت‘‘ اِن وشيه تي مضمون لکو.

# ۴. هڪ ذاتِ جا روُپ هزار

رام پرتابراءِ پنجواڻيِ (۱۹۱۱) سنڌيِ سنسڪرتيِ، ساهت ۽ سنگيت ڪي هِند ۾ برقرار رکڻ ۾ هُن جو وڏو يوگدان رهيو آهي. هُن جي عبارت سليس، رنگين ۽ فصيح آهي. هُن کي ساهتيه اڪادميءَ جو اِنعام مليل آهي. ڪيس سَماجڪ ڪاريه ڪري ''پدم شريِ'' اُپاڌيِ بہ مليِ آهي. هُن ڪيترائيِ ناول، ناٽڪ پڻ لکيا آهن جيڪيِ ڪافيِ لوڪ پريہ آهن.

هِن شعر ۾ اِيشور جي ڳولها ڪندي ڪيس جُد جُدا روُپن ۾ ڏسڻ جو وَرنن ڪيو آهي.

پُڙو. ڳايو ۽ سمجهو.



ڪُهمي ڪَعبو ڏِٺُم، ڪُهمي ڪاشيِ ڏِٺم،
سَڀ جاءِ سَچڻُ سَردارُ ڏِٺم،
جيڪو مندرَ ۾، سوءِ مَسجد ۾،
ساڳيو ديول ۾ دِلدارُ ڏِٺم.

جَپ جاپَ ڪيم، پوُڄا پاٺَ ڪيم،
وڃي گنگا تي اِشنانَ ڪيم،
سوچي سمجهي ويد پُراڻ پڙهيم،
سامهون قُدرت جو ڪرتارُ ڏِٺم.

ٻئي مومن، پاڪُ قُران پڙهيم،
سڀ روزا رکيَم ۽ نمازوُن پڙهيم،
ڪُل شرَط شريعت جا پڙهيم،
اوڏو مُحب مَننار ڏِٺم.

وڃي ديول ۾ دِن رات رهيس،
وڃي عيسيِٰ مسيح جي پاند پيس،
پهچي مالِڪ جي دربار ويس،
پنهنجي نيڻين عجب اِسرار ڏِٺم.

ڊوُنڍي ڊوُنڍي رام شَهرُ ۽ بَن،
ڪري ڳولها لڌي مون خاص خبر،
آهه ذاتِ اُها هڪ ساڳي،
پر اُن ذاتِ جا روُپ هزار ڏِٺم.

## نوان لفظ:

ڪعبو - مُسلمانن جو پوتر آستان.
موهن - اِيمان وارو، هتي معنيٰ آهي: مُسلمان.
شريعت - مسلمانن جي مذهبي ريتين رواجن بابت پُستڪ.
پاند - پلوُ جهولَ؛ هتي معنيٰ آهي: شرَڻ

ويدَ - ڀارتَ جا پراچين شاستر.
قُران - مُسلمانن جو پاڪُ گرنٿُ.
سنسڪار - گُڻ، لڇڻ
عيسيٰ - عِيسائُن جو پيغمبرُ

## اَڀياس

**(۱) هيٺين سوالن جا جواب لکو:-**

۱. هن ڪوتا ۾ ڪويءَ ڪهڙن ڌرمن جو ذڪر ڪيو آهي؟
۲. جدا جدا ڌرمي آستان گهمڻ بعد ڪويءَ کي ڪهڙو اَنڀوُ ٿيو آهي؟
۳. ڪوي ڳولها ڪندي ڪهڙي خاص خبر لڌي؟

**(۲) بيت جون سٽون پوريون ڪريو:-**

۱. جپ ماپ ------------------------------------------------ اِشنان ڪيم.
۲. ڍونڍيو ------------------------------------------------ خاص خبر.
۳. وڃي ديول ------------------------------------------------ پاند پيس.

**(۳) بيت مان پوڇا پاٺ اَهڙي نموني جي لفظن جا ٻيا ٻه جوڙا لکو.**

**(۴) بيت مان هم آوازي لفظن جا چار جوڙا ڳولهي لکو.**

**هدايت:-** ماستر شاگردن کي هيءَ بيت سُر تال ۾ ڳائي ٻڌائيندو ۽ اُنهن کان چوائيندو.
**مشغولي :-** شاگرد پنهنجي ديش تي هڪ ننڍي ڪويتا ڳاهي ٻڌائيندا.

## پورڪ اڀياس

۱. اَسانجو ديش اَنيڪتا ۾ ايڪتا جو پرتيڪ ڇو مڃيو ويندو آهي؟
۲. اَسانجي ديش جي سنوڌان ۾ گهٽين ۽ ڪهڙين ٻولين جو سماويش ڪيل آهي؟ اِنٽرنيٽ جي مدد سان جاچ حاصل ڪري لکو.
۳. الڳ الڳ ذاتين جي ماڻهن جا ڌارمڪ گرنٿ الڳ الڳ آهن. اُن لاءِ هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.




۴. توهانجي پاسي ۾ رهندڙ (سنڌي ڪانسواءِ) ٻي ذات جي ريتين رسمن، ڏڻن بابت توهان کي ڪهڙي جاچ آهي. لکو.

٥. بيت ۾ ڏنل لفظن سان لاڳاپو رکندڙ هيٺين لفظن جو خاڪو پورو ڪريو.

مثال : جپ - جاپ

| پوڄا | سچڻ | شرط | محب | عيسيٰ | عجيب | خاص |
|---|---|---|---|---|---|---|
| | | | | | | |

٦. هيٺين جا ساڳي معنيٰ وارا لفظ لکو:-

نيڻ، پوڄا، اِشنان، قدرت، ڪرتار

٧. هيٺين ديش جي نيتائن کي سڃاڻو. اُنهن جي ڪارين بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.



# ڀارت جون اَلڳ اَلڳ ذاتيون ۽ اُنهن جا مکيہ ڏڻ

ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو.



- ماستر شاگردن کي ڏنل چتر ڏسڻ لاءِ چوندو. چترن ۾ آيل ڀارت جي الڳ الڳ راجين جي ماڻهن جي پوشاڪ ۽ اُنهن جي مکيہ ڏڻن بابت چرچا ڪرائي.








- سنڌين جي پوشاڪ بابت گفتگو ڪري ٻڌائڻ لاءِ چوي. سنڌين جا ڪهڙا ڏڻ آهن؟ اُهي پڇي؟ سنڌين جي مکيه ڏڻ بابت چرچا ڪري لکي اَچڻ لاءِ چوي. شاگرد منهنجو وڻندڙ ڏڻ اِن وشيه تي مضمون لکي اَچن.

# ٥. وقت ڇوي آءُ بادشاهہ

شري واسديو ڪرمچند سومجائي هڪ آدرش اڏياپڪ طور تعليم سيوائون ڏنيون آهن. هن جا ڇپيل ڪتاب چور پڪڙجي پيو ”(ٻال ڪهاڻيون) ۽ ”انگہ ترنگہ“ (مضمون) ۽ ”موتين جو مهراڻ“ آهن. هن سبق ۾ ليکڪ چيو آهي تہ سونهن، ڌن ۽ طاقت تي ايمان نہ ڪرڻ گهرجي. وقت ڪي وڏي طاقت آهي.

ٻڌو. پڙهو. سمجهو ۽ عمل ۾ آڻيو.




ڇوٽي آهي وقت ڪنهن جي لاءِ نہ ترسندو آهي. گذريل وقت، وري هٿ نہ ايندو آهي. دنيا ۾ اَهڙو ڪوبہ گهڙيال نہ ٺهيو آهي جيڪو گذري ويل وقت جا ٽڪاءُ ٻڌائي. اِن ڪري چوندا آهن: ويَل ويَل وري هٿ نہ ايندي. وقت هڪ اَنمول چيز آهي. سنسار ۾ گم ٿي ويل چيز وري ملي سگهي ٿي. پر گذريل وقت وري ملي نہ سگهندو. اِن ڪري وقت جو قدر ڪرڻ گهرجي. حياتيءَ جو هر پل سڦلو ڪجي. وقت اِنسان کي چوي ٿو:

”هنڌين ماڳين منهنجو، ڦري ٿو فرمان،
تابع مون اَصل کون، سارو هيءَ جهان،
ڏاڍو مون کان ڪونہ ٿيو، آهي ڪو اِنسان،
ڇا پوڙهو ڇا جوانُ، پاڻيهي پوندا پيش موُن‘

هن سنسار ۾ وقت کان ڏاڍو يا طاقتور ٻيو ڪوبہ نہ آهي. هرهنڌ وقت جو ئي حڪم هلي ٿو. سڄو سنسار وقت جي تابع ۾ آهي. وقت اَڳيان اِنسان جي نہ ٿي هلي. چاهي اُهو ٻڍو هجي يا جوان. وقت اَڳيان سڀ هڪجهڙا آهن. سڀ ڳالهيون وقت جون غلام آهن. وقت جي رفتار پنهنجي آهي. وقت تي سج اُڀري، وقت تي ساري ڪائنات جاڳي ۽ وقت تي سج، چنڊ ۽ تارا آسمان ۾ چمڪن؛ پلڪ مان پهر ٿين، پهرن مان ڏينهن ۽ اِئين سال گذريو وڃن. وقت تي اِنسان جي پيشانيءَ ۾ گهنج پئجي وڃن.

ٻچپڻ جوانيءَ ۾ ۽ جواني ٻڍاپي ۾ بدلجي وڃي. وقت بدلجندي دير ئي ڪونہ لڳندي آهي. چوندا آهن: ’اِنسان ڪڏهن پريءَ ۾ تہ ڪڏهن پاڪر ۾! پٽ ورائي ڪنهن ڪونہ ڏٺي آهي. اِنسان کي گهرجي تہ وقت جي رفتار مان سبق سکي. اِتهاس گواهہ آهي. هن زمين تي ڪيترائي وڏا بادشاهہ آيا ۽ هليا ويا. وڏيون رياستون ۽ زمينون سڀ ڇڏي ويا. راڄ ڪرڻ وارا ٻيا آيا. اُهي بہ ٽڪي نہ سگهيا. وقت پنهنجا رنگ تہ ڏيکاري پيو. جيڪو وقت جو قدر نٿو ڪري، تہ وقت بہ اُن جو قدر نہ ٿو ڪري. ڪبير هڪ هنڌ فرمايو آهي.

ڪالهہ ڪريءَ سو آج ڪر، آج ڪريءَ سو اَب،

پل ۾ پرليہ هويگي، بهوُري ڪروگي ڪب“

اِنسان وقت اَڳيان ڪمزور آهي. وقت ڪنهن تي ديا نہ ٿو ڪري. اِنسان اُهو جو وقت جي نزاڪت کي سمجهي. اُن جي چال ڪيئن آهي. اُن کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪري. وقت اُن کي ڪيرائي پٽ سان هڻي ٿو جيڪو گهمنڊ ڪريٿو. وقت تہ بادشاهہ آهي. سڀيئي اُن جي اَڳيان پيش پون ٿا. وقت چوي ٿو:-

’هنيلا، هوڏ پئي، پلي ڪوٽ اَڏاءِ

خرچي خزانا تون، ماڙيون محل ٻڌاءِ

پٽ نہ مڙندي پٽ کي، ايءَ هنئين سين لاءِ،

شاهہ زمان سان جاءِ، بيشڪ ڪنهن جي ناهہ ڪا.

اي اِنسان، تون پلي هٺ ڪري قلعا اَڏيندو وڃ. خزانا خرچ ڪري محل - ماڙيون ٺهراءِ. پر اِها ڳالهہ ٻڌي ڇڏ تہ هڪ ڏينهن نالو نشان متجي ويندءِ، ڇو تہ وقت بادشاهہ اَڳيان ڪنهن جي نہ ٿي هلي. وڏن جو قول آهي تہ سونهن، ڌن ۽ حياتيءَ تي اَيمان نہ ڪرڻ گهرجي. سنسار جا سک دکن ۾ بدلجي سگهن ٿا ۽ دک سکن ۾ بدلجي سگهن ٿا ڇو تہ وقت جي رفتار قرندي رهي ٿي. سنسار جون نعمتون اَڄ آهن تہ سڀاڻي ڪونہ آهن. سڀ سک پاڻيءَ جي بد بدي سمان آهن. اِن ڪري وقت جو سُنو اُپيوگہ ڪرڻ گهرجي. وقت جو سُنو اُپيوگہ ڪرڻ سان جيون کي سڦل بڻائڻ جي چاٻي ملي ويندي. دنيا ۾ جيڪي بہ مهان پرش ٿي ويا آهن، اُنهن وقت جي قيمت سمجهي ۽ ناموس پراپت ڪئي. هميشهہ هر حال ۾ شڪر ڪرڻ گهرجي. اِها ڳالهہ دائما ياد رکڻ گهرجي تہ وقت ٻلوان آهي، وقت بادشاهہ آهي. اِن ڪري وقت کي پرکي اَڳتي قدم وڌائڻ گهرجي.

## نوان لفظ:

تابع: ضابطو، نزاڪت : تقاضا هنيلو: ضدي، ڪوٽ: قلعو، قول: وچن

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) دنيا ۾ ڪهڙي قسم جو گهڙيال نہ ٺهيو آهي؟

٢) وقت ڪنهن جو قدر نٿو ڪري؟

٣) وقت ڪنهن کي ڪيرائي پٽ سان هڻي ٿو؟

٤) وڏن جي قول موجب ڪنهن تي اَيمان نہ ڪرڻ گهرجي؟

سوال ٢:- وقت جي مهما تُوري ۾ پنهنجن لفظن ۾ لکو.

سوال ٣:- هيٺين ۾ خال ڀريو:

١) وقت جي ---- ڦرندي رهي ٿي.
٢) هن سنسار ۾ --- کان ڏاڍو يا طاقتور ٻيو ڪوبہ نہ آهي.
٣) اِنسان اُهو جو وقت جي ----- کي سمجهي.
٤) سنسار جون ---- اَڄ آهن تہ سڀاڻي ڪونہ آهن.

سوال ٤:- هيٺيان اِصطلاح جملن ۾ ڪم آڻيو:

١. پيش پوڻ ٢. ٽڪي نہ سگهڻ ٣. سڦل بڻائڻ

سوال ٥:- هيٺين جا ضد لکو:-

ڪمزور، غلام، وڏا، طاقتور

سوال ٦:- ويل ويل وري هٿ نہ ايندي، اِن جملي تي روشني وجهو.

| |
|---|
| **هدايت :-** ماستر شاگردن کي وقت جي اَهميت سمجهائيندو. |
| **مشغولي:-** شاگرد پنهنجي روز جي ڪم ڪارين جو ٽائيم ٽيبل گهران لکي ايندا. |

## پورڪ اَڀياس

(١) سبق ۾ ڪبير جو هڪ دوهو مليل آهي تہ ڪال ڪري، سو آڄ ڪر، آڄ ڪري، سو اَب، پل ۾ پرليہ هويگي، بهوُري ڪروگي ڪب"

اَهڙي نموني ڪبير جو ٻيو دوهو لکو.



(٢) هيٺين حالتن ۾ توهين جيڪڏهن خيال نہ ڪندا تہ ڇا ٿيندو؟

١) رستي تان لنگهندي توهين وهندڙ نل ڏسي بہ اَڳيان هلي وڃو ٿا -----
٢) توهان جي ٽرين ڇٽڻ جو وقت ٥ لڳي ٢٠ منٽ آهي پر توهين ٥ لڳي ٢٢ منٽ پهتا-----
٣) توهانکي خبر آهي تہ توهانجي اِمتحان پورو ڪرڻ جو وقت ٣ ڪلاڪ آهي پر توهين تمام آهستي لکي رهيا آهيو -----
٤) توهانجي سامهون توهانجي ڪنهن دوست کي ڪير ماري رهيو آهي-------
٥) چابيءَ واري رانديڪي ۾ چابي وڌيڪ ڀري ڇڏي تہ -----
٦) توهانجي گهر جي آسپاس ڪڏي ۾ پاڻي ڀرجي ويو آهي ------

# رب سان ليکا!

**ماٺ ۾ پڙهو.**



دريارهہ جي ڪناري، ايڪانت ۾ ويهي شاهہ صاحب تسبيح (مالها) ڦيري رهيو هو ۽ ڳڻي بہ رهيو هو تہ اڄ مون سائينءَ جي ياد ۾ ويهہ مالهائون ڦيريون آهن. ايتري ۾ ڪي عورتون گهر لاءِ پاڻي ڀرڻ آيون. اڳي گهرن ۾ پاڻيءَ جا نل ڪونہ هوندا هئا. گهڻو ڪري پاڻي درياهہ يا کوهن تان ڀربو هو.

پاڻ ۾ ڳالهيون ڪنديون پيون وڃن. ڪا چوي اڄ مون چوٽون چڪر هنيو آهي پاڻي ڀرڻ لاءِ' ڪا چوي ٽيون. هڪ عورت چپ ويٺي رهي. تڏهن سيني چيس تہ تون ڪُڇين ڇو نہ ٿي؟ تون بہ گهڻيئي ڦيرا ڪري چڪي آهين. تڏهن جواب ڏنائين تہ گهر ۽ خانوند ٿيا پنهنجا. پوءِ انهن سان ڪهڙا حساب ڪبا؟ انهن جي تہ چاڪري ڪرڻ ۾ خوشي آهي، ليکا ڇا جا؟ مان ڪو شاهہ صاحب آهيان جو ويهي ڳڻيان! شاهہ صاحب اُتي ويٺي مالها ڦيري. ان عورت جو جواب ٻڌي عجب لڳس تہ هيءَ عورت پنهنجي دُنيوي خانوند ۽ گهر سان بہ ليکو نٿي ڪري ۽ مان هليو آهيان رب سان ليکا ڪرڻ تہ مون ڪيتريون مالهائون ڦيريون. اُن وقت ئي مالها درياهہ ۾ ڦِٽي ڪري اُٿندي وِهندي اُن رب جي ياد ۾ گُذاريندو هو.

ليکا ڪري ڪين پُڄندس مان!'

- ماستر شاگردن کي ڏنل ٽڪر پڙهڻ لاءِ چوي ۽ اُنتي سوال جواب پڇي.
- ”شاهہ لطيف“ بابت ٻيا ساهتيہ جا ڪتاب پڙهي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ چوي.

# وياڪرڻ

## حرف جُملو

**هيٺيان جُملا پڙهو.**

١) اسين مهابليشور ۾ لوناولا گُهمڻ وياسين.
٢) ڊاڪٽر دوا ڏني پر فائدو نہ ٿيو.
٣) منوج کي امتحان ۾ سُٺيوُن مارڪوُن نہ مليوُن ڇو تہ هُن اَڀياس گهٽ ڪيو.
٤) ستون رانديگر موهن يا سوهن ٿيندو.

**مٿين جُملن ۾ 'ءِ'، 'پر'، 'ڇو تہ' ۽ 'يا' لفظ ٻن لفظن يا ٻن جُملن کي ڳنڍين ٿا. اهڙن ڳنڍيندڙ لفظن کي 'حرف جملو' چئجي ٿو.**

**ان جا ٻيا مثال آهن:- نہ تہ، ان ڪري، تنهن ڪري، جڏ**

**هيٺين جملن مان حرف جُملو ڳولهيو:-**

١) مان ۽ مالها مندر ۾ وياسين.
٢) گوپال موتي آيو پر راڌا اُتي رهجي ويئي
٣) سرلا پاٺ پڙهندي يا گوبند گيت ڳائيندو.
٤) برسات تيز پوڻ لڳي. اِنڪري هوءَ ديرسان پهتي.
٥) تون هل نہ تہ مان هلي ويندس.

---

- **هيٺ ڏنل برئڪيٽ مان جملي جو مناسب قسم چونڊي خال لڪو:-**
**(هاڪاري، سوالي، سوالي ناڪاري، عجبي، ناڪاري)**

١) مونکي بکہ لڳي آهي ( )
٢) ڇا راجيش اِسڪول وقت تي نہ پهچندو؟ ( )
٣) راجا بي رحم نہ هو ( )
٤) جهوپريءَ ۾ زميندار داخل ٿيو ( )
٥) هيءُ ڪنهن جو دڪان آهي؟ ( )
٦) شاباس! شال اَجان بہ وڌين ( )
٧) مان اَٺين درجي ۾ اسڪالرشپ جو امتحان ڏيندس ( )
٨) مان توهان سان گڏ هلندس؟ ( )
٩) گهوڙا ري! اَجا گاڏي نہ آئي آهي ( )
١٠) ڇا توهان اڄ آفيس نہ ويندا؟ ( )

# اَڌ اَڪري ڳجهارت

| | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| 1 ب | 2 - | - | | 3 - | | 4 هِ | 5 - |
| | ڪ | - | 6 م | | 7 ب | ت | ڳ |
| 8 ا | 9 ن | ا | - | 10 م | 11 - | ا | ن |
| 12 د | ر | - | 13 ل | 14 ت | ا | 15 - | - |
| 16 ر | - | - | 17 - | 18 و | ر | 20 ر | 21 - |
| 22 - | 23 و | ي | - | ا | | | و |
| 24 ڪ | - | - | | ل | | | ل |
| 25 - | ن | ڌ | ڻ | - | - | - | ي |

سامهون:- (۱) اَنگور جي پيڙهه - هڪ ميوي جو قسم

(۴) تڪبر، ضِد، اَيمان

(٦) پيار

(۸) اَن، ڪاڏو

(۱۰) وڏو، مشهور

(۱۲) ڏک، تڪليف (۱۴) نخت (١٦) نس (۱۷) هڪ عدد (۲۰) هڪ جانور (۲۲) شاعر

(۲۴) ’پڪو‘ لفظ جو ضد (۲۵) رسوئي گهر

هيٺ (۲) هڪ حواس

(۳) ديا، مهر، باجهه (۵) دغاباز (٦) محفل گڏجاڻي

(۷) هڪ مدد (۸) ڪچالوءَ جي پيڙهه، هڪ مصالح جو قسم

(۹) سُرڳ جو اُبتڙ (۱۰) ديوانو

(۱۱) جيت جو ضِد

(۱۳) ’کرو‘ جو ضد، (۱۵) پاڻي (۱۸) هڪ زيور (۲۱) لهر (۲۲) بادل (۲۳) انجام، قوُل.

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

**١. هيٺيون ٽڪر پڙهي مشغوليون ڪريو:-**

گهمڻ جو شوق مونکي ننڍي هوندي کان ئي آهي. البت اِها هڪ نرالي ڳالهه ته اڄڪلهه نوڪريءَ جي وقت ۽ ٻين مشغولين سبب اِن لاءِ وقت گهٽ ملندو آهي. هر روز صبح جو اٽڪل ساڍي ڇئين بجي اُٿندو آهيان. اِن جو اَصل ڪارڻ به اِسڪول واري زماني ۾ سئر تي سوير نڪرڻ جي عادت آهي.

**(١) ٽڪر مان لفظ ڳولهيو:**

١) وڏ، جو ضد ------

٢) شام جو ضد ----

٣) 'جيتوڻيڪ' معني ڏيکاريندڙ

۴) 'لڳ ڀڳ' معني ڏيکاريندڙ -----

۵) عدد ڏيکاريندڙ لفظ -----

٦) 'غئر' جو هم آوازي لفظ ------

**(٢) ٽڪر تي آڌار رکندڙ ٢ سوال ٺاهيو:-**

**٣) 'منهنجو شونق' وشيه تي ڪجهه جملا لکو.**

**۴) هيٺين جملن مان اوڪاري لفظ سُڃاڻو:-**

الف) اسان سُڀاڻي نئين ڪار خريد ڪنداسين.

ب) پارت سُني راند کيڏي پر هوُ هارائجي ويو.

ب) مون کي پاڻُ لاءِ رڪڙي گُهرجي.

پ) شاباس! تون گهڻي محنت ڪئي آهي.

پ) مان امتحان نه ڏيندس.

**٢. زير، زبر، پيشُ جي ڪري بدل سدل**

**مثال کي ڏيان ۾ رکي ٻين لفظن لاءِ گهٽ ۾ گهٽ به جملا لکو.**

**مثال:** سر

i) سِرُ: مان ديش لاءِ سِرُ ڏيندس

ii) سِرَ: سِرون پتين ٺاهڻ ۾ ڪم ايندييون آهن.

iii) سُرُ: لتا منگيشڪر جو سُرُ ڪوئل وانگر مٺو آهي.

١) سڌ

٢) پٽ

٣) پٽ

۴) وٽ

LHWI53

# برسات جو نظارو

ڏسو. جاچيو ۽ ٻڌايو.



- ماستر شاگردن کي ڏنل چتر ڏيان سان ڏسڻ لاءِ چوندو.
- برسات جي موسم ۾ پرڪرتيءَ ۽ ماحول ۾ ڇا نظر ايندو آهي اُن بابت گفتگو ڪرائي. برسات جي مند اِن وشيہ تي مضمون لکي اَچڻ لاءِ چوندو.
- هڪ دفعي - مان ۽ ممي - بازار - زور سان برسات................ اِهو قصو / گهٽنا پوري ڪريو.

# ٦. سنت واڻي

ٻڌو. ڳايو.

- ڳُروءَ جي گيان جو ڏيهي ڏيئو ٻار؛
  تہ نانگا اندر نات جو نور نروار،
  دلپت ديدارُ پيهي سَسُ پاڻ ۾.
  سائين دلپت
- عقل سين اَلله ڏي پير نہ ڪنهن پاتو،
  سندو نينهن ناتو پوريءَ کي پَلئہِ پيو.
  صادق فقير
- وڏو چاڻُ ويساھہ، سامي سڀ ڪنهن ڪون،
  چڱ وڏائي واءُ تہ سهجي ملئي سُپرين.
  سامي
- سڪ ۾ آهن فائدا، پر ڪَسُ ادا ڪائڻ کپي؛
  نينهن مان آهن نفعا، نقصان سهسائڻ کپي؛
  سِڪ کي ڦيريندين تہ ڪَسُ نهندي ۽ ڪَسُ مان سِڪَ؛
  سِڪَ جي سوداگر کي ڪَسُ کان کين گهبرائڻ کپي.
  ڊاڪٽر روچلداس



**نوان لفظ:**

ڪَسُ - نقصان، نفعا - فائدا، سؤداگر - واپاري، نانگا - طالب، چاهڪ
نات - ايشور، پوري - نماڻِي وڏائي - اَيمان، سهجي - جلدئي،
سهسائڻ - سهن ڪرڻ

## اَڀياس

**سوال ۱:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

۱) سڪ جي سوداگر کي ڇا ڪرڻ گهرجي ۽ ڇو؟
۲) ديدار پَسڻ لاءِ سائين دلپت ڇا چيو آهي؟
۳) عقل بابت صادق فقير ڇا چيو آهي؟
۴) سامي صاحب سڀ کان وڏو ڇا کي سڏيو آهي؟

**سوال ۲:- سِٽون پوريون ڪريو:**

۱) نينهن مان آهن ---------------------------------------- ڪَسُ مان سِڪَ
۲) گروءَ جي گيان ---------------------------------------- نور نروار.
۳) عقل سين ---------------------------------------- پلئه پيو.
۴) وڏو چاڙهُ ويساهه ---------------------------------------- ملئي سُپرين.

**سوال ۳:- ضد لکو:**

نفعا، ڪَسُ، گيان، عقل، وڏائي

**سوال ۴:- جُملن ۾ ڪم آڻيو:**

فائدا، ديدار، نينهُن، ويساهُه، ڪَسُ ڪاڻڻ، نقصان سهسائڻ، پَيرُ نه پائڻُ،

**هدايت** - ماستر شاگردن کي سٽن جي واڻيسمجهائيندو ۽ چوائيندو.
**مشغولي** - شاگرد مائٽن جي مدد سان سٽن جي واڻيءَ جا ٻه - ٻه مثال گهران لکي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) لفظن جي راند**

’سڪ‘ کي ڦيرائڻ سان ’ڪس‘ ٺهي ٿي. اَهڙي نموني هيٺ ڏنل لفظ جي اَکرن کي ڦيرائي ڏسو. اُهي لفظ چونڊيو جن ۾ صحيح لفظ تيار ٿي سگهن ٿا.

پڪ، ڪر، لو، هر،
چڪ، ڏر، سهه، ور،
گهٽ، در، ڏس،
پس، تر، لڪ، لچ،
سر، رڪ، ٻر، رٽ،
ڳچ، ست، مت

**نوان ٺهيل لفظ**

| | | | |
|---|---|---|---|
| | | | |
| | | | |
| | | | |
| | | | |

(٢) بيت جا لفظ ۽ اُنهن جي معني وارا لفظ هيٺ ڏنل آهن. اُهي جوڙا ڳولهي خاڪو پورو ڪريو:-

گيان، روشني، درشن، سڪ، وشواس، گهمنڊ، وڻجارا، نينهن، سکيا، نور، ويساهه، طوفان، پرماتما، سپرين، ديپڪ، فائدا، سوداگر، نفعا، پيار، واءُ، ڏيئو

| بيت ۾ ڏنل لفظ | معني |
| --- | --- |
| | |

## پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

ڏنل مثال موجب اَڻ ٺهڪندڙ لفظ مٿان گول پايو.

مثال: ڳوڙ : ميڙ، پيهه، انبوهه، نازڪ

١) ڪُڙمي : مُکي، هاري، ڪاشتڪار، آبادگار

٢) ڪمزور : هيڻو، خاڪو، ضعيف، نرٻل

٣) خطرو : جوکم، هلايم، خوف، ڀَوُ

٤) نقصان : ٽوٽو، گهاٽو، نفيس، تاوان

٥) دانهن : مزو، ڪيڪ، ڪوڪ، ڪيڪڙات

٦) ظالم : بي قياسي، نردئي، ڪوجها، ڪٺور

٧) ڦُڙو : مِنو، ٽيپو، بوند، قطرو

# نام روپي پارس

ماٺ ۾ پڙهو.



رويداس وڏو ڀڳت ٿي گذريو آهي. جنهن جي ٻاڻي گروُ گرنٿ صاحب ۾ به آيل آهي.

موچڪو ڪم ڪندو هو. پر ايترو ڪم ڪندو هو جيتري ڪيس گهرج هوندي هئي، گذران لاءِ، باقي وقت سنتن جي شيوا ۾ گُذاريندو هو. هڪ ڏينهن هڪ سنت راضي ٿي ڪيس پنهنجي جهوليءَ مان هڪ پارس پٿر ڪڍي ڏنو ۽ چيائين 'اي سائينءَ جا پيارا! مون راضي ٿي توکي هي پارس پٿر ڏنو آهي. هاڻي توکي پورهئي ڪرڻ جي ضرورت ڪونهي ۽ پارس پٿر سان وَٽ لوهه کي سون ڪندو.' سنت پارس پٿر ڏيئي تيرٿن ڏانهن هليو ويو.

سالن ڪانپوءِ سنت تيرٿن تان ياترا ڪري موٽيو. پنهنجي ملڪ ۾ آيو ته رويداس جي يادگيري پيس سو چيائين وڃي ڏسانس ته ڪهڙي اوُج تي رسيو آهي. اَچي ڏٺائين ته رويداس ساڳي گهٽيءَ جي ڪُنڊ تي ويٺو آهي ۽ جتيوُن پيو ٺاهي. ڏاڍو عجب لڳس. سنت چيو، ''اجا اُتيئي ويٺو آهين، ساڳيءَ حالت ۾؟ پارس جو ڏيئي ويوسانءِ.؟''

''پارس؟ ڪهڙو؟ اوچتو ياد آيس، ''چيائين 'ها! ها! توهين ته ڪرپا ڪري پارس مون وٽ رکي ويا، مونکان ته وسريو ويو. اُتيئي رکيو هوندو، جتي توهين رکي ويا هئا.''

سنتن ڏٺو پارس برابر اتيئي رکيو هو. مٿي مٽس چڙهي ويئي هئي. رويداس نمرتا سان چيو، ''هڪڙو پارس ئي ڪافي آهي، ٻئي پارس جي مونکي گهرج ئي ڪونه ٿي.''

سنت حيران ٿي پڇيو، ''ٻيو ڪهڙو پارس؟''

ايشور پريم جي نشي ۾ رويداس چيو، ''رام نام روپي پارس جو سدا مون سان ساڻ آهي. اِهو پارس ساڻ آهي ته سنساري پارس ۽ سون جي ڪهڙي پرواهه؟''

اهو ٻڌي سنت کي گيان اچي ويو ۽ پارس پٿر کڻي سمنڊ ۾ ڦٽو ڪيائين ۽ چوندو ويو، ''رام نام سچو پارس آهي پاپي پڇي سپيئي تاري.''

• ماستر شاگردن کي ڏنل ٽڪر ماٺ ۾ پڙهڻ لاءِ چوندو ۽ اُن تي سوال جواب پڇندو.

# ۰۷ ميجر ڌيانچند - ڪولاج

ڏسو. جاچيو. ۽ پڙهو.








پورو نالو - ڌيان چند سنگهه
جنم - ۲۹ آگسٽ ۱۹۰۵
الله باد، اُتر پرديس
وفات ۳ ڊسمبر ۱۹۸۹ - دهلي
اوچائي - ۵ فوٽ ۷ انچ

ڌيان چند کي هاڪي کيڏڻ لاءِ صوبيدار ميجر تواريءَ همٿايو. ميجر تواري پاڻ به سُٺو رانديگر هو.

سندس نظر هيٺ ڌيانچند ڏسندي ئي ڏسندي دنيا جو مهان رانديگر بڻجي پيو. ٻين رانديگرن کي لڳندو هو ته هُنجي هاڪي اسٽڪ ۾ چقمق لڳل آهي ۽ اُنکي توڙي ڏٺائون.

سندس هاڪيءَ جي راند ڏسي نه فقط درشڪ پر مخالف ٽيم جا رانديگر به پنهنجي راند ڇڏي هُنجي راند ڏسڻ ۾ مشغوُل ٿي ويندا هئا. بال تي پورو ضابطو هئڻ سبب هُنکي هاڪيءَ جو جادوُگر چوندا هُئا.







۱۹۳٦ ۾ برلن آلمپڪ راندين ۾ ڌيانچند کي ڀارتي ٽيم جو ڪپتان چونڊيو ويو، اُنتي هُن چيو، ”مونکي ذرا به اُميد نه هُئي ته موُنکي ڪپتان چونڊيو ويندو.“ پر پنهنجي جوابداري هن بخوُبي نباهي.






سندس جنم ڏينهن کي قوميءَ
راندين جو ڏينهن ڪري ملهايو
ويندو آهي

هُو هڪ مهان فيلڊهاڪي رانديگر ڪري ڄاتو وڃي ٿو. هُن ۾
گول ڪرڻ جوُن غيررواجي خوبيوُن هيوُن. ڪيس
۱۹۲۸، ۱۹۳۲ ۽ ۱۹۳٦ ۾ آلمپڪ راندين ۾ **گولڊ ميڊل** مليا.

ڌيان چند کي اُن وقت جو ديش جو
ٻيون سڀ کان وڏو ناگرڪ اِنعام
**پدم ڀوُشڻ** ۱۹۵٦ ۾ ڏنو ويو.

ڌيان چند ۱٦ سالن جي عمر ۾
۱۹۲۲ ۾ دهليءَ ۾ براهمڻ ريجيمنٽ
۾ سينا ۾ هڪ رواجي سپاهيءَ طوُر
ڀرتي ٿيو.
هُن پنهنجي راند جي سفر ۾ ٤٠٠
کان وڌيڪ گول ڪيا






۱۹٦۹ ۾ هُن پهرئين درجي جي هاڪيءَ
مان سنياس ورتو.

'گول' ميجر ڌيان چند جي آتم ڪٿا آهي.

## فعل مُتعدي معروف ۽ مجهول

**هيٺيان فعل مُتعدي جا جُملا پڙهو.**

١) شيام اَنب کائي ٿو.
٢) سُنيل ڪتاب پڙهي ٿو.
٣) پوليس چور کي پڪڙيو.

مٿين جملن ۾ ’شيام‘، ’سُنيل‘ ۽ ’پوليس‘ فاعل آهن. اهي جملن جي شروعات ۾ آيل آهن ۽ اهي جاتل يا ڄاڻل آهن. تنهن ڪري اهڙن فعلن کي فعل مُتعدي معروف (Active voice) چئجي ٿو.

**هاڻي فعل مُتعدي جا هيٺيان جُملا پڙهو:**

١) انب شيام کان کاڌو ويو.
٢) ڪتاب سُنيل کان لکيا ويا.
٣) چور پوليس کان پڪڙيو ويو.

مٿين جملن ۾ ’انب‘، ’ڪتاب‘ ۽ ’چور‘ لفظ اصل مفعول آهن. جيڪي فاعل جي جڳهه والارين ٿا ۽ جملن ۾ انهن جي اهميت آهي.

اهو فعل متعدي جنهن ۾ مفعوُل، فاعل جي جڳهه وٺي يا فاعل پڌرو نه هُجي تنهنکي ’فعل متعدي مجهول‘ (Passive voice) چئبو آهي.

- **هيٺين جملن کي فعل مُتعدي معروف مان فعل مُتعدي مجهول ۾ بدلايو:-**

١) گيتا خط لکيو.
٢) ديپڪ فوٽ بال راند ڪري ٿو.
٣) راجيش ڏکيو رستو پار ڪيو.
٤) پکي اُڏامن ٿا.
٥) رام ڊوڙي ٿو.
٦) شينهن گجگوڙ ڪري ٿو.
٧) جهرڪيءَ وڻ تي آکيڙو ٺاهيو.

- **هيٺين جملن کي فعل مُتعدي مجهول مان فعل متعدي معروف ۾ بدلايو:-**

١) ڦُلڪا سنيتا کان پچايا ويا.
٢) پاڃيون سُنيل کان آنديون ويون.
٣) راند ۾ منوج کان موج مچائي ويئي.
٤) باسڻ مائيءَ کان رکيا ويا.
٥) اِمتحان سوني کان ڏنو ويو.
٦) چانور نيها کان چڙهايا ويا.

LIFA8D

## پاڙ ڪريان - پاڙ سڪان

**١. هيٺ ڳولن مان سِپ اَکر ڪٽي ٻه لفظ ٺاهيو اُنهن جا الڳ الڳ جملا ڏنل مثال موجب لکو:**

مثال: (د) (آ) (ي)

**لفظ: ياد:** هاسٽل ۾ رهندي مان مائٽن کي ڏاڍو ياد ڪندو آهيان.

**لفظ - ديا:** اَسان کي پکين پسن تي ديا ڪرڻ گهرجي

| اَکر | لفظ ۽ جملا |
|---|---|
| و ر ز | ١.<br>٢. |
| آ ر ڄ | ١.<br>٢. |
| ل م ع | ١.<br>٢. |
| ز آ ي ن | ١.<br>٢. |
| ي ت ر | ١.<br>٢. |
| ڪ و ل | ١.<br>٢. |

**٢. سچ چيو ويو آهي**

**هيٺ برئڪيٽ ۾ ڏنل مناسب چوڻي پهاڪو ڪم آڻي جملا پورا ڪريو.**

(سنگهه تاري ڪسنگهه ٻوڙي، آهي ته عيد نه ته روزو، آهه غريبان قهر خدائي، ڦڙي ڦڙيءَ تلاءُ، ٻه ته ٻارهان.)

١) ڪنهن به غريب، لاچاري ڪڏهن به ستائڻ نه گهرجي ڇو ته چيو ويو آهي ------

٢) هر مهيني مان ٻئنڪ ۾ ڪجهه پئسا بچائيندو آهيان، سچ چيو ويو آهي -------

٣) رميش نه بچت ۾ وشواس نه ڪندو آهي بس جيڪو ڪمائيندو آهي يڪدم خرچ ڪري ڇڏيندو آهي، سچ چيو ويو آهي ------

٤) ڏاڪو رتناڪر سنتن جي صحبت ۾ رشي والمڪي بڻجي ويو، سچ چيو ويو آهي ------

# ٠٨ تصويرون

رچناڪار شري گوپ گولاڻيءَ سنڌي ٻاشا ۾ ڪهاڻيون، ناول، مضمون ۽ ڪوتائون لکيون آهن، جي هر طبقي جي پاڻڪن پسند ڪيا آهن. هيءُ هئڪو (تصويرون) ”وڻن جهليا ٻوُر“ ڪتاب مان ڪنيل آهن، جِن ۾ ڪارائتيون ڳالهيون سمجهايل آهن.

پڙهو. ڳايو.



دنيا هيءَ فاني؛
وات سان هرڪو چوي،
سمجهي ڪو گياني.

ڏَندَنِ منجهه زبانَ؛
تيئن لالچ، موهه ڪان،
رَکُ بچائي پاڻ.

جِيوُن هڪ سوغات؛
پر وڃائي چو چڏيون،
سَمُجهي ڪا خيرات.

ميون ساڻُ پَريلُ؛
وڏو وَڻُ جُهڪي پوي،
نِوڙَتِ بي مِثل.

## نوان لفظ:

فاني = ناسونت، گياني = عقلمند، مَنجهه = اندر،
سوغات = سوکڙي، خيرات = بخشش، نوڙت = نيازي

## اَڀياس

**سوال ا:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

ا) گياني جا سمجھي ٿو؟
٢) ڇا ڪان پاڻ بچائي رکڻ گھرجي؟
٣) ڇا کي خيرات سمجھي وڃائي ڇڏيون؟
۴) نوڙت بابت شاعر ڇا چيو آهي؟

**سوال ٢:- بيت جي آڌار تي خال ڀريو:**

ا) ------- هيءُ فاني.
٢) تيئن ----- موهه ڪان.
٣) جيون هڪ ------
۴) ----- ساڻ ڀريل.

**سوال ٣:- هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:**

پاڻ بچائي رکڻ، وڃائي ڇڏڻ، جُھڪي پوڻ

**سوال ۴:- صِفتون لکو:**

لوڀ، گيان، لالچ، موھ، سوغات، خيرات،

| |
|---|
| **هدايت :-** ماستر شاگردن کي هيءُ اثرائتي نموني پڙهي ٻُڌائيندو ۽ چوائيندو. |
| **مشغولي:-** 'قدرت' اِن وشيه تي ماستر شاگردن کي بيت لکي اَچڻ لاءِ چوندو. |

## پورڪ اَڀياس

**ا. بيت جي آڌار تي لاڳاپو پورو ڪريو:-**

**مثال:**

| | |
|---|---|
| دنيا ← | فاني |
| ڏنڊ ← | |
| وات ← | |
| جيون ← | |
| ميوا ← | |

۲. ڏنل مثال موجب خال ڀريو:-

| ملبل لفظ مان جواب | سوال | ملبل |
|---|---|---|
| باز | هڪ پکي | زبان |
| | اوندهه واري | خيرات |
| | شرير | نئڙت |
| | ميل | هرڪو |
| | مُهر | گياني |
| | زهر | موهه |

# پاڻ ڪريان - پاڻ سکان

ڏسو. جاچيو ۽ لکو.

- قدرت جي شين مان اَسانکي گهڻو ڪجهہ سِکڻ لاءِ ملي ٿو. مثال جيئن ڌرتي اَسان کي سهنشيلتا جو گڻ سيکاري ٿي. تيئن هيٺ ڏنل شيون ڇا سيکارين ٿيون. لکو.

(تارا، سج، پاڻي، ڪمل جو گل، ديپڪ، ميهندي، گُلاب جو گُل)



# ٩. گوپال ۽ جاني

سداحيات وشنو ياتيا، سنڌي ٻاشا ۾ ڪهاڻيون ۽ ناول لکندڙ ليکڪن ۾ مقبول نالو آهي.
’هندستان‘ سنڌي روزاني اخبار ۾ ڪيترا سال بطور سهايڪ سمپادڪ سيوائون ڏنائين.
هن ڪهاڻيءَ ۾ هڪ ’جاني‘ نالي وفادار جانور ڪُتي جو سُهڻو چِٽر چِٽيل آهي.

پڙهو. پڙهو ۽ سمجهو.



ڀرسان گهيريل هڪ ڪالوني هُئي. ان ڪالونيءَ ۾ گوپال نالي هڪ ڇوڪرو رهندو هو. رستن تي گوپال جڏهن ٽاير جو ڦيٿو ڪٺي ڊوڙندو هو، تڏهن سندس دوست ڪُتو جاني بہ پٺيان لوڏيندو ڊوڙندو هو. وري ڀيهي ڀيهي زمين سِنگهندو هو. سِنگهي سنگهي وري هلندو هو. جڏهن گوپال تمام اڳيان وڃي ويندو هو ۽ ڪُتو پٺيان رهجي ويندو هو، تڏهن گوپال سڏ ڪندو هوس ”جاني!.... جاني!!“ جاني گوپال جو سڏ ڪن تي پوندي ئي جاني هنن جي پٺيان ڊوڙڻ شروع ڪندو هو.

اسڪول کان موٽندي گوپال جانيءَ کي شانت ڏسندو هو تہ پڇندو هوس، ”جاني ڇا ڪاڏو اٿيئي؟“ ڪتو اُن وقت پڇ لوڏيندو ۽ سندس پير چٽيندو هو. ٻڪايڪ هوندو هو تہ ”ڪُون ... ڪوُن“ ڪندو هو. گوپال سمجهي ويندو هو ۽ گهر ۾ جيڪڏهن ماني هوندي هيس تہ کيس کارائيندو هو، نہ تہ ٻاڻ کائيندو هو تہ اُن مان حصو کارائيندو هوس.

ڪالونيءَ جي ماڻهن کي خبر هُئي تہ گوپال، جانيءَ کي گهڻو پيار ڪندو آهي. گهڻو ڪري ٻئي هميشهہ گڏ هوندا هُئا. ڪڏهن پاڙي ۾ رهندڙ جان ڊسوزا بہ گڏ هوندو هون. جان ڊسوزا کي ٻار گهڻو ڀانئيندا هُئا. ٻارن جي ٽولي گڏ ٿيندي هُئي تہ هو پيگ ڊيو ڪڍي ٻئنڊ وانگر وڄائڻ شروع ڪندو هو. ان سُر ۾ ٻارن جي ٺهڪڙن جو آواز بہ هوندو هو. گوپال کي جان - چاچا جا لفڪ هميشهہ ياد ايندا هُئا. جان چاچا گُلري جانيءَ کي ڏسي چيو هو تہ، ”ڪُتي جهڙو وفادار جانور ٻيو ڪوبہ نہ ٿيندو آهي. ڪُتي جو مُکيہ گُڻ ئي آهي وفاداري.“



گوپال جانيءَ کي ننڍي گلري جي روپ ۾ حاصل ڪيو هو. اهو گلرو چٽڪمرو هُئو. گلرو ڏسندي ئي گوپال جي زبان تي ’جاني‘ نالو آيو هو. گوپال جانيءَ کي پالي چڱو وڏو ڪيو هو. گوپال جي سنڀال ۽ موهه ڪري جاني سدائين چست - ڦُڙت لڳندو هو. هوُ گوپال جو هر اشارو سمجهندو هو. گوپال اسڪوُل ويندو هو ته جاني کيس اسڪوُل تائين ڇڏي، گهر موٽندو هو. گوپال کي کيسي ۾ پئسا هوندا هئا ته ٽوسٽ وٺي ڏيندو هوس. ٽوسٽ کي وات ۾ جهلي ڊوڙندو ويندو هو ۽ چار پيرا پنيان نهاري ائين ڏيکاريندو هو ڄڻ ته موڪلائي رهيو آهي.

گوپال گهرو ڪم ڪرڻ وهندو هو ته سندس پيرن وٽ ٻهي جهوٽا کائيندو هو. ڪڏهن ڪڏهن جانيءَ جي اکين مان ڳوڙها وهڻ شروُع ٿيندا هُئا. گوپال سوچيندو هو، ته شايد جانيءَ کي پنهنجي ماءُ ياد اچي رهي آهي. سندس ماءُ ڪُجهه مهنا اڳ، ٽرڪ هيٺان چيپاڻجي مري ويئي.

هڪ ڏينهن گوپال اسڪوُل مان موٽيو. جانيءَ کي نه ڏسي چنتا ۾ پئجي ويو. ماءُ کان هن بابت پڇيائين، ماڻس چيس ”اتي ئي هوندو. چنتا ڇو ٿو ڪرين.“

گوپال جو من نه مڃيو. کيس سڄي پاڙي ۾ ڳولهي آيو. جاني نه لڌو. دل ۾ ڇوڙ لڳو، ”اڄ اچي ته مار ٿو ڏيانس. سمجهي ڇا ٿو؟ پوءِ وري ويچار آئيس ته ڪتو ويچارو ڪنهن مُصيبت ۾ نه ته ڦاٿو آهي! ايندو ته پُنيءَ تي هٿ ڦيرائي پڇندوسانس. سنجها ٿيڻ تي هُئي ته ڪتو ڊوڙندو آيو، ڪُتي ۾ عجيب ڪسم جي ڦڙتي هُئي. اچڻ سان گوپال جي خميص پڪڙي کيس گِهلڻ لڳو. گوپال دل ۾ سوچيو، ڪُجهه ضروُر آهي، جيڪو جاني ڏيکارڻ چاهي ٿو.

ڪتو کيس پهاڙن طرف وٺي وڃڻ لڳو. رستي تي جان چاچا به مليس. هن گوپال کان پڇيو، ”پٽ! ڪيڏانهن پيو وڃين؟“

گوپال چيو، ”چاچا، ڪتو پڪڙي وٺي آيو آهي.“ جان چاچا چيو، ”پوءِ ڪجهه ضرور آهي، نه ته ڪتو ايتري بي صبري نه ڪري ها.“ پوءِ ته اڳيان ڪُتو، ”پنيان گوپال ۽ جان ڊسوزا، پهاڙن ۾ سوڙها پيچرا لتاڙيندا رهيا. اُتي جهنگل جو هڪ پوليس وارو به ملين. جان ڊسوزا انگريزيءَ ۾ کيس ڪُجهه

سمجھايو. پوليس وارو هنن سان گڏ هلڻ لڳو.

ڏنگا ڦڏا پار ڪندا، اڌ ڪلاڪ لڳاتار پنڌ ڪرڻ بعد، ڪتو هڪ جھڳٽي وٽ اچي بيهي رهيو. پوليس واري ٽارچ ٻاري روشني ڪئي. سون ئي سون! پوليس واري جوُن اکيوُن چمڪڻ لڳيوُن. هن سيٺي وجائي، سيٺيءَ جي آواز تي ٻيا ٻه پوليس وارا پهچي ويا. پوليس واري گوپال جي پٺي ٺپريندي چيو، ”اسان ڪيترن ڏينهن کان سون جي چوري ڪندڙ ٽوليءَ جي تلاش ۾ هئاسين. سون ته مليو آهي، هاڻي ٽوليءَ کي پڪڙڻ به ممڪن آهي. اها به اتي ئي ڪٿي هوندي. سپاهي تون پوليس چوڪيءَ تي اچج. توکي ۽ تنهنجي ڪتي کي انعام ڏنو ويندو.“ واپس ايندي وقت جان دسوزا چيو، ”ڏٺئہ گوپال، آهي نہ ڪتو ڪمائتو جانور!“

گوپال، جانيءَ جي پٺيءَ تي پاٻوهہ مان هٿ ڦيريو.

## نوان لفظ:

پيچرا = ڪچو رستو گلرو = ڪتي جو ٻچو

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) گوپال کي جان چاچا جا ڪهڙا لفظ ياد ايندا هُئا؟
٢) جانيءَ جو رنگ ڪهڙو هو؟
٣) جانيءَ جي اکين مان ڪڏهن ڪڏهن ڳوڙها جو وهندا هُئا؟
٤) جانيءَ جي گهر نہ پهچڻ تي گوپال جي من ۾ ڪهڙا خيال آيا؟
٥) سون ملڻ تي پوليس واري گوپال کي ڇا چيو؟
٦) گوپال جي پاڙي وارا ٻار ڪنهن کي پانئيندا هُئا؟

**سوال ٢:- هيٺين لفظن جي اسم ذات ڻاهيو:**

١. وفادار ٢. مڃڻ ٣. سمجھائڻ ٤. شروعاتي

**سوال ٣:- هيٺين لفظن / اصطلاحن کي جملن ۾ ڪم آڻيو:**

١. پانئڻ ٢. صبر ٣. عجيب ٤. جهوُنا ٥. پُٺي ٺپرڻ

## پوُرڪ اڀياس

١. توهان ڪو جانور پاليندا آهيو؟ ان جانور بابت ٻڌايو.
٢. ڇا جانورن يا پکين کي گهر ۾ يا پڃري ۾ بند ڪري رکڻ صحيح آهي؟ ڪلاس ۾ اِن بابت پنهنجا ويچار رکو.
٣. ڪُتي کي وفادار جانور مڃيو ويندو آهي ڇو؟

# ٿڌو گهڙو پاڻ کي ڇانو ۾ وهاري.

ماٺ ۾ پڙهو.



گرميءَ جي موسم ۾ هرڪ ٿڌو پاڻي پيئڻ پسند ڪندو آهي. مٽ ۾ پاڻي ٿڌو به سُنو ٿيندو آهي. انڪري ماڻهوُ پاڻيءَ جا مٽ پيري رکندا آهن. جنهن دِلي يا مٽ ۾ پاڻي گهڻو ٺرندو آهي، اُنکي هرڪو ڇانو ۾ رکندو آهي جيئن اُس جي تپت کان بچيو رهي. اها چوٽي انهن ماڻهن سان به لڳيتي جيڪي سيتل ۽ نئڙت وارا آهن. سيني سان عزت پريو ورتاءُ ڪندا آهن. سندن دل ۾ ڪنهن لاءِ به نفرت يا بُري ڀاونا نه هوندي آهي.

’نمي ڪمي نهار‘ اهڙن ماڻهن جو اُصوُل هوندو آهي. اهڙن ماڻهن کي هرڪو پسند ڪندو آهي. ماڻهوُ جي شرافت، ايمانداري ۽ ڀلائيءَ سان هلندو ته اُنکي هرڪو عزت ۽ آدار ڏيندو. مطلب ته پنهنجو مان هٿ ڪرڻ پنهنجي ئي وس ۾ آهي.

ٻئي پاسي پنهنجي ٽوپي لهرائڻ يعني پنهنجي عزت گهٽارائڻ به پنهنجي ئي هٿ ۾ آهي. بُرو هلبو ته بُرو ورتاءُ پلئه پوندو. جيڪڏهن ڪو نمڪ حرامي ڪري ٿو تنهنکي ڪوبه پاڻ وٽ نه رکندو. جيڪڏهن ڪو دغا ڪري ٿو ته ڪوبه سچو دوست نه ٿيندو ۽ اوکي مهل مددگار نه بڻبو. ايمانداريءَ سان هلبو ته هرڪنهن جو وشواس رهندو ۽ اهو مثال ته مشهوُر آهي ته وشواس ۾ ماڻهوُ لکه به لٽي ايندو آهي. يعني وشواسي ماڻهوءَ کي هر ممڪن مدد ڪئي ويندي آهي.

ائين به چيو ويندو آهي ته جاتي ڪير تاتي ڪنڊ، جاتي جهڻ تاتي لوڻ. اسانکي پنهنجو سڀاءُ کير ۽ کنڊ وانگر ڪري ٻين سان ملي جلي رهڻ گُهرجي. سُني ماڻهوءَ کي سُنو ماڻهوُ پاڻيهي ملندو آهي. بُري انسان کي پاڻ جهڙا ماڻهوُ ئي ملندا.

انڪري جڳائي ته ٿڌي گهڙي وانگر رهجي ته جيئن هرڪو آدرڀاءُ ڏئي، مُصيبت وقت مدد ڪري. پنهنجي سُڀاءُ کي ٻين جي سڀاءُ سان ٺهڪائي هلڻ به پنهنجي وس ۾ آهي. ائين ڪرڻ سان ماڻهوءَ جا سڀ ڪم راس ٿيندا ۽ هوُ زندگيءَ ۾ ڪامياب ٿيندو. هوُ وڏي منزل تي پهچندو.

• ماستر شاگردن کي ڏنل ٽڪر ماٺ ۾ پڙهڻ لاءِ چوندو ۽ اُن تي سوال جواب پڇندو.

● برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظ جي معنيٰ وارو لفظ ٺاهڻ لاءِ گول ۾ مناسب اکر وجهي لفظ ٺاهيو.

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| و | ق | ○ | | | (ٿاٽو) |
| ت | ڪ | ل | ي | ○ | (مصيبت) |
| پ | ○ | | | | (طاقت) |
| ح | ي | ○ | ت | | (عجب) |
| - | و | د | | | (پاڻ) |
| اَ | ○ | م | ق | | (بي سمجهه) |
| م | ر | و | ○ | | (جانور) |
| س | آ | ○ | | | (ساراهه) |
| اُ | ○ | | | | (توڏو) |
| ○ | ڪ | | | | (خاطري) |
| ن | ○ | | | | (آسمان) |
| ف | آ | ئ | د | ○ | (نفعو) |
| پ | ر | ○ | | | (پرتگيا) |
| و | ه | ○ | | | (سنسا) |

# آرٽ ۽ ڪرافٽ نماءُ (ايگزيبيشن)

ڏسو جاچيو ۽ ٻڌايو:-



ماستر شاگردن کي چٽر ڏيکاري اُن بابت گفتگو ڪرائيندو. شاگردن کي پنهنجي اِسڪول ۾ اَهڙي قسم جي نماءُ لاءِ رٿا تيار ڪرڻ لاءِ چوندو.



چتر ۾ ڏيکاريل شين مان شاگرد ڪجهه شيون پاڻ ٺاهي ڏيکاريندا.

# ١٠. ايڪتا

شري منوهر نهالاڻي سُنو ۽ ڄڃهو ساهتيه سرجڻ ۾ جاتل سُڃاتل نالو آهي. ڪهاڻي، مضمون ۽ ناٽڪ وغيره صحفن تي چڱي قلم آزمائي ڪئي اٿس.
هن ايڪانڪي ناٽڪ ۾ ''ايڪتا'' عنوان ڪي سارٿڪ ڪندي ليکڪ وديارٿين ۾ ايڪتا ۽ سهڪار جي ڀاونا جاڳائڻ جي ڪامياب ڪوشش ڪئي آهي. هن ڪيتريون ئي ڪهاڻيون، ناٽڪ گجراتيءَ کان سنڌيءَ ۾ ترجمو آندا آهن.

## پڙهو ۽ سمجهو.



پاتر : نانڪرام، هريش، گيتوُ ريشوُ رحمان، بلونت، رُبي، ڊسوزا
جڳهه - وچولي گهر جو ڊرائينگ روم
(پڙدو کُلڻ تي پيءُ - پٽ ڳالهائيندا نظر اَچن ٿا)

هريش : هيڏو ٽائيم ٿي ويو آهي، اَڃا ٽائين ڪنهن لَڙي ليئو به ڪونه پاتو آهي.

نانڪرام : ڪنهنجو اِنتظار اَٿيئي پُٽ!

هريش : بابا .... (چپ)

نانڪرام : وري چُپ چو ٿي وئين؟

هريش : توهين ناراض ته ڪونه ٿيندا؟ بابا، توهين هميشهه سُٺا ڪم ڪرڻ ۽ ڌرم تي هلڻ جون ڳالهيون ڪندا آهيو نه؟

نانڪرام : بلاشڪ.

هريش : ڌرم تي هلڻ معنيٰ؟

نانڪرام : ڏس پُٽ! سُٺا ڪم ڪرڻ، ڪنهنجي ڀلائي ڪرڻ، اِهوئي ته ڌرم تي هلڻ آهي. اِنسانيت جو گڻ آهي.

هريش : پوءِ ماڻهو اِها ڳالهہ چو نٿا سمجهن؟ ڇا اِهي ڳالهيون ڪتابن ۾ لکيل ڪونهن؟

نانڪرام : لکيل آهن پُٽ! مهاپرش تہ چوندا آهن، سڀ کان وڏو ڌرم آهي انسانيت جو ڌرم. هندو، مسلمان، سِکُ، عيسائي، اِهي آخر سڀ اِنسان ئي تہ آهن.

هريش : بابا، توهان چئو ٿا تہ سڀ کان وڏو ڌرم انسانيت آهي، پوءِ جدا جدا ڌرمن وارا پاڻ ۾ ڇو ٿا وڙهن؟

نانڪرام : ڇاڪاڻ تہ سڀ پنهنجي ڌرم کي ٿا سُٺو سمجهن. حقيقت ۾ سڀني ڌرمن جون ڳالهيون سيني مذهبن ۾ هڪجهڙيون آهن. ڪوبہ ڌرم نفرت ڪرڻ نٿو سيکاري. پر پُٽ! تون اِهي ڳالهيون ڇو ٿو ڪرين؟

هريش : اِن ڪري جو بابا، مان بہ هڪ سُٺو ڪم ڪرڻ ٿو چاهيان. توهان کي ڪو اعتراض تہ ڪونهي.

نانڪرام : ڪنهن سُٺي ڪاريہ لاءِ مونکي ڇو اعتراض ٿيندو؟ پر... (گيتوءَ جو داخل ٿيڻ)

گيتو : نمستي بابا. (هريش ڏانهن نهاري) ڇو پلا اَڃا ڪير آيو ڪونهي؟ ريشو، رحمان، رُبي ڪير بہ ڪونہ آيو آهي. بلونت تہ ليٽ لطيف آهي.

نانڪرام : ڇا جي ميٽنگ ٿيڻي آهي؟

هريش : بابا، اسان اسڪول جي سيني ٻارن گڏجي هڪ متر منڊل ٺاهي آهي. جنهن ۾ مان، رحمان، سُڌير، بلونت، رُبي، ريشو ۽ ٻيون ڪيتريون ڇوڪريون بہ گڏ آهن.

نانڪرام : هيءُ تہ جُدا جُدا ڌرمن ۽ ذاتين جا ٻار ٿيا.

هريش : اسان فيصلو ڪيو آهي تہ هر هفتي ڪنهن نہ ڪنهن متر جي گهر گڏجنداسين، ڳالهيون ٻولهيون ڪنداسين گڏ کائيندا پيئنداسين بہ.

گيتو : ها بابا، اسين مائٽن کي هڪ ٻئي سان سک ۽ پريم پريو ورتاءُ ڪرڻ لاءِ عرض ڪنداسين.

هريش : نہ رڳو ايترو پر اسين سڀ ٻار ڏياري، عيد، ناتال جهڙا ڏڻ پڻ گڏجي ملهائينداسين.

نانڪرام : واه! اِهي تہ ڏاڍا نيڪ ويچار آهن. ڪاش، اسين وڏا بہ اُن ڳالهہ کي سمجهي سگهون، پر توهانجي ننڍڙي دماغ ۾ اِها ڳالهہ آئي ڪيئن؟

هريش : بابا، اسان جا چندناٿي سَرِ آهن نہ، اُنهن ئي اسان کي ايڪتا ۾ رهڻ جي سکيا ڏني آهي.

گيتو : ٻي ڳالهہ ٻڌايانو بابا، قومي ايڪتا لاءِ اسين هڪ ناٽڪ پڻ تيار ڪري رهيا آهيون.

نانڪرام : پُٽ، ويچار تہ اعليٰ آهي. سوال آهي تہ سيني ٻارن جا مائٽ ڪين موڪل ڏيندا؟

گيتو : ڳالهہ تہ سچي ڪئي اٿو! مونکي پپا کان موڪل وٺڻ ۾ ڪيڏي نہ مشڪلات ٿي!

نانڪرام : ڇا تنهنجي پپا بہ توکي منع ڪئي؟

گيتو : ها، مونکي ڇپاڻون وڏن ڦاڙها ماريا، باهي پڳ پئي آهي توهان ٻارن تي! پر بابا، توهين تہ چوندا آهيو هرهڪ جو هڪ ئي ڌرم آهي، انسانيت جو ڌرم.

نانڪرام : ها بلڪل، پر ڌرم جي جُنون ۾ اِنسان پنهنجي اِنسانيت کي ئي پلجي ٿو وڃي.

گيتو : هريش! تون منهنجي پپا کي سمجهائيندين؟ نہ تہ مونکي اَچڻ نہ ڏيندا. (روئڻ ٿي لڳي)

نانڪرام : (گيتوءَ جي مٿي تي هٿ ڦيرائيندي) تون خيال نہ ڪر پُٽ، تنهنجي پپا کي مان سمجهائيندس.

(ريشوءَ جو داخل ٿيڻ)

هريش : (ڪاوڙ وچان) هيڏي دير!... مون گهڻي ٻجي اچڻ لاءِ چيو هو؟

گيتو : نوين بجي .... ۽ هاڻي ڏهه ٿيا آهن.
ريشو : (نانڪرام کي) نمستي چاچا. ڏسو نه اِهو به نتا پُڇن ته دير ڇو ڪيئه.... اَڇا ساري گيتو.
نانڪرام : دير ڇو ڪيئه پُٽ؟
ريشو : ڪنهن مائٽ جي شاديءَ لاءِ مونکي بڙودي وڃڻو پوندو.
هريش : (کار ۾) ته تون اَچي نه سگهندينءَ؟
گيتو : خفي نه ٿيءُ ڀاءُ هريش، مميءَ زور پريس ته هيءَ ويچاري ڇا ڪري سگهندي؟
هريش : اِئين ٿوري ئي ٿيندو آهي.
نانڪرام : پُٽ، ڳالهه کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪر. تنهنجي ويچارن سان ته دنيا ڪونه هلندي ۽ نه ئي دنيا جي وهنوار کي بدلائڻ ايترو سولو آهي.
(رحمان ۽ بلونت داخل ٿين ٿا)
رحمان : السلام عليڪم ... ڀائي هريش.
هريش : اَچ رحمان.... بلونت، تون به ايڏو دير سان آيو آهين؟
بلونت : معاف ڪجانءِ دوست! دير ٿي ويئي. جنهن ڏينهن اسان جو پروگرام ٿيڻو آهي، اُن ڏينهن پپا سيني کي گهمائڻ وٺي ويندا.... پوءِ مان ڪيئن اَچي سگهندس؟
گيتو : اُن ڏينهن ئي وڃڻ ضروري آهي؟ ڇا ٻئي ڪنهن ڏينهن نٿا وڃي سگهو؟
(رُبي داخل ٿئي ٿي)
رُبي : تون هِن جي ڳالهه ٿي ڪرين. اول ٻڌاءِ ته توکي موڪل ملي آهي؟
نانڪرام : ڪمال آ! هيءُ ڪهڙو سنگنن آهي توهان جو؟ ڪنهن کي موڪل ئي نٿي ملي.
ريشو : هاڻي ڇا ٿيندو؟
گيتو : جيڪي سوچيو اَٿئون سو ٿي نه سگهندو. اَسان جا مائٽ ديش ڀڳتي ۽ برادري ڀاوَ جا صرف اُپديش ئي ڏيندا آهن.
رُبي : شايد ننڍپڻ ۾ ڪين ڪنهن اِن باري ۾ ٻڌايو ئي نه هوندو. نه ته جيڪر هيءَ پريشاني نه ٿئي ها.
هريش : (رُبيءَ کي) لڳي ٿو توکي به ڪا پريشاني آڏو آئي آهي.
رُبي : اَڄڻ ڪان ته ڪائي روڪ ٽوڪ ڪانهي، باقي...
ريشو : ته باقي وري ڇا؟
رُبي : ناٽڪ ۾ مونکي راڌا جو رول ڏنو ويو آهي پر مان راڌا نه بڻجي سگهنديس.
هريش : توکي راڌا جو رول ڪرڻ ۾ ڪهڙي تڪليف آهي؟
رُبي : خبر ناهي دِڏيءَ کي ڇا ٿيو آهي.... جڏهن مون راڌا جي رول ڪرڻ جي ڳالهه ٻڌائيمانِ ته چيائون توکي اُن ڏينهن ناٽڪ ڪرڻو ناهي.
گيتو : پر اُن جو ڪو سبب....
رُبي : دِڏيءَ ته ڪو سبب ڪونه ٻڌايو پر مميءَ چيو ته تنهنجو راڌا جو رول ڪرڻ دِڏيءَ کي پسند ڪونهي، ان لاءِ تون ضد نه ڪچ.
رحمان : مون سمجهو رُبي، توکي موڪل ڇو نه ٿي ملي؟ شايد چاچا به سمجهي ويا هوندا.
نانڪرام : تون سچ ٿو چوين رحمان. تون به ڪڏهن اَهڙيءَ حالت مان گذريو هوندين.

**رحمان** : ها چاچا، هڪ دفعي هريش سان گڏ مان بہ مندر ۾ ويو هوس، گهر وڃڻ تي اَباجان مون کي ڏاڍا دڙڪا ڏنا هئا. خبر ناهيم آخر مون کهڙو ڏوهہ ڪيو هو؟

**نانڪرام** : ڌرم جا ٺيڪيدار، مُدي خارج ويچارن وارا ماڻُ پيءُ جو ٿيا! ٻارن جي ڳالهين ۾ بہ ذات پات ۽ ڌرم کي وچ ۾ آندو ٿو وڃي.

**رُبي** : چاچا، ڊئڊي چو نہ ٿا سمجهن تہ راڌا جو رول ڪرڻ سان منهنجو ڪجهہ بگڙي ڪونہ ويندو.

**هريش** : بابا، رُبي راڌا نہ بڻجندي، بلونت بندوبست نہ ڪندو، ريشو بڙودي هلي ويندي، گيتا کي موڪل نٿي ملي، باقي مان ۽ رحمان بہ ڇڙا ڪهڙا جانجهہ وڄائيندا سين؟

**گيتو** : ڳالهہ تہ سچي ٿو چوين.

**هريش** : (جوش مان) ٺيڪ آهي، بند ڪري ڇڏيو سڀ پروگرام. اَسان کي ناٽڪ ٻاٽڪ جي مغزماري ناهي ڪرڻي، هليا وڃو سڀيئي.

**نانڪرام** : پُٽ! اِئين نراس نہ ٿبو آهي. هر نيڪ ڪم ۾ مشڪلاتون ايندیون آهن. ايشور تي ۽ پاڻ تي ڀروسو رکندڙ ڪڏهن نراس نہ ٿيندا آهن.

**ريشو** : هريش، مون کي تہ ڏاڍو ڏکہ ٿو ٿئي.

**رُبي** : مون راڌا بڻجڻ جا ڪيترا سپنا ڏٺا هئا.

**هريش** : پروگرام تہ ٿي سگهي ٿو، پر هنن جي ماڻُ پيءُ کي ڪيئن سمجهائجي؟

**گيتو** : مان اڄ ڪان ممي پپا سان ڪٽي ڪري ڇڏيندس.

**بلونت** : مان مائٽن اڳيان مؤن ورت ڌارڻ ڪندس.

**ريشو** : چاچا، هاڻي توهان ئي ڪو طريقو ٻڌايو نہ؟

**نانڪرام** : اِهوئي مان پاڻ سوچي رهيو آهيان، ڪيئن بہ توهانجو پروگرام ٿيڻ کپي.

**ريشو** : توهان رڳو گيتو ۽ رُبيءَ کي موڪل وٺي ڏيو، باقي اَسين پاڻ ئي ڏسنداسين.

**نانڪرام** : ها.... تہ پوءِ هيئن ڪيو... ٻئي پنهنجي ماڻُ پيءُ کي وٺي مون وٽ اَچن، پوءِ مان ڪين پاڻهي سمجهائيندس.

(ٻيئي ٻاهر وڃن ٿيون)

**بلونت** : هريش، تون منهنجو خيال نہ ڪر، مان ڪيئن بہ ڊئڊيءَ کي مڃائيندس.

(اوچتو ٻاهر ڏاڍو گوڙ ٿئي ٿو)

**هريش** : هيءُ وري ڇا جو گوڙ آهي؟

**ريشو** : لڳي ٿو ڪو جهڳڙو ٿيو آهي.

**بلونت** : لڳي ٿو ڇا، ڏِسُ عسمائيل چاچا ۽ انڪل حڪيمچند ٻيئي وڙهي رهيا آهن.

**هريش** : پر جهڳڙو ڪهڙيءَ ڳالهہ تان آهي؟

**بلونت** : مان ڏسي ٿو اَچان (ٻاهر وڃي ٿو، پنيان نانڪرام بہ تڪڙو وڃي ٿو.)

**ريشو** : وڏا بہ خوب آهن، ذري ذري ڳالهہ تي پيا وڙهن.

**هريش** : انڪري اَسان جو سنگٺن ضروري آهي.

**بلونت** : (اندر ايندي) ڇوڪرن بئٽ بال راند پئي ڪئي. بال وڃي عسمائيل چاچا جي ڌيءُ فاطما کي لڳو. ان ڳالهہ تان اَنڪل حڪيمچند ۽ چاچا عسمائيل جو جهڳڙو ٿي پيو.

**هريش** : پوءِ ڇا ٿيو؟



**بلونت** : مون جئيش کي چيو ’تون فاطما کان معافي وٺ: هن معافي ورتي. بابا بہ هُنن کي سمجهايو، بس جهڳڙو ختم.

**گيتو** : (داخل ٿيندي) مونکي موڪل ملي ويئي.

(رُبي پيءُ سان گڏ داخل ٿئي ٿي)

**نانڪرام** : اَچو اَچو مِسٽر ڊسوزا.

**ڊسوزا** : ويل، ڪيئن ياد ڪيو اٿو؟

**نانڪرام** : (وهڻ جو اِشارو ڪندي) ٻار هڪ ناٽڪ ڪري رهيا آهن. رُبيءَ کي اُن ۾ راڌا جو پارٽ ڏنو ويو آهي. اِن لاءِ اوهانکي ڪو اعتراض آهي؟

**ڊسوزا** : اعتراض.... ڳالهہ هيئن آهي تہ مونکي اِهو پسند ڪونهي.

**نانڪرام** : توهان جهڙي ودوان وڪيل کي تنگدل نہ ٿيڻ کپي. ڇا توهان وٽ ايندڙ اَصيل رڳو هڪ مذهب جائي هوندا آهن؟

**ڊسوزا** : مسٽر نانڪرام، توهين منهنجي ڳالهہ ٻڌو.....

**نانڪرام** : اَدل، مونکي ڪجهہ ٻڌڻو ناهي. توهان ٻڌايو ڇا ڪنهن هڪ قوم جا ماڻهو ئي گناه ڪندا آهن؟ گُنهگار تہ ڪنهن بہ قوم جو ٿي سگهي ٿو. هوُ ڪيس لڙڻ لاءِ ڪنهن بہ قوم جي وڪيل وٽ وڃي سگهي ٿو.

**ڊسوزا** : ائبسوليوٽلي ڪريڪٽ.

**نانڪرام** : نہ پوءِ، ٻارَ تہ ٻارئي آهن. اُهي ڪهڙيءَ بہ قوم جا هُجن. سڀ پارٽ ماتا جا ٻار آهن. اُنهن

ڪي مذهبي ڀيد ڀاوَ ڪي چڪر ۾ ڇو ٿا ڦاسايو؟ اُنهن جي پريم ۾ ايڪتا جي ڀاونا کي ڦلڻ ڦولڻ ڏيو. رُٻي ڪيڏي نہ سڀاڄهي نياڻي آهي. هيءَ رڳو ناڻڪ جي راڱا ئي نہ پر ديش جي سنسڪرتيءَ جو نشان بڻجندي: هيءَ رڳو مسٽر ڊسوزا جي ڌيءُ نہ آهي تہ ڀارت ماتا جي سنتان آهي. هن کي پنهنجي ديش ڏانهن ڪي فرض اَدا ڪرڻ ڏيو.

**ڊسوزا :** مسٽر نانڪرام، آءٌ ايم ويري ساري. شايد توهين نيڪ ٿا چئو.

**نانڪرام :** هاڻي تہ رُٻيءَ کي راڱا بڻجڻ کان نہ ورڪيندا نہ؟

**ڊسوزا :** نہ، بلڪل نہ.

**نانڪرام :** ان لئہ چوندا آهن دير آيا درست آيا.

**هريش :** اَچو تہ سڀ گڏجي چئون.

”اَچو تہ ڌرم جا ڀيد مٽايون، پاڻ ۾ سيئي پيائر آهيون، نفرت، جهيڙا کين ڪنداسين، رلي ملي سڀ هڪ ٿينداسين.“

(سڀ هڪ ٻئي سان ڳلي ملن ٿا. سنگيت هلندي پڙدو ڪري ٿو.)

## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| ورتاءُ = وهنوار | اعليٰ = اُتم | ڦاڙها مارڻ = وڏو ڪم ڪرڻ |
| خفي = ناراض | مُدي خارج = پُراڻا بيڪار | سنگٺن = ايڪتا |
| اصيل = وڪيل جو گراهڪ. | | |

## اَڀياس

**سوال ١: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) سڀ کان وڏو ڌرم ڇا آهي؟
٢) مِتر - منڊليءَ ۾ ڪير ڪير شريڪ هئا؟
٣) ريشوءَ کي موڪل ڇو نہ ٿي ملي؟
۴) رحمان کهڙي ڏکيءَ حالت مان گذريو هو؟
۵) نانڪرام ڊسوزا کي ڪيئن سمجهايو؟

**سوال ٢: هيٺيان جملا ڪنهن، ڪنهن کي چيا آهن:**

١) ”ڌرم تي هلڻ معنيٰ
٢) ڇا جي ميٽنگ ٿيڻي آهي؟“
٣) ”مميءَ زور ڀريُس تہ هيءَ ويچاري ڇا ڪري سگهندي؟“
۴) ”خبر ناهي ڊئڊيءَ کي ڇا ٿيو آهي؟“
۵) ”اِنڪري اَسان جو سنگٺن ضروري آهي.“

**سوال ٣:- خال ڀريو:**

١) اَسان فيصلو ڪيو آهي تہ ------ ڪنهن نہ ڪنهن متر جي گهر گڏجنداسين.
٢) ڪنهن مائٽ جي -------- تي مونکي ٻڙودي وڃڻو پوندو.

٣) لڳي ٿو توکي بہ ڪا ------ آڏو آئي آهي.

۴) توهان جهڙي ----- وڪيل کي تنگدل نہ ٿيڻ کپي.

۵) مون ----- کي چيو تون فاطما کان معافي وٺ.

**سوال ۴:- هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو:**

لڙي ليٹو پائڻ، ليٽ لطيف ھُئڻ، ايڪتا ۾ رهڻ، ڦاڙها مارڻ، مغزماري ڪرڻ، سپنا ڏسڻ،

**سوال ۵:- هيٺين لفظن جون صفتون ٺاهيو:**

ناراضگي، ڏر، نيڪي، خيال، پريشاني،

**هدايت:** اُستاد شاگردن کي جُدا جُدا رول ڏيئي هيءُ سبق ناٽڪي روپ ۾ پيش ڪرڻ سيکاريندو.
**مشغولي:** 'قومي ايڪتا' وشيہ تي شاگرد ڏهہ کان ٻارهان جُملا گهران لکي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

**(١) ايڪانڪي 'ايڪتا' جي هڪ ٽڪر تي آڌارت مشغوليون ڏيئتو: (داخل ٿيندي)....... سنگيت هلندي پڙدو کري ٿو.**

(١) سوالن جا جواب لکو:

١) گيتوءَ کان سواءِ ٻيا ڪهڙا ڪردار آهن؟

٢) ٽڪر مان اَنگريزي لفظ ڳولهيو ۽ اُنهن جي معنيٰ لکو:

٣) راڌا جو پارٽ ڪنهن کي ڏنو ويو هو؟

۴) ٽڪر مان هڪ چوڻي ڳولهي لِکو.

**(٢) گفتگو ٺاهيو:**

(الف) هيما، ماءُ سان ڊاڪٽر وٽ وڃي ٿي.
هيما - هيما جي ماءُ ۽ ڊاڪٽر اِنهن وچ ۾ وارتالاپ لکو.



(ب) هريش، سيما، نرنيدر، اِنهن، اِسڪول ۾ 'واچن پريرڻا ڏِوس' ڏينهن جدا جدا ڪتاب پڙهيا. اِن بابت سندن وارتالاپ لکو.



## وياڪرڻ

### حرف ندا

**هيٺيان جُملا پڙهو:**

١) هار! اڄ اسان هڪ گول سان هارائجي وياسين.
٢) اَها! اڄ اسين بيحد خوش آهيو.
٣) هاءِ هاءِ! ويچاريءَ جو گهر سڙي ويو.
۴) شل! پرماتما توتي ديا ڪري.
۵) واهه! اڄ تو ڪهڙو نہ بهادريءَ جو ڪم ڪيو آهي.

مٿين لفظن ۾ ’هار‘، ’اَها‘، ’هاءِ هاءِ‘، ’شل‘ ۽ ’واهہ‘ لفظ جملي ۾ الڳہ بيٺل آهن ۽ اِهي لفظ خوشي، افسوس، خواهش، ۽ عجب و-غيره ظاهر ڪرڻ ۾ ڪم ايندا آهن اِنهن کي حرف ندا چئبو آهي. ندا معنيٰ سڏ يا دانهن.

**هيٺين جملن مان حرف ندا ڳولهيو:-**

١) اَفسوس! هي ڇا ٿي ويو.
٢) اَڙي! هي ڇا پيو ڪرين.
٣) ڪمال آ! هي ڪهڙو سنگنن آهي.
۴) مار! راجيش ڪري پيو.
۵) شاباش! تمام سني ڳالهہ ٻڌائي اَٿيئي.

---

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

**(١) تصوير / تصور**

١) اَسان جي ڪلاس ۾ گانڌيءَ جي ------ ٽنگيل آهي.
٢) دارجلنگ جو ---- ڪندي، آهي دلڪش نظارا سامهون اَچي بيٺا.

**(٢) طرف / ظرف**

١) آهستي، اَڄ، هاڻي - اِهي لفظ وياڪرڻ موجب ------ آهن.
٢) بازار ----- ويندي مان هاتي ڏٺو.

**(٣) سڳہ / سڳو**

١) چور جو ----- ملنديئي پوليس ڪيس وجي پڪڙيو.
٢) ------ زور سان چڪڻ ڪري بٽڻ ٽٽي پيو.

**(۴) دوا / دعويٰ**

١) سريتا ----- ڪئي ۽ سچ پچ دوڙ ۾ پهريون نمبر ڪٽي آئي.
٢) ڊاڪٽر مريض کي ---- وقت تي وٺڻ لاءِ چيو.

**(۵) اُس/آس**

١) تيز ----- سبب مون چشمو پاتو.
٢) ------- سچي شرڌا سان رکبي تہ ضرور پوري ٿيندي.

**٣) اَهڙي نموني هيٺين جوڙن جا جدا جدا جملا ٺاهيو.**

(١) اَڪہ / اَڪو (٢) سير / شير (٣) سرگس/سرڪس (۴) چاهہ/ چانهن

# ١١. جيءُ ٻين جي واسطي

شاعر پرسرام هيرانند ’ضيا‘ جو ڪارگر يوگدان نہ صرف درسي ڪتابن ۾ پر ريڊيو ۽ فلمن ۾ بہ مقبول آهي. ’باغ بهار‘ ’آلاپ ضيا‘ سندس مشهور ڪتاب آهن. ڪيترن ئي ڳائڪن ’ضيا‘ صاحب جو ڪلام ڳايو آهي. هن ڪوتا ۾ قدرتي مثالن سان پَراُپڪاري جيوُن جيئڻ جي صلاح ڏنل آهي.



**پڙهو. ڳايو ۽ سمجهو.**

جي جيئڻ چاهين جڳت ۾، جيءَ ٻين جي واسطي.
باغ ۾ جيئن ٿي رهي، بلبل چمن جي واسطي.

خلق ۾ خالق پَسي، ڪر خلق جي خدمت مُدام،
هن عبادت ساڻَ ڪر، حاصل اُٿي اعليٰ مقام.

من وَچن ۽ ڪرم سان، شيوا ڪي سِمرڻ ڄاڻُ تون،
جو ٻين جي ڪَمِ اَچي، اُن ڪي ئي جيون ڄاڻُ تون.

جِن جي جيون ۾ خزان، تن لاءِ بڻجي پَئُہ بهار،
بي قرارن واسطي ٿي، بي قراريءَ ۾ قرار.

جيئن ندي وهندي وڃي، ويران پَٽ ساوا ڪري،
تيئن سُڪل ۽ نوٽُ هردا، پيار سان ڇڏ تون پري.

وَڻَ جيان ڏي ڦل زماني کي نہ ليڪن ماڻ ڪِرِ،
صبر ۽ نشڪام عادت کي، سدائين ساڻُ ڪِر.

بي اِجهن جو آسِرو ٿي، دردمندن جي دَوا،
جي ڏسين آليون اکيون، اُگهہ لڙُڪ تن جا اي ’ضيا‘!

## نوان لفظ:

خلق = عام ماڻهون
مُقام = جڳهه
سِمرَڻ = نام جپڻ.
ويران = ڀڙڀانگ
نشڪام = نسوارٿ

خالق = پرماتما
خدمت = شيوا
خزان = سَرءُ
ٺوٺ = سخت
اَجهِن = گهرن

مُدامُ = سدائين
عبادت = بندگي
بي قرارن = دکين
هِردا = دليون

## اَڀياس

**سوال ۱:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

۱) بلبل جي مثال سان شاعر ڇا ٿو چوڻ چاهي؟
۲) اعليٰ مُقام ڪيئن حاصل ٿيندو؟
۳) جيون ڪنهن کي ڇاڻڻ گهرجي؟
۴) نديءَ جيان ماڻهوءَ کي ڇا ڪرڻ گهرجي؟
۵) وَڻُ ڪهڙي سِکيا ڏئي ٿو؟

**سوال ۲:- ’الف‘ ۽ ’ب‘ مان سِٽن جا جوڙا مِلائي لکو:**

| ’الف‘ | ’ب‘ |
|---|---|
| ۱) خلق ۾ خالق | ۱) ڇڏ پري |
| ۲) جو ٻين جي ڪَمِ | ۲) خدمت مُدام |
| ۳) تيئن شڪل ۽ | ۳) ساڻ ڪر |
| ۴) صبر ۽ نشڪام | ۴) ڇاڻُ تون |

**سوال ۳:- هيٺين جا عدد مَٽايو:-**

بلبل، عبادت، ندي، اکيون، آليون.

**سوال ۴:- هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

حاصل ڪرڻ، ڪَمِ اَچڻ، بهار ٻٽجي پوڻ، ماڻُ ڪرڻ، آسرو ٿيڻ، لُڙڪ اُگهڻ

**هدايت:-** ماستر شاگردن کي هيءَ بيت لئه تال سان ڳڏائيندو ۽ چوائيندو.
**مشغولي:-** ماستر شاگردن کي چوندو ته ”ڪر شيوا ته مِلني ميوا“ وشيہ تي گهران ڏهه - ٻارهن سِٽون لکي اچن.

## پورڪ اَڀياس



**(۱) خاص ڄاڻ**

**پرسرام ’ضيا‘ جون رچنائون**

۱) باغ بهار - (۱۹۵۴)
۲) آلاپ ضيا (۱۹۵۸)
۳) پيغام - اي - ضيا (۲۰۰۰)

(٣) ڏنل مثال موجب، بيت جي سٽن مان مناسب لفظ چونڊي خال ڀريو:

| مثال :- برهمپترا | ندي |
|---|---|
| بيماري دور ڪرڻ لاءِ | |
| سرءُ جي منڊ | |
| خشڪ | |
| ميدان | |
| ميوا | |
| ڳوڙها | |

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

١. هيٺ برئڪيٽ ۾ ڏنل لفظن مان مناسب جواب ڳولهي خال ڀريو:

(موجودهه، بلڪل، شخص، دوُري، پيغام، ڀنڊ، اِستعمال، جواب، آواز، موبائيل، چڻ، سهوليت، هڪ طرفي، فرق، راند)



ٽيليفون هڪ اَهڙو ساڌن آهي، جنهن وسيلي ڪيتري به ----- تان به ماڻهوُ پاڻ ۾ ڳالهائي سگهن ٿا. ٽيليفون ۾ تار ۾ اِهو ---- آهي ته تار لفظن ۾ لکيل هوندي آهي ۽ ---- موڪلي ويندي آهي پر ٽيليفون تي ڳالهائي، اُتي جو اُتي ئي ----- پڻ پڇي سگهبو آهي. ٽيليفون تي اِئين لڳندو آهي. ----- هڪ ٻئي جي سامهون ويهي ڳالهائي رهيا آهيون. ------ زندگيءَ ۾ ٽيليفون جو ------ ڏاڍو وڏيل آهي. ٽيليفون ڪري ----- پهچائڻ ۽ ڏنڊ وڏائڻ ۾ ------ ٿيندي آهي. ٽيليفون ڪرڻ ---- سولو آهي.

٢. هيٺين جملن مان حرف جملو ڳولهيو:

١) انگريزن ڪي وجهه ملي ويو. جنهن ڪري ڪيترن ئي ديش ڀڳتن کي جيل ۾ وڌو ويو.
٢) راڻيءَ وٽ ڪا وڏي فوج نه هئي پر هن بهادري ڏيکاري.
٣) سنيتا نه فقط انگريزي ڄاڻي پر ڪيس جرمن ٻوليءَ جي به ڄاڻ آهي.
٤) مان سخت محنت ڪندس جيئن مان ڪامياب ٿيان.
٥) اُستاد سنڌي حرف سٺي نموني سمجهايا. جنهن ڪري شاگرد نوان لفظ به ٺاهي سگهيا.

# ١٢. چرتر يا اِخلاق

ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.



دنيا ۾ اخلاق يا چرتر جهڙي اَموُليہ وستو ٻي ڪانہ آهي. اخلاق زندگيءَ جي واڌاري ۾ ڏاڪڻ آهي. چرتروان انساني مهانتا جي چوٽيءَ کي ڇُهي سگهي ٿو چرتر جهڙو پَوِتر گُڻ اِنسان کي ديوتا بڻائي ڇڏي ٿو. دنيا جا ٻيا سڀ پدارٿ ٻي بقا آهن، صرف چرتر ئي جٽادار آهي.

جيڪا مهانتا منش کي چرتر حاصل ڪرڻ بعد ملي ٿي، اُها وديا، ڌن، صحت ۽ ٻين دُنيوي پدارٿن حاصل ڪرڻ سان نٿي ملي. جاتي، سماج ۽ ديش اندر جيڪو ماڻ مرتبو چرتروان شخص جو آهي، اُهو مهاراجائون بہ پنهنجو اثر هلائي حاصل ڪري نہ سگهندا. چرتروان شخص دنيا جا رهبر ۽ عوام جا پيغمبر ليکيا ويا آهن.

سنت ڪوي سوامي ڀوڏراج چيو آهي - ”ماڻهوءَ جي سَموُري شخصيت سندس چرتر تي آهي. چرتر آهي منش جو سُورج ۽ اُن سورج جي چمڪي ڪري ئي دنيا ڀِڪي ٿي ۽ منش اعليٰ بڻجي ٿو.“

چرتر جي ٻل سان سيني مشڪلاتن کي مُنهن ڏيئي سگهجي ٿو. چرتروان شخص ڪان الڳہ نٿو سمجهي، هوُ شيوا ڪري ٿو، فراخدل ٿئي ٿو، اَورچ ۽ ڪرم شيل رهي ٿو. سادگي، سچائيءَ جي مورتي سڏجي ٿو. هوُ ڪوڙ، ڪَپٽ، ڇل-ول. اجائي اَڊمبر ڏيکاءُ ڪان ڏهَہ ڪوهہ ڏوُرِ رهي ٿو.

گوتم ٻڌ، شيواجي، مهاتما گانڌي، سوامي وويڪانند، سنت ليلا شاهہ ۽ اهڙا ٻيا انيڪ مهاپرش چرتر جا مالڪ ٿي گذريا آهن. جن جي زندگي جنتا جي ڪلياڻ ۽ بهبوديءَ لاءِ گذري آهي. وويڪ جي

چندبچاءُ بعد ئي چرتروان مَنش ڪاريہ ڪري ٿو. هوُ مَن، وَچن ۽ ڪرم سان اِهڙو ڪوبہ ڪُڪرم نٿو ڪري جنهن سبب سندس اخلاق کي ڪو ڇيهو رسي.

ٻارن کي ننڍپڻ کان ئي اهڙي سِکيا ڏيڻ گهرجي جو اڳتي هلي اُهي چرتروان ٻڻجي سگهن. ٻار ئي آئينده جا اَبا آهن. چرترهيڻ شخص سماج ۽ ديش تي ڪلنڪ آهن. چرتروان منش ئي ملڪ جو مان مٿي ڪن ٿا.

## نوان لفظ:

اَموُليہ = قيمتي، | چتادار = قائم، | دُنيوي = سنساري،
ڇيهو رسڻ = نقصان پهچڻ، | خالق = ايشور، | چندبچاءُ = ڇڪاسَ، | ڪلنڪ = داغُ

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو.**

١) مهانتا جي چوٽيءَ کي ڪير ڇُهي سگهي ٿو؟
٢) هن سبق ۾ ڪهڙن دنيوي پدارٿن جو ذڪر ڪيل آهي؟
٣) چرتروان منش جا ڪي بہ پنج گڻ لِکو.
٤) پاٺ ۾ ذڪر ڪيل ڇئن چرتروان شخصن جا نالا لکو.
٥) چُرتر بابت سوامي يوڳراج جا ڇيو آهي؟

**سوال ٢:- هن سبق جي آڌار تي خال ڀريو.**

١) چرتروان شخص عوام جا ------ ليکيا ويندا آهن.
٢) ------ آهي منش جو سوُرجُ.
٣) انيڪ ------ چرتر جا مالڪ ٿي گذريا آهن.
٤) ٻارن کي ----- کان ئي اهڙي سکيا ڏيڻ گهرجي
٥) ------ منش ئي مُلڪ جو مانُ مٿي ڪن ٿا.

**سوال ٣:- هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

چوٽيءَ کي ڇُهڻُ، اَثر هلائڻ، ڏهہ ڪوهہ ڏوُر رهڻ. چندبچاءُ ڪرڻ، ڇيهو رَسڻُ، مُنهن ڏيڻ.

**سوال ٤:- ضد لکو:**

اَموُليہ، چتادار، دُنيوي، مُشڪک فراخدل،

**سوال ٥:- هيٺين لفظن جا اسم ذات روپ لکو:**

مهان، صِحتمندُ، شخص، اوچ، مالِڪُ،

**هدايت:** ماستر شاگردن کي ٻين چرتروان شخصن بابت ٻڌائيندو.
**مشغولي:** شاگرد ”چرتروان شخص“ تي ڏهہ کان ٻارهان جملا گهران لکي ايندا.

## پورڪ اَڀياس

**(۱) سبق جي آڌار تي مشغوليون.**

**هرهڪ سوال جا چار جواب لکو:-**

۱) چرتروان جا گڻ

۲) مهاپرش جا نالا

۳) اُهي لفظ جيڪي هِندي ٻوليءَ ۾ به اِستعمال ٿيندا آهن.

۴) صفتون

۵) اُهي لفظ جيڪي حرف جملو تي ڪم آيا آهن.

**(۲) 'ايمانداري' لفظ جي اَندر سمايل اَکر ڪم آڻي نوان لفظ ٺاهي سگهجن ٿا.**

**ڏنل مثال کي سمجهي، مناسب لفظ ٺاهي، خال ڀريو:**

**وڏن کي هميشه مان ڏيڻ گهرجي.**

۱) روزانو ---- پالڻ سان جيون سقلو ٿئي ٿو.

۲) ----- جي ڊپ کان راجيش سانت رهيو.

۳) ايشور هر ---- ناريءَ ۾ موجود آهي

۴) شنڪر ----- زور زور سان ٿيڻ لڳو.

۵) تمام تيز برسات سبب منهنجي ٽرين ---- ڪئي ويئي.

۶) زندگيءَ ۾ هر پل، هر ڪاريه ----- سان ڪرڻ گهرجي

۷) ----- ڏيڻ ۾ آنند آهي وٺڻ ۾ ڪين.

۸) سنيتا سويل ٿي گهر مان نڪتي جئن انٽرويو ۾ ---- نه ٿئي.

۹) برسات جي ----- ۾ ڏاڍو مزو ايندو آهي.

۱۰) ايشور --- ---- آهي پر اَنڌير نه.

**(۳) چرتر + وان = چرتروان**

**ديا + وان = دياوان**

**اَهڙي نموني ''وان'' پڇاڙي ڪم آڻي لفظ ٺاهيو**

**(۴) وديا دان، اُتم دان**

**متئين چوٽي 'وديا' سان لاڳاپو رکندڙ آهي. اَهڙي نموني وديا / تعليم / گيان سان لاڳاپو رکندڙ چوٽيون پنهنجي اُستاد، مائٽن ۽ دوستن جي مدد سان حاصل ڪري لکو.**

**(۵) هيٺين جملن مان حرف ندا ڏيکاريندڙ لفظ ڳولهيو.**

۱) مار! هي ته سياٽپ جو ڏاڍو آهي.

۲) ڙي پيڻ! ڪهڙيون ڳالهيون ٿي پڇين.

۳) شال! توهان وڏي زندگي ماڻيو.

۴) او! سيٺ پيرومل گذاري ويو.

۵) اِهو اِنعام توکي مليو آهي، واهه! ڇا چئجي؟

# ١٣. محنتڪش مزدور

شري گورڌن شرما ’گهايل‘ تعليمي ۽ ادبي ڪيترن ۾ گذريل پنجن ڏهاڪن کان سرگرم ۾ رهيو آهي. ’ميڙي چونڊي‘ ڪتاب تي ڀارت سرڪار پاران انعام مليل اٿس. هن ڪجهه ڪهاڻيون، مضمون ۽ ناٽڪ به لکيا آهن.

هن ڪوتا ۾ شاعر محنت ڪندڙن جي اَهميت سمجهائي آهي.

## ٻُڌو. ڳايو.



(١) ڪڻُ ڪوڏَرِ تون پنهنجي هٿن ۾؛
بِجلي پئدا ڪر تون بدن ۾،
طوفانن ڪي چيري هل تون؛
مشڪل ۾ پيي رهج اَٽل تون،
چُستيءَ جو چنجور ڪٽي ڪر؛
ڏونگر ڏُکہ جا چڪناچور،
اُٿ او محنتڪش مزدور.

(٢) ٻُڌُ او هر ڪاهيندڙ هاري؛
دنيا توتي ڀاڙي ساري،
تون دنيا ڪي پالڻ وارو؛
ٻُکہ ڪي آهين هڪالڻ وارو،
هر ڪاهي اَن ساڻ ڪرين ٿو؛
ڀومي پنهنجي هيءَ ڀرپوُر،
اُٿ او محنتڪش مزدور.

(٣) اُٿ او ڪوُلي، تيلي، نائي؛
جانڊي، چاڪي، موچي ڀائي،
سارو ڏينهن ٿا هڏ هلايو؛
پوءِ بہ نہ پوُري روٽي پايو،
دولت وارن جي خوابن ڪي؛
ملي ڪريو ’’گهايل‘‘ ڪافور،
اُٿ او محنتڪش مزدور.

## نوان لفظ:

کوڏر = زمين کوٽڻ جو اوزار، اَٽل = اَڏول، محڪم، ڇُستي = ڦڙتي،
ڏونگر = پهاڙ، چنجور = هٿيار، محنت ڪش = محنت ڪندڙ،
پاڙڻ = آڏار رَکڻ، پايو حاصل ڪيو، جانٻي = جنڊُ هلائيندڙ،
چاڪي = گهاڻي تي ڪم ڪندڙ.

## اَڀياس

**سوال ۱: هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

۱) مشڪل ۾ به اَٽل رهڻ لاءِ شاعر ڇا چيو آهي؟
۲) هاري اَسان لاءِ ڪيئن مددگار آهي؟
۳) ڪن به پنجن محنتڪشن جا نالا لکو.

**سوال ۲: سٽون پوريون ڪريو:**

۱) ڇُستيءَ جو ---------------------------------------------------- چڪناچور.
۲) تون دنيا کي ---------------------------------------------------- هڪالڻ وارو.
۳) دؤلت وارن ---------------------------------------------------- ڪافور.

**سوال ۳:- هيٺين لفظن جا اسم ذات روپ لکو:**

اَٽلُ، هڪالڻ، مزدور، مددگار

**سوال ۴:- هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ڏونگر، چنجور، هڪالڻ، دؤلت، ڪافور

| | |
|---|---|
| **هِدايت:** | ماستر شاگردن کي هيءَ ڪوتا اثردار انداز ۾ پڙهي ٻڌائيندو ۽ چوائيندو. |
| **مشغولي:** | ڪوتا ۾ ڪم آندل محنتڪش بابت شاگرد گهران ٻه ٻه جُملا لکي ايندا. |

## پورڪ اڀياس

**(۱) جوڙا مِلايو**

| | |
|---|---|
| ۱) بوجهه ڪڍندڙ | ۱) چاڪي |
| ۲) کيتيءَ ۾ ڪم ڪندڙ | ۲) جانٻي |
| ۳) گهاڻي مان تيل ڪيڍندڙ | ۳) ڪولي |
| ۴) ٻجن مان تيلُ ڪيڍندڙ | ۴) هاري |
| ۵) جُنڊُ هلائيندڙ | ۵) تيلي |

**(۲) شعر بند تي مشغوليون**

اُٺ او ڪولي ---------------------------------------------------- مزدور

۱) شاعر جو تخلص ڪهڙو آهي؟

٢) مزدور سچو ڏينهن محنت ڪندا آهن.

ليڪ ڏنل لفظن بدران بيت مان مناسب لفظ ڳولهي جملو وري لکو.

٣) ---- جي ---- کي ناس ڪريون.

(بيت جي سٽن مان مناسب لفظ ڳولهي خال ڀريو)

## پاڙ ڪريان - پاڙ سکان

### خط




١. پنهنجي ننڍي ڀاءُ کي اِمتحان ۾ پهريون نمبر اَچڻ تي واڌايون ڏيڻ بابت خط لکو.

٢. اِسڪول جي هيڊماستر کي ساليانيِ جلسي ۾ ڀهرو وٺڻ بابت خط لکو.

٣. ميونسپل اَڌڪاريءَ کي خط لکي ٻڌايو ته توهانجي ايراضيءَ ۾ وڻ پوکڻ جي سخت ضرورت آهي.

٤. توهانجي وارڊ جي نگرسيوڪ کي پاڻيءَ جي اَڻاٺ دور ڪرڻ لاءِ خط لکو.

### گفتگو

١. ٽرين ۾ مسافري ڪرڻ وارن ٻن مسافرن وچ ۾ گفتگو لکو.



٢. پاڻيءَ جي بچت لاءِ ڀين دوستن يا ساهيڙن جي وچ ۾ گفتگو لکو.



ڏسو جاچيو. پڙهو ۽ لکو.





ڏنل چترن ذريعي آکاڻيون پنهنجن لفظن ۾ لکو.

# ١٤. پين جي کوجنا

ڊاڪٽر جينو لالواڻي سنڌي ساهتيہ جي الڳ الڳ صحفن تي ڪافي گهڻو ۽ سُٺو لکيو آهي. ڪيترن ادبي اِدارن سان جُڙيل رهيو آهي. هن سبق ۾ هرڪنهن جي پياري شيءِ پين بابت سٺي ڄاڻ ڏنل آهي.

## پڙهو. پڙهو.



قلم، پين، ڪلڪ، ڪٽُ، فائونٽين پين ۽ بال پين سڀ لکڻ جي ساڌنن جا نالا آهن.

پين يا قلم جنهن ۾ رکيو ويندو آهي اُن کي 'قلم دان' چيو ويندو آهي. جيڪو شخص لکندو آهي اُن کي 'قلم ڪار' سڏيو ويندو آهي.

چوڻي آهي تہ تلوار کان وڌيڪ قلم جي طاقت ٿيندي آهي. اُها ڳالھ نہ ڪندي آهي پر دلين، سماج، حڪومتن ۾ بدلاءُ آڻي ڇڏيندي آهي. تلوار هِنسڪ آهي. قلم اَهنسڪ آهي.

بال پين، فائونٽين پين اڄ. جيون ۾ ضروري، هر روز وهنوار ۾ ڪم ايندڙ ساڌن آهي. پڙهيل - ڳڙهيل اِنسان جو بار بار واهپي ۾ ايندڙ اوزار آهي. اڄ ڪالھ جدا جدا قسمن جا رنگ بہ رنگي ۽ ڪشش ڪندڙ اکر لکندڙ پينيون - بال پينيون واهپي ۾ آهن. پين، بال پين سان ڪيل صحيح ڪيتري قيمتي آهي. اِهو هرڪو ڄاڻي ٿو تہ وري پين سان لکيل دستاويز، قاعدا، نيم وغيره، ملڪن ۾ ڪيتري نہ اُٿل پٿل ڪرائين ٿا.

سوال آهي تہ اڄ پين، قلم، بال پين اهڙي طاقتور چيز بڻجي چڪي آهي تہ جڏهن اُن جي کوجنا نہ ٿي هئي تڏهن ڇا سان لکيو ويندو هو؟

جڏهن اڃا پين جي کوجنا نہ ٿي هئي ۽ اِنسان غفائن، جهنگلن ۾ رهندو هو تہ هنن دوارن تکي اوزار سان غفائن جي ديوارن، پهاڙن تي چتر اُڪيريا ويندا هئا. قديم زماني ۾ 'وڻن'، ''وڻن جي پنن'

مان رس ڪڍي يا جانورن جي رت جو مس طور اُپيوگ ڪيو ويندو هو. جڏهن جڏهن اِنسان وڪاس ڪيو. هن مٽيءَ ۽ چاڪ جي ٽڪرن جو ۽ ڪاٺين مان مليل ڪوئلن جو واهپو ڪرڻ شروع ڪيو.

چين جا ماڻهو اُٺ جي لسن وارن جو برش ٺاهي اُنهن سان اکر لکندا هئا. تواريخ ٻڌائي ٿي ته چار هزار سال اڳ گريڪ ماڻهن سڀني کان پهرين اول ترين اکرن لکڻ جي شروعات ڪئي. اُن کان پوءِ ماڻهن بانس جي ڪلڪ ٺاهي. هڪ خاص قسم جي مس جيڪا پڻ قدرتي ساڌنن مان ٺاهي ويندي هئي ان سان به لکڻ شروع ڪيو. اُن زماني ۾ ڪمل جي پنن ٽاڻ يا ڪنهن خاص قسم جي ڪپڙي تي لکيو ويندو هو، وچولي زماني ۾ جڏهن ڪاغذ جي کوج ٿي ته ماڻهن هنس، ڪانو، ٻدڪ، مور ۽ ٻين پکين جي کنڀن جون پينيون ٺاهي اُنهن جي نوڪن سان لکڻ شروع ڪيو. کنڀن جا اهي قلم - ڪلڪون گهڻو وقت جٽاءُ نه ڪنديون هيون. پر تنهن هوندي به اِنسان هزار کن سالن تائين 'کنڀ ڪلڪ' جو واهپو ڪيو ۽ حقيقت ۾ ايجپٽ لوڪن ئي پين ٺاهي.

ارڙهين صديءَ ۾ لپ رُنگ جي هڪ مڪنڪ فائونٽين پين جهڙو ساڌن ڳولهي ڪڍيو. ١٨٠٩ ۾ هڪ انگريز فائونٽين پين جو 'پيٽنٽ' ورتو. ١٨٥٦ ۾ جرمنيءَ ڪارخانو لڳائي اُتپادن شروع ڪيو. ١٨٧٨ ۾ سون جون نبون واهپي ۾ آيون هيون، جديد دؤر جي فائونٽين پين جي رچنا انگلنڊ جي وگياني واٽر مئن سنه ١٨٨٠ ۾ ڪئي ۽ اُن وقت نه وٽنڊڙ، بد صورت پيينون، اڄ وٽنڊڙ ۽ خوبصورت جدا جدا ڊزائين ۾ موجوده آهن. هاٿي پلاسٽڪ، اسٽيل، عاج، لڪڙي ۽ هڪ ٿي بال پين ۾ انيڪ رنگن جون رفلون هڪ ئي وقت شامل ٿيل بال - پيينون بزار ۾ وڪامن ٿيون. بال پين ۾ بار بار مس پرٽي نٿي پوي ۽ لکيل اکر ترت سُڪي به وڃن ٿا. اُن سان لسي چاهي گهري متاچري تي لکي سگهجي ٿو. ڪاربان ڪاپي ڪڍي سگهجي ٿي. تازي کوجنا مطابق فرينچ ۾ هڪ اهڙي مس ۽ بال پين جي کوج ڪئي ويئي آهي، جنهن سان سورداس ڪاغذ تي لکي سگهن ٿا ۽ اُهي اکر ڪاغذ تي اُڪري اڀڻ ڪري پڙهي سگهجن ٿا.

**نوان لفظ:**

تواريخ = سمو | اُٿل پٿل = ڦير گهير

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) پين ضروري ساڌن ڇو آهي؟
٢) جڏهن انسان غفائن يا جهنگلن ۾ رهندو هو ته چتر ڪيئن ڪيندو هو؟
٣) انسان پکين ۽ جانورن جو لکڻ جي ساڌنن ۾ ڪيئن اپيوگ ڪندو هو؟
٤) جديد دؤر جي فائون ٽين، پين جي رچنا ڪنهن ڪئي؟
٥) بال پين جا ڪهڙا فائدا آهن؟

**سوال ٢:- جوڙا ملايو:**

| | |
|---|---|
| ١) چين جا ماڻهوُ | الف) سورداس ڪاغذ تي لکي سگهن ٿا. |
| ٢) ايجپٽ جا ماڻهوُ | ب) ٽامي جي ٽڪر جو نب طوُر استعمال |
| ٣) فرينچ ۽ بال پين جي کوجنا | ب) اُن جي وارن جو برش جي روُپ ۾ استعمال |

**سوال ٣:- پاٺ ۾ هڪ لفظ 'قلم ڪار' آيل آهي اهڙا ٻيا پنج لفظ لکو: مثال - ڪلاڪار.**

## پورڪ اڀياس

**(۱) ڏنل مثال موجب هيٺيون خاڪو پورو ڪريو.**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| واهپو | قيمتي | اوزار | اُتپادن | گِجها | نمائش |
| استعمال | | | | | |

**(۲) سمجھايو - ’ترار کان وڌيڪ قلم جي طاقت ٿيندي آهي‘.**

**(۳) پينسل جي ڪوجنا ڪيئن ٿي ان بابت ڄاڻ حاصل ڪريو.**



**(۴) هيٺين جملن مان اوکاري لفظ سُڃاڻو:-**

۱) اسان سُپاٽي نئين ڪار خريد ڪنداسين.
۲) پارت سُني راند ڪئي پر هوُ هارائجي ويو.
۳) مونکي پاڻ لاءِ رکڙي گُهرجي.
۴) شاباس! تو گهڻي محنت ڪئي آهي.
۵) مان امتحان نه ڏيندس.

## ٻاڙ ڪريان - ٻاڙ سکان

**ڪالم ’الف‘ ۾ پهاڪا ۽ ڪالم ’ب‘ ۾ پهاڪن جون سمجهاڻيون ڏنل آهن: مناسب جوڙا ملايو:-**

| الف | ب |
|---|---|
| ۱) پاليتو نه ماليتو | ۱) رشوت جو پئسو ٽڪاءُ نه ڪندو آهي. |
| ۲) ڪک جو چور سو لک جو چور | ۲) ڏيکاءُ واري ڀڳتي ڪرڻ پر اَندر ۾ ڪوڙ ڪپٽ رکڻ. |
| ۳) سڪن گڏ آلا ٻرن | ۳) سيڪو پنهنجو فائدو ۽ سک ڳولهيندو آهي. |
| ۴) هٿ ۾ مالها اَندر ۾ پالا | ۴) ننڍو گناهه ڪندڙ نيٺ وڏو گُناهه ڪري وجهندو. |
| ۵) کوهه جي مٽي کوهه کي | ۵) ڪم لڳي کان پوءِ اُها شيءِ نڪمي سمجهي وڃي ٿي. |
| ۶) سياري جي سوڙ سيڪو پاڻ ڏانهن سيري | ۶) ٻچڙ سان ئي پتو پوي ٿو. |
| ۷) رت ڪتورو ڏبو ته پيٽ ڪتورو ملندو. | ۷) خراب سنگت ۾ شريف اِنسان کي به سزا ملندي آهي |
| ۸) سيرو ڪاڏو پاتل ڦاٽي. | ۸) ٻارن ٻچن وارو ڪهڙو مال ميڙي سگهندو؟ |
| ۹) اَنڌن ’ملتان‘ لڌو. | ۹) پنهنجو ٻاڙ تي پارڻ گهرجي. |
| | ۱۰) محنت کان سواءِ ڪجهه به نه ملندو. |

# ١٥. پوپَٽ

هندسنڌ ۾ هاڪارو مايه ناز شاعر ناراين گوڪلداس ناگواڻي، ’شيام‘ نالي سان اَدبي ادارن ۾ مقبول آهي. سنڌي شاعريءَ جي مجموعن مان ڪجهه آهن ماڪ ڦِنا رابيل، واريءَ ڀريل پلاندُ، آڇيندي لَڇ مَيران. هن صاحب جون ڪُل رچنائون ”ذات ۽ حيات“ (ٻِن ڀاڱن) ۾ ڏنل آهن. هن ڪوتا ۾ پوپٽن بابت سندر چٽر چٽيل آهي.

ٻُڌو. ڳايو.

اُڏندا ڪُڏندا پوپٽ آيا:
آيا ناچوُ نٽ کٽ آيا،

گُلن پَنَنِ جي رانديڪن سان؛
رانديون ڪن ٿا نچي خوشيءَ مان.

راس رِچائي گُلَنِ هوا ۾
يا پوپٽ ٿا نچن هوا ۾

هڪڙو آيو، ٻيو اُڏاڻو؛
هڪ ٻئي سان ڪَنِ نخرو ماڻو،

ڪهڙي راڻي، ڪهڙو راڻو؟
مان نہ سُڃاڻان، پاڻَ سڃاڻو.

دِل کي موهِنِ رنگ اُنهن جا؛
رنگ اُنهن جا ڍنگ اُنهن جا.

سوُنهن ڀَريا سونهارا پوپٽ!
گُلن ڦُلن جا پيارا پوپٽ!

نوان لفظ:

ڪُڏندا = نچندا، نٽ کٽ = چنچل، نخرو = ناز، موهن = هرکائن.

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) پوپٽ کھڙن رانديڪن سان رانديون ڪن ٿا؟
٢) هڪ ٻئي سان نخرو ڪير ٿا ڪن؟
٣) پوپٽ دل کي ڪيئن موهِن ٿا؟

**سوال ٢:- بيت جي آڌار تي سٽون پوريون ڪريو:**

١) گُلن پنن جي ------------------------------------ نچي خوشيءَ سان.
٢) هڪڙو آيو -------------------------------------------- نخرو ماٺو.
٣) دِل کي موهن ---------------------------------------- ڍنگ اُنهن جا

**سوال ٣:- خال ڀريو:**

١) آيا --------- نت ڪٽ آيا.
٢) راس رچائي ------- هوا ۾.
٣) سونهن ڀريا ------- پوپٽ.

**سوال ۴:- هم آوازي لفظ چونڊي جوڙا ملايو.**

| اَلف | ب |
|---|---|
| ١) اُڏاندا | ١) ماٺو |
| ٢) گُلَنِ | ٢) ڍنگ |
| ٣) رنگ | ٣) سونهارا |
| ۴) پيارا | ۴) ڪُڏندا |
| ۵) راٺو | ۵) ڦُلَنِ |

**هدايت** - ماستر هيءَ بيت اثرائتي نموني پڙهي ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.
**مشغولي** - ماستر ۽ مائٽن جي مدد سان شاگرد گھر مان 'ماڪيءَ جي 'مَکَ' تي اَٽ ڪان ڏهه جملا لکي ايندو.

## پورڪ اڀياس

**(١) بيت مان لفظ ڳولهي هيٺين جملن ۾ خال ڀريو**

١) دڪان تي نون - ----- کي ڏسي ٻار ڏاڍا خوش ٿيا.
٢) ----- تي ڀوئنڙا ويهي رس پيئن ٿا.
٣) اَسان کي ------ سهڪار سان هلڻ گھرجي.
۴) اِنڊلٺ ۾ ست ------ هوندا آهن.
۵) اَسان جي جيئڻ لاءِ ------ ضروري آهي.

**(٢) هرهڪ سوال جا ٻه مثال ڳولهيو:**

١) هم آوازي لفظ.

٢) ساڳئي اَکر سان شروع ٿيندڙ لفظ
٣) ’س‘ سان شروع ٿيندڙ لفظ
٤) باغ ۾ ملندڙ اِسم
٥) پوپٽن جون وڻندڙ ڳالهيون

٣) هيٺئين مثال موجب خاڪو پورو ڪريو. (ڊڪشنريءَ جي مدد وٺي سگھون ٿا)



| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ڪُتو- ڳلر | ڳانءِ - | ٻلي - | گھوڙو - | هرڻ - |

## پروليون سليو



- پيرن ٻن هي هلندو آهي.
  جپ ٻنا ڳائيندو آهي
  منهن ۾ ٻيئي هٿ اُٿس
  منٽ منٽ جي ڪٿ اٿس.

- ٻنا پرن مان اُڏندو آهيان.
  ڏاڍي تي مان نچندو آهيان
  رنگبرنگي آهيان، آءُ پيائي،
  منهنجو چاهي ناڻءِ

- وڻ تي آهي، پنڇي ناهي
  ڏاڙهي آهي، قاضي ناهي
  پاٽي چلڪي، برتن ناهي
  چمڙ مرڻ جي گھربل آهي.

[illegible]

## اَچو تہ کلون

**ماستر:** ٻال کي مٽي اُڇلبو تہ واپس ڌرتيءَ تي اَچي ڪرندو. ڇو؟

**شاگرد:** ڇو تہ ٻال کي پڪڙڻ لاءِ مٽي ڪوبہ ٻالڪ ڪونہ هوندو آهي.



**ماستر:** ٻڌايو تہ جانورن جي نظر تيز هوندي آهي يا اِنسان جي؟

**شاگرد:** جانورن جي! ڇاڪاڻ تہ اَسان ڪڏهن بہ ڪنهن جانور کي چشمو لڳل ڪونہ ڏٺو آهي.

**پُٽ:** بابا، مان هاڻي جلد شاهوڪار ٿي ويندس.

**پيءُ:** سو وري ڪيئن؟

**پُٽ:** بابا اَڄ ماستر صاحب پئسن مان روپيا ٺاهڻ سيکاريا آهن.

۱. چوڻيُون / پهاڪا پورا ڪرڻ لاءِ هيٺيان جوڙا ملايو.

مثال: اُٺندو اُها جا - ڪوريءَ جي من ۾

| | |
|---|---|
| ۱) اندر اچو نہ ڪري | ۱) تنهن جو اڏ بہ وڃي. |
| ۲) اُهو سون ئي گهوريو | ۲) سؤ چوٽون ڪائي. |
| ۳) اڏ ڪي چڏي جو سڀي ڏانهن وڃي | ۳) تهڙا ٻچا. |
| ۴) اهو ڪي ڪچي | ۴) ڏوئي تو ڏاڍا. |
| ۵) تر جي گُتي | ۵) تن جي متي اٽاسي. |
| ٦) جهڙا ڪانگ | ٦) جو ڪن چني |
| ۷) محبت نہ جن جي من ۾ | ۷) جو مينهن وسندي ڪم اچي. |

متين چوڻين ۽ پهاڪن جو مطلب اُستاد وٽان سمجهڻ جي ڪوشش ڪريو.

۲. هيٺ برئڪيٽ مان مناسب لفظ چونڊي چوڪنڊا ڀريو:-

(ولر، ڏڳہ، جوڙ، ڀري، عملو، ڌڻ، ميڙ، ڳڇو)



ڪاٺين جو



پٿرن جو



ماڻهن جو



گلن جو



عملدارن جو



پکين جو



ڳائين جو

# ١٦. اَنڌ شرڌا

سداحيات راجڪمار آسودومل موهناڻي نہ صرف هڪ آدرش اڌياپڪ هئو پر سنڌي ٻوليءَ جو سُٺو ڄاڻو، ڪلمڪہ پراون ڪي پنهنجو ڪندڙ هر دلعزيز شخصيت پڻ هو.
هن پاٺ ۾ پنهنجي تعليمي جيون مان حاصل ڪيل آزمودن جي آڌار تي سماج ۾ ڦهليل انڌشرڌا بابت سُٺي ڄاڻ ڏني آهي.




(اُستاد ڪلاس ۾ داخل ٿئي ٿو ۽ سڀ شاگرد اُٿي بيهن ٿا).

اُستاد : ٻارو، ويهي رهو.

شاگرد : (هڪ آواز ۾) نمستي سائين!

(سڀ ٻار ويهي رهن ٿا)

اُستاد : اڄ اَسين رنگن بابت ڄاڻ حاصل ڪنداسين.

(هڪ ٻار ڪي اِشارو ڪندي) آنند، تون ٻڌاءِ اِندلٺ ۾ گهڻا رنگہ هوندا آهن؟

آنند : سائين، اِندلٺ ۾ سَت رنگ هوندا آهن.

اُستاد : شاباس، اِنهن ستن رنگن ڪي چڱيءَ طرح ياد ڪرڻ لئہ هڪ لفظ ’ٻِنيِسانو، ڏاڍو ڪارائتو آهي.

ڪيرتي : سائين! ’ٻِنيِسانو‘ لفظ جو مطلب ڇا آهي؟

اُستاد: ’ٻِنيِسانو‘ لفظ ۾ اِندلَٺ جا سترنگہ سمايل آهن. ڳاڙهو، نارنگي، پيلو، سائو، آسماني، نيرو ۽ واڱڻائي.

(هڪ شاگرد ڪلاس ۾ اندر اچي ٿو)

**آڪاش :** سائين! مان اندر اَچان؟

**اُستاد :** آڪاش! اچڻ ۾ ايڏي دير؟

**آڪاش :** سائين، معاف ڪندا. مونکي اچڻ ۾ دير ٿي ويئي. حقيقت ۾ مان گهر مان ته برابر وقت تي نڪتو هوس، پر رستي تي هلندي هڪ ڪاري ٻلي منهنجو رستو ڪاٽي ويئي، ان ڪري ٿورو وقت اُتي ترسِيُس. مون ٻڌو آهي ته جي ڪاري ٻلي اسانجو رستو ڪاٽي وڃي ته سڄو ڏينهن اَشڀ گذرندو.

**اُستاد :** آڪاش، تون ذرا پنهنجو دماغ لڳاءِ. اُها ٻلي پنهنجي ڪم سان وڃي رهي هئي ۽ تون پنهنجي ڪم سان وڃي رهيو هئين. تون ٻليءَ جي سامهون اَئين ۽ ٻلي تنهنجي سامهون آئي. ٻليءِ ته بلڪل نه سوچيو هوندو ته آمهون سامهون ٿيڻ سان سندس سڄو ڏينهن اَشُڀ گذرندو. اَسان ڇو اِنهن اَجاين ڳالهين، وَهمَن بابت سوچيون؟ پُٽ! ان کي اَنڌ - شرڌا چئبو آهي، جيترو وهمن جي دُنيا ۾ پئبو اوتروئي پاڻ کي ڦاسائبو.

**آڪاش :** ها سائين! هاڻي مونکي سمجهه ۾ آيو.

**اُستاد :** اَڄ آڪاشُ، منهنجو ڌيان هڪ اَهم وشيہ ڏانهن ڇڪايو آهي. رنگن بابت سياڻي سکنداسين. اڄ انڌو وشواس بابت چرچا ڪنداسين مان توهان کان پڇان ٿو، ٻيا ڪهڙا ڀرم آهن، جن ۾ وشواس اَٿو؟

**ريتا :** سائين! اسان چوندا آهيون ته جيڪڏهن ڪوئي ٻاهر وڃي رهيو آهي ته اُنکي پٺيان سَڏُ نه ڪجي. ائين ڪرڻ سان هُن جو ڪم پورو نه ٿيندو. ساڳي وقت جڏهن گهر جو ڪو ڀاتي ٻاهر وڃي ته اُنوقت دروازو يڪدم بند نه ڪجي.

**راڪيش:** سائين اَسان جي گهر ۾ اِهو رواج آهي ته منگل ۽ ڇنڇر ڏينهن ننهن ۽ وار نه ڪَٽائڻ گهرجن.

**ڀاويش :** منهنجي ماءُ چوندي آهي ته رات جو ٻُهاري نه پائڻ گهرجي.

**هِينا :** سائين، ڀَڳَل آرسي ڏسڻ به اَپَسوڻُ چيو ويندو آهي.

**دامني :** منهنجي ڇاچيءَ هڪ ڏينهن ٻڌايم ته پِپل جي وَڻَ ۾ ڀوُتَ رهندا آهن.

**اُستاد :** واهہ! ايترا مثال منهنجي سامهون آيا آهن. اَڃا آهي ڪو ٻيو شاگرد؟

**ديوانش:** سائين! اَسان کي ڪرياني جو دُڪانُ آهي. گهر ۽ دُڪان جي دَرَ وَٽَ ليمو ۽ سائو مرچ ٻَڌندا آهيون، جئن اَسان متان ڪنهنجي بُري نظر نه پوي.

**وجيہ :** سائين! ائين به چوندا آهن ته جڏهن ڪو ڪنهن ڪم سان وڃي رهيو هجي، اُن وقت جيڪڏهن ڇِڪَ اَچي ويئي ته اُن ڪم ۾ ڪاميابي نه ملندي.

**رينوُ :** چوندا آهن ته ڇنڇر ڏينهن نئين گهر يا نئين ڌنڌي جو مهورت نه ڪرڻ گهرجي.

**ڪمل :** مون ٻڌو آهي ته ١٣ نمبر اَشُڀ ٿيندو آهي.

**نيها :** اَکہ جو ڦڙڪڻ به هڪ بدسوڻ چوندا آهن.



**اُستاد :** پيارا ٻالڪو! هڪ ڳالهہ تہ مان مَحِسُوس تہ اوهان اڄ مونکي وَهمَن، پَرمِن ۽ سَنِسَن بابت علحدا علحدا مثال ٻُڌايا آهن. درحقيقت اِهي سڀ اَنڌ - شرڌا جون ڳالهيون آهن. ٻليءَ جو رستو ڪٽڻ، رات جو ٻهاري نہ پائڻ، ڇنڇر ڏينهن وار نہ لهرائڻ وغيره وغيره. ممڪن آهي تہ آڳاٽي زماني ۾ اِها ڳالهيون حالتن سان ٺهڪندڙ هُجن، پر اڄ وگيانڪ زماني ۾ اِنهن ڳالهين تي وشواس ڪرڻ مُورکتا ئي آهي. اَسان کي اَنڌ شرڌا کان پري رهڻ گهرجي. ڪابہ ڳالهہ مڃڻ لاءِ وگيانڪ نظريو رکڻ گهرجي. چڱيءَ طرح سوچ ويچار ڪري، سامهون تَرڪ رکي ڪارڻ ۽ اثر سمجهي فيصلو ڪرڻ گهرجي. اَڄ مان توهان سڀني کي سمجهائڻ چاهيان ٿو تہ اِنهن ڳالهين ۾ وشواس رکي پنهنجو قيمتي وقت ضايع نہ ڪريو.

اِن ڪري ٻارو! ياد ڪريو تہ اُنهن انڌ شرڌائن جي پاڙَ پٽي، سڀني کي آجو ڪرڻو آهي. تعليم جي واڌاري سان ئي اهو ممڪن ٿيندو. جنتا ۾ خاص ڪري ڳوٺن ۾ سُڄاڳي آڻڻ سان اِهي پَرَمَ ڪڍي سگهبا.

**نوان لفظ:**

ڪارائتو = ڪمائتو    قاسڻ = اٽڪڻ،    وهم = سنسا، ترڪ = دليل

## اَڀياس

**سوال:- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

١) اِنڊلٺ ۾ گهڻا ۽ ڪهڙا رنگ هوندا آهن؟

٢) آڪاش کي اِسڪول اَچڻ ۾ دير ڇو ٿي؟

٣) ڪي ماڻهو دَرَوَت ليمو ۽ سائو مرچ ڇو ٻَڌندا آهن؟

**سوال ٢:- هينيان جملا ڪنهن ڪنهن کي چيا آهن؟**

١) ”جيترو وهمن جي دنيا ۾ پئبو اوترو ئي پاڻ کي ڦاسائبو.“
٢) ”منهنجي چاچي هڪ ڏينهن ٻڌايو تہ پپل جي وڻ ۾ ڀوت رهندا آهن.“
٣) ”اَڪہ جو ڦڙڪڻ بہ هڪ بَدِسوڻ چوندا آهن.“

**سوال ٣:- خال ڀريو:**

١) سائين! ------ لفظ جو مطلب ڇا آهي؟
٢) رات جو ------ نہ پائڻ گهرجي.
٣) مون ٻُڌو آهي تہ ----- اَشُڀ ٿيندو آهي.

**سوال ۴:- هينين لفظن جو صفتون ٺاهيو:**

وهم، بُرائي، مهورت، حقيقت، مورکتا

**سوال ۵:- جملن ۾ ڪم آڻيو:**

اِنبدلت، ڀَرَم، اَپسوڻ نهڪندڙ وشواس، ڄاڻ حاصل ڪرڻ، دماغ لڳائڻ، ڌيان ڇڪائڻ، چرچا ڪرڻ، آجو ڪرڻ.

**هدايت** - ماستر شاگردن کي اَنڌ شردا سبب ٿيندڙ نتيجن کان واقف ڪندو.

**مشغولي** - ماستر شاگردن کي ٻڌل / ڏٺل ڪو اَنڌ شردا بابت قصو گهران لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پوَرڪ اَڀياس

**سبق تي آڌارِت مشغوليون:**

١) ڪلاس جي ٻارن اَنڌشردا بابت ڪجهہ مثال ٻُڌايا، اهڙي نموني ٻيا مثال حاصل ڪري لکو.
٢) سماج مان انڌشردا جهڙين اوڻاين کي دور ڪرڻ جا اُپاوَ لکو.
٣) هينين مثالن کي شردا ۽ انڌشردا ۾ ورهايو.

| | مثال | شردا | انڌ شردا |
|---|---|---|---|
| .١ | ڪاٻي هٿ سان پئسا ڏيڻ. | | |
| .٢ | امتحان لاءِ پوري تياري ڪرڻ ۽ ماءُ پيءُ کي پيرين پئي نڪرڻ. | ✓ | ✗ |
| .٣ | ڪتابن ۾ مور جا کنڀ رکڻ سان وديا ايندي آهي. | | |
| .۴ | ڪارو ڪپڙو پائڻ اَشڀ آهي. | | |
| .۵ | ڪانو جي وِٽ مٿان ڪرندي تہ پاهُڻا ڪلندو. | | |
| .٦ | محڪم ارادو رکبو تہ ڪاميابي ضرور ملندي. | | |
| .٧ | هميشهہ شفي ويچار ڌارا رکڻ. | | |
| .٨ | سائيءَ جي بيماريءَ ۾ جهاڙ ڦوڪ سان علاج ڪرائڻ. | | |
| .٩ | هٿ ۾ خارش ٿيڻ سان پئسو ايندو آهي. | | |

رنگن بابت خاص ڄاڻ
رنگن جا ٽي قسم ٿيندا آهن:-
۱) بُنيادي رنگ Primary Colours
۲) ٻئي درجي جا رنگ Secondary Colours
۳) ٽئين درجي جا رنگ Tretiary Colours




(۱) بنيادي رنگ - هي اُهي رنگ آهن، جن کي اسان ٻين رنگن جي مدد سان نٿا ٺاهي سگهون، پَر اُنهن جي مدد سان ٻيا رنگ ٺاهي سگهون ٿا.
مثال:- ڳاڙهو، پيلو، نيرو.

(۲) ٻئي درجي جا رنگ = هي اُهي رنگ آهن، جيڪي ٽن بنيادي رنگن جي ميلاپ سان ٺهن ٿا.
مثال:- ڳاڙهو + پيلو = نارنگي
پيلو + نيرو = سائو
ڳاڙهو + نَيرو = واڱڻائي

(۳) ٽئين درجي جا رنگ = هي رنگ بنيادي ۽ ٻئي درجي جي رنگن جي ميلاپ سان ٺهندا آهن.
مثال:- ڳاڙهيسرو - نارنگي
پيلِسرو - نارنگي
نيرسرو - سائو

هيٺ ڏنل گولن ۾ مناسب رنگ جو نالو لکو:

(۱) همٿ، چُستي ۽ طاقت ڏيکاريندڙ رنگ =
(۲) شانتي - اَمن ڏيکاريندڙ رنگ =
(۳) ترقي ڏيکاريندڙ رنگ =
(۴) سيني کان وڌيڪ گرمي جذب ڪندڙ رنگ =
(۵) اڪثر جادوگر جي وسترن جو رنگ =

١. اَ، ڪُ، بد، اڻ، غير.

اِهي اکر اڳياڙين جي روپ ۾ ڪم آڻي ضد ناهي سگهبا آهن.

مثال: 'اَ'

سهڪار - اَسهڪار
سنتوش - اَسنتوش
ڌرم - اَڌرم

'ڪ'

سنگ - ڪُسنگ
روپ - ڪُروپ
نياءُ - ڪُنياءُ

'بد'

نام - بدنام
فضيلت - بد فضيلت
نصيب - بد نصيب

ضد

'اَڻ'

نهڪندڙ - اَڻ نهڪندڙ
هوند - اَڻ هوند
وڻندڙ - اَڻ وڻندڙ

'غير'

حاضر - غير حاضر
واجب - غير واجب
مناسب - غير مناسب

اَهڙي نموني هيٺين جا ضد لکو:

تيٽي .......، ضروري ........
واقف.......، سمرت ........
دعا........، سنگ ..........

٢. مثال موجب چؤڪنڊا پريو:

| | | |
|---|---|---|
| مثال | اڇو | وچڙ |
| (١) | چڪڻ | |
| (٢) | پڌرو | |
| (٣) | روئڻ | |
| (٤) | اُٿڻ | |
| (٥) | روئاڻ | |
| (٦) | ڳولهڻ | |
| (٧) | رُسڻ | |

# مهابليشور جو سئر

ڏسو. جاچيو ۽ پڙهو.



- ماستر شاگردن کي ”مهابليشور“ گهمڻ جو پهاڙي شهر لاءِ اِنٽرنيٽ ذريعي وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري لکي اَچڻ لاءِ چوندو.
- ماستر شاگردن کي ٿي سگهي تہ مهابليشور يا ٻين ڪنهن گهمڻ جي هنڌ جو سئر ڪرائڻ لاءِ رٿا ٺاهي وٺي ويندو.
- شاگرد سئر ڪيل جڳهہ بابت اَحوال لکي ايندا.

# ١٧. ڀَلو ڪَرِ

ڊاڪٽر ديال ڪوتومل ڏاميچا، ساهتڪ جڳت ۾ ديال آشا جي نالي سان مشهور آهي. هن جيترا لکيل ڪتاب ۽ حاصل ڪيل انعام اِڪرام ورلي ئي ڪنهن اديب جي نالي ۾ هوندا. تعليمي، ادبي ۽ سماج سيوا جي کيترن ۾ لاثاني ڪاريہ ڪيل اٿس. هن بيت ۾ شيوا ۽ ڀلائي ڪرڻ جي اهميت سمجهايل آهي.



**ٻُڌو. ڳايو.**

١. ڀلو چاهين پنهنجو ڪر ٻين جو ڀلو،
ڀلو جي ڪندين، ٿِيندُءِ سائو سلو.

٢. ڌڻيءِ جي ڏني مان سدا ڏيندو رَهُہ تون،
سدائين غريبن سان پيارا پيو وِهُہ تون.

٣. جي ٻين کي تون ڏيندين ڌڻي توکي ڏيندو،
سدائين هوُ تنهنجو مددگار ٿيندو.

٤. جيڪا پوکہ پوکيندين لڻندين اُهائي،
نہ ڪنهنجي ڪمائي وڃي ٿي اَجائي.

٥. دکين ۽ ٻُکين جي ڪري ٿو جو خدمت،
اُنهيءَ تي ٿئي ٿي ڌڻيءِ جي بہ رحمت.

٦. ”آشا“ پريم سان ڪر سڀن جي تون شيوا،
ڌڻي توکي ڏيندو سندر مَهِر ميوا.

**نوان لفظ:**

ڏُکاءِ = ڏُکوءِ، لُڻندين = حاصل ڪندين، خدمت = شيوا، رحمت = ٻاجھہ.

## اَڀياس

**سوال ۱ :- هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

۱) سواليءَ کي ڇو نہ موٽائڻ گهرجي؟
۲) ڏٽيءَ جي ڏني مان ڇا ڪرڻ گهرجي؟
۳) پرڀو مهر سندا ميوا ڪنهنکي ڏيندو؟

**سوال ۲ :- بيت جي آڌار تي سِٽون پوريون ڪريو:**

۱) ڀَلو جي ---------------------------------------------------- سائو سلو.
۲) ڏٽيءَ جي ------------------------------------------------ وڌُهہ تون.
۳) جي بيت -------------------------------------------------- مددگار ٿيندو.
۴) دکين ۽ پکين ------------------------------------------------- رحمت.

**سوال ۳:- هيٺ ڏنل لفظن جا عدد جمع لکو:**

دلڙي، پوکَہ، ڪمائي، بکيو، خدمت

**سوال ۴:- هيٺين لفظن جا ضد لکو:**

ڀلو، پوکڻ، دُکي، رحمت، پريم

**هدايت :** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت سُٺي نموني پڙهي ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.
**مشغولي :** (۱) ماستر شاگردن کي ۽ مائٽن جي مدد سان ”ڪر شيوا تہ ملنئي ميوا“ وشيہ تي ڏهہ سٽون گهران لکي اچڻ لاءِ اُستاد ڪين چوندو.
(۲) توهان هڪ سنستا جا صدر (اڌيڪش) آهيو. ان سنستا وسيلي غريبن جي مدد ڪيئن ڪندا؟ يوجنا لکو.

## پورڪ اڀياس

(۱) شعر بَند تي مشغوليون
ڏٽيءَ ................................................................................ رحمت

## جوڙا ملايو

**(الف) بيت جي سٽن ۽ لاڳاپو رکندڙ سٽون پاڻ ۾ ملايو.**

| | |
|---|---|
| ۱) جيڪا پوکہ پوکيندين لُڻيندين اُهائي. | ۱) ڪر شيوا تہ ملني ميوا |
| ۲) دکين ۽ بکين جي ڪري تو جو خدمت | ۲) ايشور ڀڳتن جي رکيا ڪندو آهي |
| ۳) نہ ڪنهن جي ڪمائي وڃي ٿي اجائي | ۳) جهڙي ڪرڻي تهڙي ڀرڻي |
| ۴) جي ڀين کي تون ڏيندين، ڏٽي توکي ڏيندو. | ۴) ڪنهن جي ڪيل محنت وئرٿ نہ ويندي آهي. |

**(ب) بيت جي سٽن مان هيٺ ڏنل لفظن جو مطلب ٻڌائيندڙ لفظ ڳولهيو:-**

(۱) شيوا (۲) مهر (۳) فضل (۴) سهايڪ

هيٺ ڏنل هرهڪ گروهه ۾ ساڳيو اکر وجهي معنيٰ وارا لفظ تيار ڪريو.

١. ب – - – د – م

- – و – ٿ – ڙ – ي

ا – ڳہ – - – ٿ – يِ

٢. چَ – - – ڇ – ٽ – و

پَ – س – اَ – -

- – و – ا – د – ا – ر

٣. - – س – م

م – س – خ – - – و

و – ا – - – ٿ

# ١٨. پکي - اَسان جا سڄڻ

سرڳواسي ميلارام سنگترام واسواڻيءَ جو جنم بنگُلويري سنڌ ۾ ٿيو. ديش شيوا سان گڏ هُن صاحب سنڌي ساهتيه جي وڪاس واڌاري ۾ به پاڻ موڪيو. وڏن لاءِ 'سندر ساهتيه' ۽ ٻارن لاءِ 'گُل ڦُل' رسالا ڪيندو هو. سندس ڪتابن مان مهاراڻو پرتاب، شواجي، ٻال رامائڻ، ٻال مهاڀارت وغيره مشهور آهن. بيڪانير راجستان ۾ سنه ١٩٧٠ع ۾ هن چولو ڇڏيو.

هن پاٺ ۾ ليکڪ سمجهايو آهي ته پکي اَسانجا سڄڻ، - فصل ۽ باغن جا راکا آهن.

**ٻُڌو. پڙهو ۽ سمجهو.**



هڪڙو سهڻو وَسيل ڳوٺ هو. ڳوٺ جي آس پاس ٻنيون ۽ باغ هئا. ماڻهو محنتي ۽ سُکِيا هئا. اونهاري ۾ وڻن هيٺان ڇانوَ ۾ ماڻهو آرام ڪندا هئا. ڪيترن گهرن ۾ ننڍڙا باغيچا هئا، جن ۾ قسمين قسمين ميوا جهڙوڪ صوف، نارنگيون، ڏاڙهون ۽ انب ٿيندا هئا. وڻن ٽِڻن ۾ انيڪ پکي جيئڻ ته - طوطا ۽ مئنا، ڪبوتر ۽ ڳيرا، بلبليون ۽ ڪوئليون مِٺيون لاتيون پيبون لونديون هَيون. ماڻهو بيحد خوش حياتي گذاريندا هئا.

طوطن کي ٻير ڏاڍا وڻندا آهن، بُلبلين کي اَنجير، جهرڪين کي ٻڙ جا ڏيلهو. مطلب ته پکي ڪجهه نه ڪجهه چڳندا ۽ زيان ڪندا رهندا هئا، جنهن ڪري باغن جا مالڪ ۽ باغائي خفي ٿيندا هئا. ڪڙمي به جهار جهرڪيءَ مان ڪَڪِ هئا.

هڪ ڪڙميءَ چيو - منهنجي اَڌَ ٻني نه ڪين ٿي، باقي جيڪا اڌ ئي جهار چِٽُ ڪري ويئي. ''ٻيو چوڻ لڳو.'' اَسان جي فصل جو به چڱو نقصان ٿيو آهي، اُن جو ڪونه ڪو اُپاءُ ڪرڻ گهرجي. اَسان کي پکين جي ضرورت نه آهي. اُنهن مان ٻنين ۽ باغن کي ڏاڍي هاڃي ٿي پهچي.



جڏهن بهار جي مند آئي ۽ مکڙيون ٽڙيون، تڏهن پکين جا ٽولا وڻن تي ناچ ڪرڻ، راڳ ڳائڻ ۽ ساوَن ڪکن جا نوان آکيرا ناهِڻ شروع ڪيا.

ڪڙمين ۾ باغائپ هڪ ميڙ ڪوٺايو. ڳالهين هلندي مٿان کي ڪانوِ ڪان ڪان ڪندا اُڏامندا ٿي ويا. هڪ ڪڙميءَ چيو: ”ڪان ڪان ڪري وٺو. گهڻا ڏينهن مزا ڪيا اٿو، هاڻي اوهانجي ڪان ڪان ڪيڏي چڏبي.

جهرڪين جي چوُن چوُن ٻڌي ٻئي ڪڙميءَ چيو: ”هنن پتڪڙين ٻه وڏو آزار مچايو آهي. جوئر ڪائي ٻود پرجي ويون آهن.“ جڏهن سڀني پنهنجي پنهنجي شڪايت ٻُڌائي، تڏهن فيصلو ڪيائون ته سڀني پکين کي ماري ناسُ ڪري ڇڏجي. ايتري ۾ هڪ آواز آيو ”بلڪل نه.“

ٻولڻ وارو هڪ اِسڪول جو ماسٽر صاحب هو، پکين پَسُنِ کي ڏاڍو پيار ڪندو هو. هن جي مرضي هئي ته ڪيئن ٻه ڪري پکين کي بچائڻ گهرجي. هن هارين کي گهڻو ئي سمجهايو ته پکين کي مارڻ سان اوهانجي وندر گهٽبي ۽ پس پيش نقصان سهندا، ڇاڪاڻ ته اِهي پکي ميون ۽ اُن سان گڏ انيڪ جيتن ۽ ڪينئن کي کائن ٿا. پکي ته ڳوٺ جي سونهن آهن، کيتيءَ جا راکا آهن، فصل کي مرض کان بچائن ٿا.

ماسٽر صاحب گهڻوئي مَٿو ماريو، پر جاهل ڪڙمي ڪين مُڙيا. هوُ اهوئي فيصلو ڪري اُٿيا ته پکين

جي جَڙ ئي ڪڍي ڇڏجي. ٻئي ڏينهن ڪم شروع ٿيو. ڪُڙمي وڻن تي چڙهي آڪيرا پيچڻ لڳا. ڪانياٽن ۾ وڏا ڳُليلا وجهي، پکي مارڻ لڳا. جيڪي آنا هٿ آين، سي ٽوڙي ڇڏيائون. رهيا کُهيا پکي اُڏامي ويا. ٽن چئن ڏينهن ۾ سارو ڳوٺ پکين کان خالي ٿي ويو. جنهن ڳوٺ ۾ پکين جا راڳ ٻُڌبا ۽ روپ پَسبا هئا، سو ٻُسو ٿي پيو ۽ اُن جو نالو ڦِري ”پکي مار“ ڳوٺ پئجي ويو.

اونهاري جي مُند ٿي. ماڻهو وڻن هيٺان سُمهڻ وڃن ته پَنِ بي مُندائتا پيا ڇِڻن. پنن ۾ ساوڪ ۽ تازگيءَ بدران پِيلاڻ اَچي ويئي ۽ اُهي سُڪي ٽُڪجي ڪرڻ لڳا. ڇتائي نهارڻ تي پتو پيو ته سڀ وڻ جيتن سان ڀريا پيا هئا، جن وچي اُتي پنهنجو ديرو ڄمايو هو. اهڙيءَ حالت ۾ وڻن هيٺان وسرام جو سُک به ويو.

جڏهن فصل جا ڏينهن آيا، تڏهن اَنُ پچڻ کان اڳ ئي فصل کي اَچي مرض لڳو. باغن ۾ انبن کي مَهلو لڳو، ڏاڙهون ۽ صوف ڪينئن سان ڀرجي ويا. مطلب ته جيتن ۽ ڪينئن سڀ ميوا ۽ فصُل تباهه ڪري ڇڏيو. اِها روئداد ڏسي هرڪو افسوس ڪائڻ لڳو. اهڙو زيان اڳ ۾ ڪڏهن ڪين ٿيو هو. هِڪ باغائي چوڻ لڳو ته جيترو نقصان جيتن ڪيو آهي، تهن جو اَڌُ به پکي ڪين ڪندا هئا. ٻئي چيو ته هن سال ئي منهنجي فصل کي مرض لڳو، نه ته جهاز جهرڪيءَ هوندي به اَن جا اَنبار گهر ۾ ڪٺي ايندو هوس. هاءِ! جيڪر اڄ پکيءُ هُجن ها ته هنن ڪينئن جي پاڙ پَٽي ڪڍن ها. ٽئين چيو ته پکين کان سواءِ اَسان جا ٻار به اُٻاڻڪا ٿي پيا آهن، هونئن نه ته ڪين وِندُر هوندي هُئي. سچ چيو اَٿن ته هرڪنهن چڱيءَ شيءِ جو قدر وئي کان پوءِ ئي ٿيندو آهي، جيئن تندرستيءِ جو قدر بيماريءِ ۾ پوندو آهي.

وري ميڙ سڏايو ويو. اُتي سڀ ڪنهن جي وات ۾ اِهائي وائي هُئي ته ماستر صاحب سچ ٿي چيو ته پکي اَسان جا سڄڻ ۽ فصل باغن جا راکا آهن. هاڻ هٿ ٿا هڻُون، پَرَ پکي اَچن ڪِٿان؟ سڀ ميڙ ڪري ماستر صاحب وٽ ويا ۽ عرض ڪندي چيائون - ”سائين! اَهڙو ڪو بلو پيٽي ڪري اَسانکي بچايو.“

ماستر صاحب ته ڳوٺ جو خيرخواهه ۽ پراُپڪاري شخص هو. هفتو کن موڪل وٺي هوُ ٻاهر هليو ويو. جڏهن موٽيو، تڏهن قسمين قسمين پکين سان ڀريل پڃرا کڻي آيو ۽ اَچي ڳوٺ ۾ کوليائين. پکي آزاد ٿي خوشيءَ مان گيت ڳائيندا وچي وڻن تي ويٺا ۽ بيشمار جيت ڏسي خوب ڊوهُ ڪرڻ لڳا. اُنهن وري ڪکه ۽ وڻن جون سنهيون لامون پٽي آکيرا ٺاهيا. ٿوري ئي عرصي ۾ باغن ۾ نئين رونق آئي. ’پکي - مار‘ ڳوٺ ڦري پکين جو بهشت ٿي پيو ۽ وري سُکيو ستابو ٿيو.

## نوان لفظ:

| | | |
|---|---|---|
| قسمين قسمن = طرح طرح، | شڪايت = دانهن، | قوُت = ڪاڏو، |
| جاهل = اَڻ پڙهيل، | آنا = بيزا، | پس پيش = نيت، |

## اَڀياس

**سوال ا:- هيٺين سوالن جا جواب ٿوري ۾ لکو:-**

ا) باغن ۾ ڪهڙا پکي نظر ايندا آهن؟
٢) پکين کي ڪهڙا ميوا وڻندا آهن؟
٣) باغائي خفي ڇو ٿيندا هئا؟

٤) بهار ايندي ئي پکي ڇا ڪرڻ لڳا؟
٥) ماستر جي ڪهڙي مرضي هئي؟
٦) پکين جي جڙ ڪيدي ڇڏڻ لاءِ ڳوناڻن ڇا ڪيو؟

**سوال ٢:- هيٺين اِصطلاحن جي معنيٰ لکي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

اُپاءُ ڪرڻ، ٻوڏ پرجَهُڻ، مٿو مارڻ، ڏيرو ڄمائڻ، ٻِلو پيٽي ڪرڻ، افسوس ڪائڻ، ڇتائي نهارڻ

**سوال ٣:- هيٺين جا ضد لکو:**

آسُودو، نقصان، عاقل، آزاد، بهشت

**سوال ٤:- الف ۽ ب مان ڇونڊي جُملا پورا ڪريو:-**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) گهٽا ڏينهن مزا ڪيا اٿو | ١) ٻوڏ پرجي ويون آهن. |
| ٢) ايتري ۾ هڪ آواز آيو | ٢) هاڻ اوهانجي ڪان 'ڪان' ڪيدي ڇڏبي. |
| ٣) جوئر ڪائي | ٣) ''بلڪل نہ'' |

**هدايت -** ماستر شاگردن کي سمجهائيندو تہ ڇڱي شيءِ جو قدر وئي ڪان پوءِ ڇو ٿيندو آهي.
**مشغولي -** ماستر شاگردن کي ''باغيچو'' وشيہ تي ڏهہ جملا گهران لکي اچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اڀياس

**(١) تڪر مان مشغوليون**

ٻولڻ وارو ------ ٻچائين ٿا.
١) تڪر مان اُهو لفظ ڳولهيو جنهن جي معنيٰ رکوالا آهي.
٢) ''پکين کي مارڻ سان اَوهانجي وندر گهٽبي.''

**مٿئين جملي مان اِسم ذات ڇونڊيو:-**

٣) پکي ڪارئتا آهن.''
تڪر مان بہ جملا ڳولهيو جيڪي اِن جملي کي ظاهر ڪن ٿا.

**(٢) جوڙا ملايو**

| | |
|---|---|
| جهرڪي | منا گيت ڳائيندڙ |
| ڪانءُ | نياپا پهچائي سگهندڙ |
| ڪبوتر | ننڍڙي چهنب |
| ڪوئل | هڪ اَکہ وارو پکي |

(٣) اَڄ ڪلهہ پکين جو تعداد گهٽجي ويو آهي. اُن جا ڪهڙا ڪارڻ آهن؟ اِها ڄاڻ اِنٽرنيٽ وسيلي حاصل ڪريو ۽ اِهو مسئلو دور ڪرڻ جا اُپاءُ لکو.

(٤) خاص پکين بابت ڪجهہ ڄاڻ

(١) 

**مئڪاءُ :** مئڪاءُ پکي طوطي جي جاتيءَ جو پکي آهي ميڪسيڪو، وچ آمريڪا ۽ ڏکڻ آمريڪا ۾ اِهو ڏٺو ويندو آهي. تمام خوبصورت پرن ۽ ڪنين سان سينگاريل اِهو پکي زهريلا ٻوٽا کائي سگهندو آهي.

(٢) 

**ڪِنگ فشر:** هي پکي مڇيون ماري کائيندا آهن. خاص نظر هئڻ ڪري هو پاڻيءَ هيٺ مڇيون ڏسي سگهندا آهن. بنا سِر موڙڻ جي، هو اکيون ڦيرائي، شڪارکي ڏسي سگهندا آهن.

(٣) 

**نڪوبار ڪبوتر:** اِهي پکي نڪوبار ٻيٽ ۾ هوندا آهن. ڳچيءَ ۾ خاص مُشڪ هئڻ ڪري هو پاڻي سڌو وات رستي ڇُهي سگهندا آهن.

## پکين جا آکيڙا

- پکي پنهنجا آکيڙا پاڻ ٺاهيندا آهن. اُنهن مان ڪجهہ آکيڙا هيٺ ڏيکاريل آهن.



# ١٩. آٿت

شري نندلال راجپال ’نردوش‘ پيشي سان هڪ بلدر آهي. سنڌي ٻولي ۽ ساهتيہ جو گهڻگهرو آهي. سنڌي ڪوتا لکڻ، پڙهڻ ۾ دلچسپي اٿس. ---- نالي هڪ ڪتاب ڇپيل اٿس. هن ’ڪوتا ۾ نراش جيون جيئندڙن کي آٿت ڏيندي ’نردوش‘صاحب آشاواديءَ بڻجڻ جي صلاح ڏني آهي.

## پڙهو. ڳايو.

اي راهي غم نہ ڪر، نيٺ سويرو ايندو!
ڏُکہ آيو آ، سُکہ پيي ايندو، ڌيرج سان سُپ ٿيندو.
نيٺ سويرو ايندو.....

١. رات اونڌاهي رهندي ڪيسين! رهندي ڪيسين؟
ڇئن ڏسائن ۾ هيءُ، اوُندهہ رهندي ڪيسين؟
نيٺ تہ سوُرج جو ڪرڻ ڪارنهن ڪاري ڪٽيندو.
نيٺ سويرو ايندو......

٢. تارن ڏي ڏسُ ڪيئن ٽا ٽمڪن، خوُب ٽا ٽمڪن
سڏي سڏي هڪ ٻئي کي، ڪيئن ٽا چمڪن،
ڪين همٿ هار تون، ’نردوش‘ اُجالو ايندو.
نيٺ سويرو ايندو....



**نوان لفظ:**

غم = چنتا　　ڌيرج = صبر　　ڏسائن = طرفن　　اُجالو = سوجهرو

## اَڀياس

**سوال (١) سوالن جا جواب لکو:-**

١) رات جي اونداهيءَ کي ڪير متائيندو؟

٢) همٿ نہ هارڻ لاءِ ڇا چيو ويو آهي؟

**سوال (٢) هيٺيان لفظ جملن ۾ ڪم آڻيو:**

ڏِسائن، ڪِرڻو، سويرو، اُجالو.

**سوال(٣) الف ۽ ب مان سِٽون چونڊي جوڙا مِلايو:**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) نيٺ تہ سورج جو | ١) ڪي ڪيئن ٿا چمڪن. |
| ٢) سڏي سڏي هڪ ٻئي | ٢) نيٺ سويرو ايندو |
| ٣) اي راهي غم نہ ڪر | ٣) ڪِرڻو ڪارنهن ڪاري ڪٽيندو. |

**هدايت :** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت اثرائتي نموني پڙهي ٻڌائيندو ۽ چوائيندو.
**مشغولي:** ماستر شاگردن کي 'آٿت' ڪويتا جو سارُگهران لکي اچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اڀياس

بيت جي سٽ هيٺ ڏنل آهي. اُن جي آڌار تي چؤڪنڊا پورا ڪريو.

راتِ ١   اونداهي ٢   رهندي ٣   ڪيسين! ٤

١) ليڪ ڏنل لفظ   ١) جو ضد = ________

٢) ليڪ ڏنل لفظ   ٢) جي معنيٰ = ________

٣) ليڪ ڏنل لفظ   ٣) وياڪرڻ موجب = ________

٤) ليڪ ڏنل لفظ   ٤) جي معنيٰ = ________

**(٢) بيت مان لفظ ڳولهيو:**

١) عدد ڏيکاريندڙ لفظ = ________

٢) شڪتيءَ جو وسيلو = ________

٣) روشنيءَ جو ٻيو لفظ = ________

٤) تروري جو ٻيو لفظ = ________

٥) طرف لاءِ ٻيو لفظ = ________

١. وچ واري چوڪنڊي ۾ مناسب اَکر وجهو جيئن اُيي ۽ آڏي نموني معنيٰ وارا لفظ ٺهن.

مثال:-

| | | |
|---|---|---|
| | و | |
| ڏ | ر | م |
| | ٺو | |

| | | |
|---|---|---|
| | ج | |
| م | | وا |
| | ت | |

| | | |
|---|---|---|
| | ط | |
| ڪ | | م |
| | ف | |

| | | |
|---|---|---|
| | چ | |
| ل | - | ش |
| | ر | |

| | | |
|---|---|---|
| | م | |
| م | - | ڻ |
| | ر | |

| | | |
|---|---|---|
| | ڊ | |
| ڪ | - | س |
| | ڙ | |

| | | |
|---|---|---|
| | ط | |
| ظ | - | م |
| | ب | |

| | | |
|---|---|---|
| | ح | |
| ر | - | م |
| | د | |

| | | |
|---|---|---|
| | عا | |
| ق | - | ر |
| | ت | |

٢. مليل اَکرن مان مناسب اَکر ڪٺي نوان لفظ تيار ڪري لکو.

(١) اَ، س، ر، و، ي

(٢) ر، م، ي، ش، ڊ، و

(٣) س، ڦ، و، ن، ي

(٤) ڪ، ھ، و، ر، آ

# ٢٠. ڀڳت ڪنوررام

ٻڌو. پڙهو.



سنڌ ۾ ڪيترن ئي سنتن ۽ درويشن جنم ورتو، جن ۾ ساڌو هيرانند، ساڌو ٽي.ايل واسواڻي، ڀڳت ڪنوررام، سوامي ليلا شاهه ۽ سوامي ٽيئونرام جا نالا هر سنڌيءَ کي ياد آهن.

ڀڳت ڪنوررام جو جنم سنڌ جي جرواڙ ڳوٺ ۾ ١٣ اَپريل ١٨٨٥ع ۾ ٿيو. سندس پتا جو نالو ڀائي تاراچند ۽ ماتا جو نالو تيرٿ ٻائي هئو. ٻئي ڌرمي ويچارن جا ايشور ڀڳت هئا. سنت ڪوتارام، ٻالڪ جو نالو ڪنور رکيو. جنهن جو مطلب آهي ڪمل جو گل.

ننڍي هوندي ڪنور پنهنجي پتا کي ڪيتيءَ جي ڪم ڪار ۾ مدد ڪندو هو. ڪوهرن جو ٿالهه ڪڍي وچي وڪڻندو هو. سُريلي آواز ۾ هوڪو ٻڌي ڪيترا ماڻهو اَچي ڪائنس ڪوهر وٺندا هئا.

ڪنور ڪُرمکي ۽ هَٽ واڻڪي لکي پڙهي ڄاڻندو هو. ڀائي هاسارام کيس گرواڻي ۽ راڳ ڳائڻ جي ڪلا ۾ قابل بڻايو. سائين سترامداس سندس روحاني گُروُ هو. هن ننڍي هوندي ئي ڪنور کي جامون پهرائي چيڙ ٻڌائين. ستسنگ جي رنگ ۾ رڱجي ڪنور پڻ سنت ٿي پيو. هوُ ڪنهن کي به پيري پوڻ نہ ڏيندو هو. ڀڳت صاحب نرموهي هو.

ٿوري وقت اَندر ڪنور ڀڳت سيني ڀڳتن ۾ سرمور ٿي ويو. سڄيءَ سنڌ ۾ هندو چاهي مسلمان کيس عزت وچان ڀڳت ڪنوررام جي نالي سان سڏيندا هئا. ڀڳت صاحب پريات جي ويلي ڀڳت وجهندو هو. لولي ڳائڻ ۾ هوُ صاحب پنهنجو مٽ پاڻ هو. سندس ڳايل ڪيترا گيت مشهور آهن. جيئن تہ:-

١. نالي اَلک جي ٻيڙو تار منهنجو...

٢. ڪيئن ريجهايان توکي ڪيئن پرچايان...

سندس سريلي آواز ۾ ڪيترائي رڪارڊ پريل آهن. جي سنڌ ۽ هند ۾ لوڪ پريہ آهن. پيٽ ڪنوررام ڪي جهوليءَ ۾ جيڪي بہ پئسا يا سوڪڙيون ملنديون هيون. ڪنوررام انهن مان ڪجهہ بہ پاڻ لاءِ نہ رکندو هو ۽ بروقت ضرورت مند ۽ گهرجائن ۾ ورهائي ڇڏيندو هو.

هڪ ڀيري سيٺ ويرومل بيگراج سکر سنڌ ۾ راشٽرپتا مهاتما گانڌيءَ کي قومي هلچل کي زور وٺائڻ لاءِ نينڊ ڏيئي گهرايو. گانڌيجيءَ کي ڏسڻ ۽ سندس ويچار ٻڌڻ لاءِ اَنيڪ ماڻهو اَچي ڪٺا ٿيا. گهڻي گوڙ هئڻ سبب مهاتما گانڌي پنهنجا ويچار ظاهر نہ ٿي ڪري سگهيو. ڪنور ڀڳت بہ گانڌيجيءَ کي ٻڌڻ لاءِ اُتي حاضر هئو. ڀڳت صاحب کي عرض ڪيو ويو تہ مهرباني ڪري هڪ راڳ ٻڌايو. جئن خلق مان ڪري. ڪنوررام هڪ هٿ ڪن تي رکيو ۽ ٻيو هٿ ماڻهن ڏانهن ڏيکاري بلند آواز ۾ ”ڇئو سري رام“ تئن يڪدم ڇوڏاري سانت ٿي ويئي. باپوءَ پنهنجي تقرير پوري ڪري. ڀڳت ڪنوررام کي اَچي ڀاڪر پاتو. باپوءَ تي مڌر راڳ جو اَهڙو اَثر پيو جو سنڌي قوم کي مبارڪون ڏيندي چيائين، ”اَوهان سنڌي ڀاڳن وارا آهيو، جو اَوهان وٽ اَهڙو اَنمول رتن موجود آهي.“

ڀڳت ڪنوررام جن درويشن ۽ ڪوين جا ڪلام ڳائيندو هو، اُنهن ۾ ڪجهہ نالا هن ريت آهن. بلي شاهہ، سچل سرمست، ڪبير داس، شاهہ لطيف، بيدل، بيڪس، درياخان ۽ فريد خان وغيره.

ڀڳت صاحب ننڍ- وڏائي، اميري- فقيري جي ڀيد ڀاوَ کان مٿي هئو. ڪنهن بہ سٺي ڪاريہ لاءِ، چاهي اُهو گئو شالا جو هجي يا گردواري جو، پاٺشالا جو هجي يا ڌرمشالا جو. دل سان مدد وٺي ڏيندو هو. ڪيترين اَنات نياڻين جي وواهہ ۾ بہ سهايتا گڏ ڪري ڏنائين.

ڀڳت ڪنوررام پهرين نومبر ۱۹۳۹ع تي مانجهندن ڏانهن ويندي رستي تي رُڪ اسٽيشن تان جئن گاڏي ڇٽي، فرقپرست تئن پر ڇنديءَ جي مريدن طرفان گولين وسائڻ سبب شهادت جو جام پيتو. سنڌي جاتيءَ کي اَهڙي مهاپرش تي فخر آهي.

**نوان لفظ:**

سرمور = سڀ کان مٿي
محتاج = لاچار
راحت = آنند
اَنمول = اَملهہ

## اَڀياس

**سوال ۱ - هيٺين سوالن جا جواب لکو:**

۱) ڀڳت ڪنوررام جو جنم ڪٿي ۽ ڪڏهن ٿيو؟
۲) ڀڳت ڪنوررام ننڍي هوندي ڇا ڪندو هو؟
۳) ڪنوررام جو روحاني گرو ڪير هو؟
۴) ڪنهن ڀڳت ڪنوررام کي راڳ جي سکيا ڏني؟
۵) ڀڳت ڪنوررام ڇو مشهور آهي؟

**سوال ۲:- هيٺين ۾ خال ڀريو.**

۱) ڀڳت ڪنوررام جي پتا جو نالو ------ ۽ ماتا جو نالو ----- هو.

٢) ڪنور ------ جو ٿالھ ڪٽي وڃي وڪڻندو ھو.
٣) ڪنور ----- ۽ ------ لکي پڙھي ڄاڻندو ھو.

سوال ٢:- ھيٺين جون صفتون لکو:

١) ويچار  ٢) ضرورت  ٣) ڳوڙ  ۴) اَثر

**ھدايت :** ماستر شاگردن کي سنت ڪنوررام بابت وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو.
**مشغولي:** ماستر شاگردن کي ڪنھن بہ ھڪ ٻئي سنڌي سنت جي ڄاڻ گڏ ڪري لکي اَچڻ لاءِ چوندو.

## پورڪ اڀياس

(١) ٽڪر تي مشغوليون

ھڪ پيري ................. سھايتا گڏ ڪري ڏنائين.

الف: ھڪ سٽ ۾ جواب لکو:

١) ٽڪر ۾ آيل شخصيتين جا نالا لکو.
٢) ڳانڍيءَ ڀڳت ڪنوررام لاءِ ڇا چيو؟
٣) آزادي ھلچل لاءِ ڪھڙو لفظ ڪم آندل آھي؟
۴) ڪنور ڪنھن جا ڪلام ڳائيندو ھو.

ب: ٽڪر جي آڌار تي گولن ۾ مناسب لفظ ڀريو:




ٿ: ھيٺيون خاڪو پورو ڪريو.

| صفت | اَنمول | -- | قومي | -- |
|---|---|---|---|---|
| اِسم | -- | راڳ | -- | ڪاريہ |

(٢) سنت ڪنوررام جو ھڪ مشھور گيت ھيٺ ڏنل آھي. ماستر شاگردن کي سُر سان اِھو گيت چوائيندو.

نالي اَلک جي ٻيڙو تار منھنجو،
او نالي ڏٽيءَ جو ٻيڙو تار منھنجو.

آهيان نذر نماڻي، نذر آ مان نماڻي.
مون کي آڌار تنهنجو.......(٢)
او نالي اَلک جي.........

ڏاڍي آهي ڏنگي، دُنيا ڏُرنگي.
ڪر ٻاجھ ٻانهيءَ تي، ڪر مهر گوليءَ تي
ڏي ديدار پنهنجو (٢)
او نالي اَلک جي.........

ڏاڍو آ ستايو، دنيا جي گردش
ٻنا ڏڻيءَ پنهنجي، ٻنا سائينءَ پنهنجي
ناهي آڌار منهنجو....(٢)
او نالي اَلک جي ٻيڙو تار منهنجو
او نالي ڏڻيءَ جي ٻيڙو تار منهنجو
هو صدقي سائين جي ٻيڙو تار منهنجو
صدڪي سائين جو ٻيڙو تار سين جو....

- ساڳيءَ ريت شاگرد، سنت ڪنورام جو ڪوٻ ٻيو گيت مائٽن يا اِنٽرنيٽ جي مدد سان لکي ايندا ۽ گيت ڪلاس ۾ سُر ۾ ڳائي ٻڌائيندا.

## سنڌي لوڪ ڪهاڻيون

- ماستر شاگردن کي هيٺيون سنڌي لوڪ ڪهاڻيون ٻڌائيندو ۽ ٻارن کي پنهنجي لفظن ۾ ٻڌائڻ لاءِ همٿائيندو.

١. سورٺ - راءِ ڏياچ    ٢. عمر مارئي.



# ٢١. اِستريءَ جا گُڻ

پوپٽي هيِراننداڻِي (١٩٢٤) موجوده دؤرَ جي نَثرنَويِسن ۾ اَهم آستان والاري ٿيِ. هُنجي ٻوليِ اِصطلاحيِ ۽ عِبارت، کَشش کندڙ آهي. هُن کي ''منهنجي حياتيءَ جا سونا روپا وَرقَ'' پستڪ تي ساهتيہ اَڪادميءَ جو اِنعام بہ مليو آهي. ليکڪا اِستريءَ جي ڏارَ ڏارَ روپن جو بيان ڪندي ڏيکاريو آهي، تہ هوءَ پريم ۽ تياڳ جي مورت ڪيئن آهي.

**ٻڌو. پڙهو ۽ سمجهو.**



اِستري لَڪشميِ ۽ دُرگا جو ساڪيات روُپ آهي. هوءَ پريم ۽ قُربانيءَ جي موُرت آهي. جَننيِ ڪڏهن اَٿاه پريم سان ٻالڪ جي پَرورش ڪري ٿيِ تہ ڪڏهن شينهڻِ ٻڇيِ پنهنجي ٻالڪَ جي رَکيا ڪري ٿي. اِستري جي پِڳِني آهي تہ سَنيهہ سان ٻاءُ جي سَنڀال ڪري ٿي ۽ جي پَتنيِ آهي تہ اَٽَل شَرڌا سان پتيءَ جي شيوا ڪرِي ٿي. اِستريِ پنهنجي سُکَ ۽ آرام جو خيالُ نہ ڪري ٻين جي سُکہ ۽ آرامَ لاءِ پتوڙيندي رهي ٿي.

اِستريِ وِرکَش جيان پَراپُڪاري آهي. هوءَ اَهڙِي ڪَلپنا آهي، جا سَڀَ ڪنهن نموُني سُک ۽ آنند ڏئي ٿي. هوءَ پريمَ ۽ تياڳہ جو دانُ ڏيندِي رهي ٿي ۽ ڪَڏهن بہ پوئتي نٿِي پوي. ڏينهن هُجي يا رات، ڏُڪار هُجي يا سُڪار، هُن جي هِردي مان سَنيهہ ڌارا سَدائين وَهنديِ رهي ٿي.

اِستريِ گُڻن جي کاڻ آهي. شانتيِ، آنندَ، مَمتا، اَسٿرتا، سَهنشيلتا، دَيا ۽ ڪِميا جو وَٿس پَندارَ پريا پيا آهن. اِن کان سواءِ سُندَرتا، مَڌُرتا ۽ ڪومَلتا بہ سندس مِلڪيتوُن آهن. اُهي گُڻَ ڪيس شَڪتيوان بڻائين ٿا. هُن ۾ پَيدا ڪَرڻَ جيِ شڪتيِ ۽ بچاءِ ڪرڻ جيِ شڪتيِ موَجوُد آهي. هوءَ آڪاس جيان سَڀَ ڪنهن کي آسرو ڏئي ٿيِ ۽ ڌرتيءَ جيان سڀ ڪُجهہ سَهيِ وجي ٿيِ.

اِستريءَ جا اِهي سڀ گُڻَ سَندس دِل جي پَوترتا تي مَدار رکن ٿا. پَوتر اِستريءَ ۾ اهي گُڻَ ناياب

هيري جيان چمڪن ٿا. اِستريءَ جي شانت مُک، اوجک لالاٽ ۽ لَڄ واري مُسڪراهٽ ۾ هِڪ عجيب شَڪتي ٿيندي آهي. جيڪا اِستري پوتر نہ هُوندي آهي، تنهنجي اِستريپڻي جا اِهي سَڀ گُڻ ڪوڙن پَٿرن جيان نِڪما ٿي پوندا آهن.

پوترتا ڪان سواءِ اِستري ائين جيئَن خوشبوءِ کان سواءِ گُلُ، يا ڪاغذ جو گُلَ، جنهن ۾ ڪا سُڳنڌ ڪانهي. سُلڇڻي ۽ چريتروان ناري اُهو سُڳنڌي پُشپ آهي، جنهنجي سُڳنڌ چؤطرف ڦهلجي وڃي ٿي.

ڀارت جي اِتهاس روُپي چمن ۾ سيتا، ساوتري ۽ دَمينتي اَسان جي آريہ سَڀيتا جو مرڪزُ آهي. سيتا اَسان جي اِستري روُپي جهازَ لاءِ هِڪُ روشن مُنار آهي. سَنسار ۾ هلندي جي ڪنهن مارگ ۾ اَسين مُنجهي پئون ٿا تہ اِهي ناريوُن پنهنجي چريترَ روُپي مَشعال سان اَسان کي صحيح راهہ بتائين ٿيوُن.

## نوان لفظ:

ساکيات = ظاهر — جنَني = جَنمُ ڏيڻ واري، ماءُ. — پَڳني = پيڻَ
پَراپُڪاري = ٻئي جو ڀلو ڪندڙ — پاڻُ پَتوڙڻ = سَخت ڪوشش ڪرڻ. — ناياب = اَملهُ
مَشعال = چَراغُ، بَتي.

# اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

١) اِستريءَ کي لَڪشمي ۽ دُرگا جو روُپ ڇو ٿو سَمجهيو وَڃي؟
٢) اِستريءَ جي ڀيٽ وَڻ سان ڇو ڪئي ويئي آهي؟
٣) اِستري گهڻن جي ڪاڻ ڪيئن آهي؟
۴) اِستريءَ جي ملڪيت ڪهڙي آهي؟
۵) پوترتا کان سواءِ اِستري ڪيئن آهي؟

**سوال٢:- هيٺيان خالَ ڀريو:**

١) ڪَڏهن -------- ٻڇي پنهنجي ٻالَڪ جي رَکيا ڪري ٿي.
٢) اِستري ------- جيان پراپُڪاري آهي.
٣) سيتا اَسانجي اِستري روُپي جهازَ لاءِ هِڪُ روشن --------- آهي.
۴) هُن جي هردي مان ------- سدائين وهندي رهي ٿي.

**سوال ٣:- هيٺ ڏنل لفظن جا ساڳيءَ معنيٰ وارا لفظ ڏيو:**

پَراپُڪاري - ناياب - شَڪتيوان - چَريتروان - سُڳنڌ.

**سوال ۴:- هيٺين جا ضد لکو:-**

پريم، آنند، پوئتي، پوترتا، سُلڇڻي، چريتروان، صحيح

**سوال ۵:- هيٺين لفظن اِصطلاحن کي جملن ۾ ڪم آڻيو.**

١. قرباني، سنيهہ، پاڻ پتوڙڻ، عجيب، سڳنڌ

**هدايت** - ماستر شاگردن کي ناريءَ جي اَهميت لاءِ اَڄان وڌيڪ ڄاڻ ڏيندو.
**مشغولي** - شاگرد، منهنجي ماءُ يا منهنجي ڀيڻ تي گهر مان ڏهه ڪان پندرهن جملا لکي ايندا.

## پورڪ اڀياس

**سوال (١) الف ۽ ب مان سِٽون چونڊي جوڙا مِلايو:**

| الف | ب |
|---|---|
| ١) اُجل | ١) پريم ۽ تياڳ |
| ٢) شانت | ٢) مسڪراهٽ |
| ٣) لڄ واري | ٣) لِالت |
| ۴) دان | ۴) مکه |

**سوال (٢)** ناريءَ جا گڻ

- آڪاش
- ورکش
- ڌرتي

**سوال (٣) هيٺيان چوکنڊا پورا ڪريو:**

١. ناريءَ جو مکيه ڪردار
٢. اِستري روپي جهاز جو روشن منار
٣. هرديه مان
۴. آريه سڀيتا جو مرڪز

(۴) ”اَڄ جي ناريءَ“ اِن وشيه تي پنهنجا ويچار لکو.

(۵) ”اَسانجي ديش“ ۾ چوڪرين لاءِ سرڪار پاران ڪهڙي رٿا جاري آهي؟ اُن موجب ڪهڙا مکيه قدم کنيا ويا آهن. اِنٽرنيٽ / مائٽ / ماستر جي مدد سان لکو.

(٦) ساويتري ٻائي ڦلي، راجا رام موهن راءِ نارين جي جيون جي سڌاري لاءِ ڪهڙا مکيه ڪاريه ڪيا لکو.

## مشهور ناريون

هيٺ ڀارت جي مشهور نارين جون تصويرون ڏنل آهن. اُهي سڃاڻو. اُنهن مان ڪنهن به هڪ جي ڄاڻ حاصل ڪري گهر مان لکي اَچي ڪلاس ۾ ٻڌايو.



# ٢٢. ڀارت جو لاڏِلو - تِلڪ

اَرجن ميرچنداڻي ”شاد“ (١٩٢٤) نئين پيڙهيءَ جو پرسڌ شاعِرُ آهي. هِن جدا جدا وشين تي پُختو ۽ سنجيِدو شَعر چيو آهي. بمبئِي يونيورسٽيءَ جي سنڌِي وِڀاڳ ۾ ”ريڊر“ جو پُد سينڱارِيائين. هُن جون مکيہ رچنائوُن آهن: ”آءُ گهٽين جو ڳائيندڙ“، ”ڏاهيوُن ڏُک ڏِسَن“ ۽ ”وونگا جي ڪناري تي“. هُن کي سوويٽ لئنڊ جو نهروُ اِنعام ۽ ڀارتيِ ساهتيہ اَڪادميءَ جا اِنعام مليا آهن.

هِن رَچنا ۾ شاعِر لوڪمانيہ تِلڪ جي باري ۾ وَرنن ڪيو آهي.




ٻُڌو. ڳايو.

تُنهنجي همتَ ڏسِي حيرانُ ٿيو سَنسار، تِلڪ!
گونججي ويئي سَندءِ لوڪَ ۾ لَلڪار، تِلڪ!

تو ئيِ اَول ڪيو سَوراج جو آوازُ بلند،
تو ئيِ سُتلن کي ڪيو نِنڊ مان بيدار، تِلڪ!

تو ۾ مادو هو جَهجهو مُلڪ- پرستيءَ جو پريلُ،
هو مِني مُلڪَ جي لئہ توکي سچو پيار، تِلڪ!

جيل - خاني ۾ وجِي عام جو ڊپُ لاهي ڇڏيئہ،
مُلڪِي مستيءَ سان ڪيو دِل کي تو ٿِمٽار، تِلڪ!

تُنهنجي هستيءَ تي سڄِيءَ هِندُ کي ٿو نازُ رهي،
آهہ هرڪنهن جي ڇپَن تي سَندءِ گُفتار، تِلڪ!
ديشواسين جو تِلڪ! توُن هئين روُح رَوان،
ساري ڀارتَ جو ٻڌئين لاڏلو دلدار، تِلڪ!

**نوان لفظ:**

بيدار = سُجاڳہ. مادو = جذبو، ڀاونا هستيءَ = شخصيت
نازُ = فَخرُ دِلدار = پيارو

## اَڀياس

**سوال ١:- هيٺين سوالن جا جواب ڏيو:**

١) تِلڪ چا جو آواز بُلند ڪيو؟

٢) تلڪ عام ماڻهن جو ڌيان ڪيئن ڇڪايو؟

٣) تلڪ جي اندر ۾ ديش لاءِ ڪهڙو جذبو هو؟

**سوال ٢:- هيٺيان لفظ جُملن ۾ ڪتب آڻيو:-**

سَوراج - لَلڪار- مُلڪي مَستي - روُح روان.

**هدايت:-** ماستر شاگردن کي هيءُ بيت سُر تال سان ڳائيندو.
**مشغولي:-** شاگرد لوڪ مانيہ تلڪ جي جيون جو اَهم قصو يا گهٽنا بابت پڙهندا.

**(٣) هيٺين لفظن لاءِ ساڳي معني وارا لفظ لکو:-**

اوَل، همت، نڊر، روح.

## پورڪ اَڀياس

LMCIY3

١. تلڪ جو پورو نالو لکو.

٢. تلڪ ڪهڙو اُتسو شروع ڪيو ۽ ڇو؟

٣. تلڪ ڪهڙو نارو ڏنيو؟

٤. تلڪ جي بارے ۾ وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪري لکو.

٥. منهنجو پيارو نيتا اِن وشيہ تي پنهنجا ويچار لکو.

پنهنجي ديش کي آزاد ڪرائڻ لاءِ اَنيڪ پارتواسين آزاديءَ جي لڙائيءَ ۾ ڀروں ورتو. ڪيترن ناياب هيرن پنهنجي جان ديش تان قربان ڪئي. آزاديءَ کان پوءِ اَسانجو ديش تمام گهڻي ترقي ڪري رهيو آهي.

پر اَڄان اَسان ۾ گهڻتايون آهن. ڇا توهانکي لڳي ٿو سچ پچ اَسان جيڪر اُنهن گهٽتاين کي دور ڪريون؟ ٻڌايو تہ اُهي ڪهڙيون گهٽتايون آهن؟

اُهي ڪيئن دور ڪري سگهون ٿا؟ پنهنجا رايا لکو.

# وارلي چترڪاري

ڏسو جاچيو. ٻڌايو ۽ لکو.



وارلي چترڪاري مهاراشٽر جي روايتي چترڪاري آهي. اُن بابت وڌيڪ ڄاڻ حاصل ڪريو.



मा विद्या या विमुक्तये
महाराष्ट्र राज्य पाठ्यपुस्तक निर्मिती व अभ्यासक्रम संशोधन मंडळ

مھاراشٽر راجيہ پاٺيہ پستڪ نرمتي و اَڀياس ڪرم سنشوڌن منڊل، پڻي.

₹ 46.00

बालभारती इयत्ता ७ वी (सिंधी)